

# خدمت جي لاءِ قيام



روحي انسٽيٽيوٽ





كتاب 2

# خدمت جي لاءِ قيام

Version 26/9/2022
Printed on 7/10/2022

# خدمت جي لاءِ قيام

Version 26/9/2022
Printed on 7/10/2022

## روحي انسٽيٽيوٽ

## ڪتاب 2

Copyright © 2022 by the Ruhi Foundation, Colombia
All rights reserved. Edition 2.1.1.PE published in October 2022
Printed in Pakistan

Originally published in Spanish as Levantémonos a servir
Copyright © 1987, 1996, 2020 by the Ruhi Foundation, Colombia
ISBN 978-958-52941-0-3

Permission for a limited printing of this book in Sindhi has been granted by the Ruhi Institute.

Ruhi Institute
Cali, Colombia
Email: instituto@ruhi.org
Website: www.ruhi.org

## فهرست



| | | |
|---|---|---|
| -1 | ٽيوٽر جي لاءِ چند خيالات | 7 |
| -2 | تبليغ جي خوشي | 37 |
| -3 | مسرور  ڪندڙ ۽ روح پرور گفتگوئون | 17 |
| -4 | معلومات وڌائڻ لاءِ موضوعات | 37 |

## ٽيوٽر جي لاءِ چند خيالات

روحي انسٽيٽيوٽ طرفان پيش ڪيل ڪورسن جي بنيادي سلسلي جو هي ٻيو ڪتاب انهن صلاحيتن بابت آهي جيڪي اسان کي بامعنيٰ ۽ روح پرور گفتگوئن ۾ حصو وٺڻ جي قابل بنائي ٿو. خدمت جو اهو خاص عمل جنهن تي هي ڪتاب ٺهيل آهي. اُن کي ٽيئي يونٽ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هڪ اهڙي دنيا ۾ جتي طاقتور قوتون سماجي ٻنڌڻن کي ٽوڙي رهيون آهن، دوستن ۽ پاڙيوارن جي گهرن ۾ ملاقاتن جو عمل جنهن ۾ معاشرتي زندگي جي مرڪزي موضوعن جي کوج لڳائي ويندي آهي. جيڪڏهن اها ثقافت جي نمايان خاصيت بنجي وڃي. تہ وڌندڙ تنهائي سبب پيدا ٿيندڙ ڪجهہ بيمارين جو علاج ٿي سگهي ٿو. يونٽ تجويز ڪري ٿو تہ اهڙي طرح سان نهندڙ رفاقت جا ٻنڌڻ متحرڪ ۽ هم آ هنگ سماج جي تعمير جي عمل کي تقويت بخشيندا آهن.

ڪنهن محلي يا ڳوٺ ۾ گهريلو ملاقاتن جو هڪ پائيدار پروگرام هڪ حد تائين تنظيم جو مطالبو ڪري ٿو جنهن ۾ مخلص ۽ ذميدار دوستن جي هڪ ”مرڪزي“ ۾ شموليت هوندي آهي جنهن کي مطلوبہ انتظامي ۽ ايجنسين جي حمايت حاصل هوندي آهي. ڪتاب جي مطالعي ۾ ڪنهن گروپ جي رهنمائي ڪندي ٽيوٽر کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ شريڪن کي تيار ڪيو پيو وڃي تہ هو اهڙي قسم جي ڪوشش ۾ شامل ٿين. انهن جي مطالعي جي عملي جُزو جي طور تي انهن جي لاءِ جن ملاقاتن جو اهتمام ڪيو ويندو، انهن کي ڪيترن سالن تائين اُن ڪوشش ۾ حصو وٺڻ جي عزم سبب بنجڻ گهرجي. اهو ئي عزم خدمت جي زندگي جو هڪ اهم حصو آهي.

روحاني ۽ سماجي اهميت جي موضوعن جي کوج کي واضح مقصد جي لاءِ گهريلو ملاقاتن جو عمل واضح طور تي ڪنهن سماج جي ثقافت کي مالا مال ڪندو آهي. هن حوالي سان ايترئون ئي اهم اهي غير رسمي گفتگوئون آهن، جيڪي گهر، اسڪول، ڪم جي جاءِ ۽ مارڪيٽ ۾ ٿينديون آهن. جڏهن تہ اها صلاحيت بہ خاص توجہ جي مستحق آهي. تہ روحاني اصولن کي روزمره جي گفتگوئن ۾ وقت بوقت مُتعارف ڪرايو وڃي. ٻي يونٽ ۾ اُن صلاحيت جي ترقي تي توجہ ڏني ويئي آهي. ۽ اهڙي طرح ٽئي يونٽ ۾ ڪيل مطالعو جو لازمي بنياد فراهم ڪندو آهي.

جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ دوستن ۽ پاڙي وارن سان اسان جي گفتگو پرمسرت ۽ روح پرور هجي تہ اسان کي انهن سان پنهنجن رابطن کي پُرمسرت هجڻ جي قابل هجڻ گهرجي. پهرين يونٽ ۾ ”تبليغ جي خوشي“ ۾ هن موضوع کي مخاطب ڪيو ويو آهي.

روحي انسٽيٽيوٽ جي تجويز ڪيل خدمت جي سيني سرگرمين ۾ دراصل ٻين حڪمت جا موتي ورهائڻا آهن جيڪي اسان کي حضرت بهاءَالله جي ظهور جي سمنڊ مان ڳولهيندا آهيون. پهرين يونٽ جي مطالعي جو مقصد هن حقيقت جي آگاهي کي اُجاگر ڪرڻ آهي. تہ هو عمل ذات خود خوشي جو سبب آهي. ڪيترن حصن ۾ شريڪن کي چيو وڃي ٿو تہ هو خدائي ڪلام تي ۽ اُن کي ٻين سان ونڊڻ جي عظيم برڪتن جي باري ۾ فڪر ڪن يونٽ تجويز ڪري ٿو تہ هن عمل سان خوشي پيدا

ٿيندي آهي. اهو خدمت جي راهہ تي هلندي اسان جي قدمن کي تيز ڪري ڇڏي ٿي. اُن جي باوجود تہ اسان اُن گهَري روحاني سچائي جا مڪمل قائل هجون. جيڪڏهن اسان خدمت جي لاءِ لازمي خاصيتون ۽ روين انهن خاصيتن ۽ رويي جي سلسلي ۾ هڪ ٻي پويان ڪيترن ڪتابن ۾ بحث جو موضوع هوندا. هتي فقط چند جو جائزه ورتو ويو آهي، اُن جو آغاز حصو 7 ۾ انقطاع سان ٿئي ٿو. بهائي ليکتن مان ورتل اقتباسات جو هڪ مجموعہ هن خوبي تي غور و فڪر جي بنياد کي تشيڪل ڏي ٿو. هن خوبي کي جيڪڏهن اسان چاهيون تہ بيروني حالتون خدمت جي خوشي گهٽ نہ ڪن تہ انهن کي اختيار ڪرڻ کانسواءِ ڪا ٻي راهہ ناهي. اهم ڳالهہ  هي آهي تہ شريڪن کي پنهنجي مطالعي مان اهو غلط تاثر نہ وٺن تہ انقطاع جو مطلب لاتعلقي يا لاپرواهي آهي. جيئن جيئن اسان بهتر نيتجا حاصل ڪرڻ جي ڪوشس ڪندا آهيون تہ اسان کي پنهنجين سرگرمين کي تيز ڪرڻ ۽ پنهنجي خدمتن جي افاديت کي وڌائڻ جي لاءِ مسلسل جدوجهد ڪرڻي پوندي. اُن جي لاءِ ڪوشش ۽ ڪاوش جي خاصيت جي مناسب تفهيم درڪار آهي. اُهو عنوان آهي جنهن  تي حصو 8 تي غور ڪيو ويو آهي. پُراميدي ۽ شڪر گذاري خدمت جي راهہ جي لاءِ ٻہ بنيادي رويہ آهن. ۽ انهن کي ايندڙ ۽ آخري حصو ۾ مختصر طور تي بيان ڪيو ويو آهي.

ڪتاب جو ٻيو يونٽ مسرور ڪندڙ ۽ روح پرور گفتگون“ غير رسمي سطح بلند ڪرڻ جي صلاحيت تي توجہ مرڪوز ڪري ٿو.

هن ڪم جي لاءِ هي صلاحيت لازمي آهي تہ موقع جي مناسبت سان روحاني اصولن کي پنهنجي گفتگو ۾ شامل ڪري سگهجي. اهو مختلف مضمونن تي مختصر بيانن جو مجموعہ آهي. جنهن ۾ جڏهن تہ اِهي عين اقتباسات نہ آهن، پر حضرت عبدالبهاءَ جي بيانن تي ٻڌل آهن ۽ انهن ۾ ڪافي سارا اهڙا الفاظ ۽ جملہ شامل آهن، جيڪي خود پاڻ استعمال ڪيا آهن. هي بيان عالمگير جاذبيت رکن ٿا، ۽ سيني پس منظر جي ماڻهن جي اُمنگن ۽ خدشن کي مخاطب ڪن ٿا، اها اُميد ڪئي ٿي وڃي، تہ بيانن جي مطالعي مان شريڪ اُن انداز سان جنهن ۾ حضرت عبدالبهاءَ روحاني اصولن کي بيان فرمائيندا هئا. سڀ متاثر ٿيندا. ۽ اوهان جي طرف رجوع ڪرڻ جي عادت اختيار ڪندا. جيئن جيئن هو حضرت بهاءَالله جي ظهور جي سمنڊ ۾ موجود موتي ڳولڻ، اوهان جي والد بزرگوار جي تعليم جي معنيٰ ۽ لاڳو ٿيڻ کي سمجهندا ۽ اهي فياضي سان ٻين انسانن سان ونڊڻ جي جدوجهد ڪندا.

يونٽ جو مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ شريڪ ٿيندڙن کي هي موقعو ضرور ڏجي تہ هوهر بيان جوڪافي ڀيرا مطالعو ڪن، تصورن جي ترتيب جي سڃاڻپ ڪن. اُن وقت تائين اُن کي پيش ڪرڻ جي مشق ڪن، جيستائين هو تصورن کي اهڙو ياد ڪري وٺن، تہ جيئن اُن کي فطري انداز ۾ بيان ڪري سگهن. شروعات ۾ ڪجهہ دوست بنيادي طور تي بيانن کي ياد ڪندا ۽ اهڙي طرح ئي انهن کي ورجائيندا جهڙي طرح يونٽ ۾ ڏنو ويو آهي. اهومتوقع عمل آهي. جيئن جيئن امر ۾ انهن جي معلومات گهري ٿيندي ويندي ۽ تجربي ۾ اضافو ٿيندو تہ انهن کي وسيع تر مواد ۽ ڪافي گهڻن

الفاظن جي ذخيره تائين رسائي حاصل ٿيندي. جنهن جي جهلڪ ٻين سان انهن جي ڳالهه ٻولهه مان ظاهر ٿيندي. اُن مرحلي تي ٽيوٽر کي معلوم هئڻ گهرجي ته جنهن چيز کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پيئي وڃي اُها دهري آهي. يعني تعليمات ٻٽي مقصد جي وضاحت نسبتا آساني سان ڪرڻ ۽ حضرت عبدالبهاءَ جي نظريه مطابق هئڻ.

جڏهن گروپ جا ميمبر هر بيان جي مواد کي پيش ڪرڻ سکي وڃن، ته هو هڪ ٻي سرگرمي طرف وڌندا آهن. جنهن ۾ انهن جي حوصله افزائي ڪئي ويندي آهي جن نظرين جو انهن مطالعو ڪيو آهي. انهن کي پنهنجن خاندان، دوستن ۽ همڪارن کي مسئلن سان هم آهنگ ڪن، هن هدف کي حاصل ڪرڻ لاءِ اُنهن کي چيو وڃي ٿو ته، گفتگو ۾ ڪنيل موضوعن ۽ سوالن جي باري ۾ سوچين ۽ فيصله ڪن ته انهن مان ڪهڙن موضوعن، نظرين کي شامل ڪرڻ جا امڪان موجود آهن. چند بيانن ۾ هڪ يا ٻه مثال اهو واضح ڪرڻ جي لاءِ ذڪر ڪيا ويا آهن ته حضرت عبدالبهاءَ جي بيان ڪيل روحاني اصول انهن بيانن تي روشني وجهن ٿا، جيڪي هر جڳهه جي ماڻهن جي لاءِ تشويق جو سبب آهن، اها مشق بهتر طور تي يا ثمر ٿيندي. جيڪڏهن ڪتاب جي مطالعي دوران ٽيوٽر هر هڪ رُڪن کي بيانن مان هڪ جو انتخاب ڪرڻ ۽ اُن ۾ موجود تصورن تي گفتگو ڪرڻ جي لاءِ چند دوستن کي منتخب ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي سگهي اهڙي طرح شريڪ پاڻ ۾ ملن ٿا ته انهن جي لاءِ هڪڙو وقت مقرر ڪري سگهجي ٿو. جنهن ۾ هو هڪٻئي سان انهيءَ گفتگو جي بيان جنهن ۾ هو مصروف آهن بيان ڪري سگهن ٿا.

يونٽ جي هر بيان جي لاءِ حضرت بهاءَ الله جي تحريرن مان چند بيان حفظ ڪرڻ جي لاءِ شامل ڪيا ويا آهن. حفظ ڪرڻ تي روحي انسٽيٽيوٽ ڏيڻ، جيڪو سلسلي جي پهرين ڪتاب ۾ ئي ظاهر هو. هاڻي واضح طور تي ظاهر ٿي وڃي ٿو. اهو فرض ڪيو وڃي ٿو ته هن وقت شريڪ ٿيندڙ هن روحاني غذا کان آگاهه آهن. جيڪي انهن کي آثار مقدسه مان اقتباسن کان وقت بوقت ذهن ۾ آڻڻ سان حاصل ٿيندي آهي. بس هن ڪتاب ۾ هو انساني دل تي خدا جي ڪلام جا اثر تي وڌيڪ غور و فڪر ڪندا ۽ ٽيئي يونٽ ۾ ٻئي يونٽ وانگر اُهي آثار مبارڪ ۾ موجود اصولن ۽ تصورن کي پنهنجين ڳالهين کي پيش ڪرڻ سکندا. ۽ جڏهن مناسب هجي ته سڌو سنئون اقتباس جو حوالو ڏيندا. تعليمات مبارڪ جي هو به هو وضاحت ڪرڻ ۽ اُن کي ٻين اڳيان خالص شڪل ۾ پيش ڪرڻ انهن صلاحيتن مان هڪ آهي جنهن کي اسان سڀ خدمت جي راهه تي هلندي ترقي ڏيڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون جنهن بنياد تي ٻئي يونٽ ۾ بناوت ڪئي ويئي آهي اُها هي آهي ته هن ڪم جي آغاز جي بهترين جڳهه حضرت عبدالبهاءَ جي وضاحتن جو مطالعو ۽ انهن کي هن انداز ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ آهي. جيئن توهان ڪندا هئا.

جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته ٽيئي يونٽ بعنوان ”معلومات امري وڌائڻ جا موضوع“ هن ڪتاب جي مخصوص خدمت جي عمل تي ڀرپور توجهه مرڪوز ڪندو آهي. يعني دوستن ۽ پاڙي وارن جي

گهر ۾ ملاقاتون، اهڙي گفتگوئن ۾ مشغول ٿيڻ جي واضح مقصد سان ڪرڻ، جيڪو سماج جي زندگيءَ جي لاءِ ضروري آهن. يونٽ ۾ گفتگو ٽن قسمن جي گفتگوئن جو تصور ڏنو ويو آهي.

هر هڪ لاءِ مخصوص مواد تجويز ڪيو ويو آهي پهريون قسم موضوعن جي هڪ سلسي جي چوڌاري گهمي ٿو. جنهن کي ڳوٺ يا محلي ۾ رهندڙن سان منظم ملاقاتن جي پروگرام وسيلي ظاهر ڪيو وڃي ٿو. جيڪڏهن بيان ڪيل مواد دلچسپي رکندڙ شريڪن سان بهتر انداز ۾ مختلف طريقن سان ونڊي سگهجي ٿو. البته موضوعن جو اصل مقصد هي اهي ته هڪ خاندان جا ڀاتين کي امر مبارڪ جي باري ۾ پنهنجي علم کي وڌائڻ جو موقعو ڏنو وڃي ۽ مواد ۾ اهو مقصد وڌيڪ واضع نظر اچي ٿو بس يونٽ جي زياده تر حصو هن قسم جي گفتگولاءِ مخصوص آهي. پوءِ به گهريلو ملاقاتن هلندڙ سالن ۾ نيون ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. خاص طور تي ننڍن ننڍن جاگرافيائي يونٽن جي طور تي ايستائين جو ڳوٺن ۾ شهري محلن جي سطح تائين به اهڙن ماڻهن جي تعداد ۾ اضافو ڏنو ويو آهي. جيڪي ٽيوٽر نوجوانن جي گروپ جي ايني ميٽر طور ۽ ٻچن جي ڪلاس جي استاد طور تي ڪم ڪري سگهن ٿا. نمايان طور تي اهو قدم نه صرف امرالله جي باري ۾ علم وڌائڻ جي مقصد جي لاءِ ضروري آهي بلڪ هي نوجوانن کي روحاني طور تي بااختيار بنائڻ ۽ ٻچن جي روحاني تعليم و تربيت جي پروگرامن کي ڪامياب بنائڻ لاءِ بيحد ضروري آهي. هن ۾ جيڪا ڳالهه واضح ٿي ويئي اُها هي آهي ته ايني ميٽرن ۽ مُعلمين کي نوجوانن ۽ ٻچن جي والدين سان انهن پنهنجي پروگرامن کي تشڪيل ڏيڻ واريون تصورن ۽ ڪم جي طريقن بابت گفتگو ڪرڻ جي لاءِ باقاعدگي سان ملاقاتون ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهڙي قسم جي خيالن جي ڏي وٺ ٻئي قسم جي گفتگو تي ٻڌل آهي. جنهن کي حصو نمبر 14 ۽ حصو نمبر 15 ۾ جانچيو ويو آهي. انهن حصن ۾ شامل مواد ايترو تفصيلي ناهي. چو ته شريڪ ٿيندڙ مستقبل جي ڪورسن ۾ انهن ٻنهين تعليمي پروگرامن کان گهڻو واقف ٿي ويندا. پر هن قسم جي گفتگو جي اهميت کان انهن جو باخبر ٿيڻ، ٻچن جي ڪلاسن مُعلمين ۽ نوجوانان جي گروپ جي ايني ميٽرن سان والدين جي ملاقاتن ۾ انهن جي همراهي ڪرڻ هن ابتدائي مرحلي ۾ انهن جي لاءِ نهايت فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿو.

يونٽ ۾ تصور ڪيل ٽيئي قسم جي گفتگو هڪ خاص مقصد کي پورو ڪري ٿي. ڪافي جوان مرد ۽ عورتون اهڙن رستن کي تلاش ڪري رهيا آهن. جن کي هو هلي هو دنيا جي بهتري لاءِ شرڪت ڪرڻ جي پنهنجي دلي آرزو جو اظهار ڪري سگهن، هو معاشري تي تبديل ڪرڻ جي صلاحيت جي هڪ وڏي ذخيره جي نمائندگي ڪن ٿا. جيڪا نه صرف منتظر بلڪ بيحد مشتاق آهي. اُن کي استعمال ۾ آندو وڃي. هر عمر وارن درميان اهڙي گفتگو جنهن ۾ هو جواني واري عرصه جا منفرد موقعا ۽ ذميوارين تي ۽ هن عمر جي تمام تر توانائي ۽ غير معمولي صلاحيت تي غور و فڪر ڪندا آهن، گهڻو ڪري خدمت طرف هڪ گتفگو طرف وني وجي سگهن ٿا. ۽ سڄي دنيا ۾ ڳوٺن ۽ پاڙن ۾ ٿيندڙ سرگرمي ۾ دلچسپي کي اُجاگر ڪري سگهي ٿي. اُن جي نتيجي ۾ ڪيترا ماڻهو انسٽيٽيوٽ ڪورسن ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت جو خير مقدم ڪن ٿا. ته جيئن ٻارن جي ڪلاسن جا

مُعلم ۽ نواجوانن جي گروپ جا ايني ميٽر أپرنديڙ نسل کي روحاني تعليم و تربيت فراهم ڪرڻ جي صلاحيت و تربيت جي صلاحيت ڏيئي سگھجي. حصو نمبر 9 ۽ 10 ڪجھ اهڙا تصور پيش ڪن ٿا. جن جو هن قسم جي گفتگو جو انڪشاف ڪري سگھجي ٿو. انهن صلاحيتن کي مستحڪم ڪرڻ جي لاءِ جيڪي افراد با معنيٰ گتفگو شروع ڪرڻ ۽ برقرار رکڻ جي قابل بنائي ٿو. بيشڪ هن يونٽ کي وسيع موضوعن ۽ انهن جو مواد تجويز ڪرڻ کان اجا بہ اڳيان وڃڻو پوندو. وضاحت سان خيال پيش ڪرڻ ڪانسواءِ شريڪن کي گھربل روين ۽ روحاني خوبين کي ترقي ڏيڻ جي ضرورت آهي. هي رويا ۽ خوبيون هن يونٽ ۾ بتدريج ظاهر ٿيندڙ ڪهاڻي جي ڪافي حصن جو بنياد آهي. پر حصو نمبر 4 ۾ گھربل صلاحيتن جي ترقي جي لاءِ انهن جي اهميت کي واضح ڪيو ويندوآهي.

هن حصي ۾ شريڪ اهو سوچين ٿا تہ ملاقات جي تياري ۾ اسان جي دل و دماغ ڪهڙي قسم جي احساسن ۽ خيالن سان پُر هئڻ گھرجي. ۽ حصي نمبر 5 ۾ هو عاجزي و نوڙت جي خوبي تي غور و فڪر ڪندا آهن. ٽيوٽر هن ڳالهہ کي يقيني بنائڻ چاهيندو تہ هي حصو شريڪن جي ڪافي توجہ حاصل ڪندو. ڇو تہ اسان ڪيترو بہ علم حاصل ڪري وٺون. پلي اسان خيالن کي جيترو بہ سٺي نموني بيان ڪري سگھون. اسان جي گفتگو جي تاثير جو انحصار انهن خوبين ۽ روين تي آهي. جيڪو اسان جي گفتگو ۾ نظر ايندا آهن. اهو ياد رکڻ گھرجي تہ ڪتابن جي هن سلسلي ۾ بيان ڪيل خدمت جي عمل جڏهن تہ سماج جي واڌاري ۽ ترقي جي لاءِ مرڪزي ۽ بنيادي آهن. البتہ سڀ کان وڌيڪ هي هڪ اهڙي پروسس جا عنصر آهن جيڪي مطالعي ۽ عمل وسيلي انفرادي صلاحيت کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن هر ٽيوٽر کي سمجھڻ گھرجي. تہ اهي عمل هڪٻئي تي تعيمر ٿيندا آهن. ۽ هر ڪتاب ۾ پيچدگي جي لحاظ سان وڌندا ويندا آهن. خدمت جي هر عمل کي موثر طريقي سان انجام ڏيڻ سگڻ، اڳيان ايندڙ عملن جي گھربل صلاحيت جي لاءِ اشد ضروري آهي. هڪ جاري گفتگو کي برقرار رکڻ جيڪا ڪنهن گھر ۾ ڪافي پيرا ملاقاتن دوران ڪئي وڃي. جهڙوڪ هن ڪتاب ۾ تجويز ڪيو ويو آهي هن سرگرمي کان واضح طور تي زياده توجہ طلب آهي. جيڪو ڪتاب نمبر 1 ۾ تشويق ڪيو ويو آهي يعني هڪ باقاعده دعائيہ جلسہ جي ميزباني پلي اها پنهنجي گھر ۾ هجي يا چند ٻين دوستن سان شرڪت سان هجي. ۽ اهو آساني سان ڏسي سگھجي ٿو تہ آئينده اڃڻ واري خدمت جي وڌيڪ پيچدگي واري قدم کي ڪرڻ جي لاءِ اهو لازمي هوندو تہ شريڪ پنهنجي اندر مخاطب ڪيل صلاحيتن کي پنهنجي اندر ترقي ڏين.

جهڙوڪ ڪتاب نمبر 1 جي تعارفي نڪتن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. انسٽيٽوٽ ڪورسن ۾ شريڪ دنيا جي مختلف طبقن مان ايندا آهن. آغاز ۾ بهائي تعليمات بابت مختلف درجي جو واسطہ يا سجاڻپ رکندا آهن جڏهن هو هن ٻئي ڪتاب کي شروع ڪندا. تہ انهن مان هر هڪ ڪورسن ۾ ڪوليل خدمت جي راهہ تي هلندڙ هوندا. پر ڪجھ فرق رهندو آهي. مثال طور جوانن جي معاملي ۾ جسيتائين هو ٻچن جي ڪلاسن ۽ نوجوانن جي تعليمي پروگرامن مان نہ گذريا هوندا. ڪتاب ۾ پيش ڪيل ڪافي سادا بيان ۽ موضوع انهن جي لاءِ نوان هوندا. ۽ انهن جو مطالعو انهن لاءِ امر جي

باري ۾ پنهنجي علم کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ جي لاءِ هڪ وسيلي جي طور تي ڪم ڪندو. ٽيوٽر کي ان سلسلي ۾ گروپ جي هر ميمبر ۾ افهام و تفهيم کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ ضروري لچڪ ۽ تخليقي صلاحيتن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. ۽ گڏوگڏ هن ڳالهه کي يقيني بنائڻ گهرجي ته ڪورس جي بنيادي مقصد يعني شريڪن کي بامقصد ۽ روح پرور گفتگو ۾ مصروف رهڻ جي قابليت کي حاصل ڪري ورتو آهي. وڌيڪ اهو ته هزارن مقامات تي جتي ڪتاب کي ڪم ۾ آندو ويو آهي. اُتي سماج سازي جو عمل جنهن ۾ ٽيئي يونٽ مدد ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن. پيشرفت جي هڪ جهڙي مقام تي نہ آهن. بس جيڪو ڪجهہ سکيو پيو وڃي اُن تي عمل ڪرڻ، هڪ علائقي کان ٻي علائقي تائين مختلف شڪل اختيار ڪري سگهي ٿو ۽ اهو وڌيڪ اشاره ڏئي ٿو ته هڪ ٽيوٽر کي انهن صفحن جي مطالعي دوران هڪ گروپ جي هر ميمبر جي ضروتن جو جواب ڏيڻ جي لاءِ ڪيتري قدر احتياط ۽ گهري نظر رکڻي پوندي.



# تبليغ جي خوشي

**مقصد**

اهو سمجهڻ ته تبليغ جي خوشي ٻين سان خدا جو ڪلام ورهائڻ جي عمل ۾ آهي.

## حصو1:

”خدمت جي لاءِ قيام“ روحي انسسٽيٽوٽ جي طرفان جاري ڪيل سلسلي جو ٻيو ڪتاب آهي جيڪو مطالعي ۽ عمل کي يڪجاءِ ڪرڻ جي جستجو ڪري ٿو. هن جو هدف خدمت جي ان ميدان ۾ اوهان کي پيشرفت ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ آهي. جنهن ۾ اوهان هڪ ٻٽي مقصد يعني پنهنجي روحاني ۽ فڪري نشو و نما ۽ سماج جي ڪا يا پلٽ ۾ پنهنجي اعانت کي پورو ڪرڻ جي جدوجهد ڪندي قدم رکيو آهي. پهرين ڪورس ۾ شامل ٿيڻ سان اوهان اهو ڄاڻي چڪا آهيو تہ جنهن رستي جو اسان حوالو ڏيئي رهيا آهيون اهو خدمت جي عملن جي هڪ سلسلي کي واضع ڪري ٿو. يعني اُهي عمل جن کي اسان انجام ڏيندي پنهنجي توجہ هن نئين نظم جهاني جي هدف تي ڄمائي رکون ٿا. جنهن جو تصور حضرت بهاالله جي مبارڪ ڪلام ۾ موجود آهي. بس جنهن کي اسين خدمت جي راهہ تي هلڻ چاهيون ٿا. اُهو سندس تعليم کي پنهنجي زندگي ۽ انسانيت جي زندگيءَ تي لاڳو ڪرڻ جي اسان جي ڪوششن تي مشتمل آهي. پاڻ پنهنجي ظهور جو هنن لفظن ۾ بيان فرمائين ٿا.

”اي منهنجا بندا! منهنجي مقدس ۽ منهنجي ملڪوتي ظهور کي اهڙي سمنڊ سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي. جنهن جي گهرائي ۾ بي شمار قيمتي ۽ چمڪدار موتي لڪل آهن هر تلاش ڪرڻ واري جو اهو فرض آهي تہ هو جدوجهد ڪري ۽ هن سمنڊ جي ڪنارن تائين پهچڻ جي ڪوشس ڪري تہ جيئن پنهنجي شوق، جستجو ۽ ۽ ڪوششن سان اوترو نفعو حاصل ڪري جيڪو خدا جي ناقابل تنسيخ ۽ ڳجيهن الواحن ۾ مقرر ڪيو ويو آهي.“ (1)

هن پهرين يونٽ ۾ اسان جي توجہ اُن خوشي طرف هوندي آهي جيڪا اسان جي دلين ۾ اُن وقت پرجي ٿي جڏهن اسان حضرت بهاالله جي ظهور جي سمنڊ ۾ موجود حڪمت جا موتي ڳولي وٺندا آهيون. ۽ ٻين اڳيان پيش ڪندا آهيون. ڪتاب نمبر 1 جي مطالعي مان اوهان اڳ ۾ ڏسي چڪا آهيو تہ اوهان جي تحريرن ۾ موجود ملڪوتي هدايت جا موتي ڪيتري قدر خوبصورت آهن.

اچو تہ اسان ڪجهہ ٻين اقتباسن تي غور ڪريون:

”خدا جو ڪلام هڪ چراغ مثل آهي، جنهن جي روشني هي ڪلام آهي: توهان هڪ ئي وڻ جا ميوا ۽ هڪ جي ٽاري جا پن آهيو.“ (2)

” انصاف مون کي سيني شين کان وڌيڪ پيارو آهي. جيڪڏهن تون مونکي چاهين ٿو تہ اُن کان منهن نہ ڦير، ۽ غافل نہ ٿي تہ جيئن تون منهنجو امين بڻجي سگهين.“ (3)

”هن دور جي ضرورت بابت فڪر ڪريو جنهن ۾ اوهان رهو پيا ۽ پنهنجي ذهن کي اُن جي تقاضائن ۽ ضرورتن تي ڄمائي رکو.“ (4)

”سڀ انسان هڪ هميشہ ترقي ڪندڙ تهذيب و تمدن کي اڳيان وڌائڻ جي لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن.“ (5)

”دنيا گذري ويندي آهي جيڪا لازوال آهي اُها الله جي محبت آهي.“ (6)

”تون منهنجو فانوس آهين ۽ منهنجو چراغ تنهنجي اندر آهي تون اُن سان روشن ٿي. مون کانسواءِ ٻي ڪنهن جي طلب نہ ڪر. ڇو تہ مون توکي غني بڻايو آهي ۽ پنهنجي نعمت توتي پوري ڪري ڇڏي آهي.“ (7)

اوهان وقت سان گڏوگڏ هنن مختصر اقتباسات کي حفظ ڪرڻ چاهيندا.

## حصو:2

هن يونٽ جي مرڪزي موضوع تي پنهنجي فڪر و تدبر جو آغاز ڪرڻ خاطر پهرين حصي ۾ ڏنل پهرين اقتباس کي ٻيهر پڙهو ۽ هيٺ ڏنل مشق حل ڪريو:

هيٺ ڏنل جملن کي مڪمل ڪريو

(الف) اهو اسان جو فرض آهي تہ اسان ______________________ ۽ حضرت بهاءُالله جي ظهور جي سمنڊ ______________ تائين____________________:

(ب) اسان کي حضرت بهاءُالله جي ظهور جي سمنڊ جي ڪنارن تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. تہ اسان اُهي ______________ حاصل ڪري سگهون جيڪي خدا جي ناقابل تنسيخ ڳجهين الواحن ۾ طئي ٿيل آهي.

(ج) نفعو جيڪو اسان حضرت بهاءُالله جي ظهور جي سمنڊ مان حاصل ڪريون ٿا. اُهو ____________ ۽ ____________ جي مناسبت سان آهي.

2- خود ”جدوجهد“ ڪرڻ جو ڇا مطلب آهي؟ ________________________________________

________________________________________

3- ڪنهن چيز تائين ”پهچڻ جي ڪوشش“ ڪرڻ جو ڇا مطلب آهي؟ ________________________

________________________________________

4- هر متلاشي کي ڪيستائين پهچڻ جي سعي ڪرڻ گهرجي.؟ ________________________

________________________________________

5- هڪ چيز جو ٻئي سان ”مناسب“ هئڻ جو ڇا مطلب آهي.؟ ________________________

________________________________________

6- حضرت بهاءُالله اسان کي ٻڌائين ٿا تہ اسان پنهنجي اُن ڪوشش جي ”تناسب“ اوهان جي ظهور جي سمنڊ مان فائدا حاصل ڪنداسين. ________________________________________

________________________________________

(الف) انهن ڪوشش جا مثال ڏيو جيڪي اسان انهن فائدن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪندا آهيون.

________________________________________

(ب) اسان کي حاصل ٿيندڙ فائدن جا چند مثال ڏيو:__________________________________

## حصو3:

اهو ڄاڻندي تہ حضرت بهاءُالله جو ظهور هڪ سمنڊ مثل آهي جنهن جي گهراين ۾ ناقابل اندازه ۽ قيمتي موتي پکڙيا پيا آهن: اسان پوري جدوجهد ڪندا آهيون تہ اسان انهن فائدن کي حاصل ڪريون ۽ اُن جي ڪنارن تائين پهچڻ لاءِ ٻين جي مدد ڪريون. پر اسان پنهنجو پاڻ کان پڇي سگهون ٿا تہ اُن سمنڊ جي ڪنارن کان ڪيترو پري آهيون؟ حضرت بهاءُالله اعلان فرمائين ٿا:

**”اي منهنجا بندو! خدا واحد و برحق منهنجو گواهہ آهي تہ هي بحراعظم بحر زخائر ۽ بحر موج توهان جي بلڪل ويجهو آهي. حيرت انگيز حد تائين نزديڪ. ڏسو هي توهان جي شهہ رڳ کان بہ زياده ويجهو آهي! جيڪڏهن اوهان چاهيو تہ اڪ ڇنڀ ۾ اُن صمداني فيض، سُبحاني فضل، دائمي بخشش ۽ ابها جي عزت جي ڪرم تان اُن مان حصو وٺي سگهو ٿا.“** (8)

1- فقره ”اهو بحراعظم بحر زخائر، بحرموج“ ڪهڙي شيءَ طرف اشارو آهي________________

2- اهو بحريا سمنڊ اسان کي ڪيتري قدر قريب آهي؟____________________________

3- اسان اُن سمنڊ تائين ڪيترو جلدي پهچي سگهون ٿا؟____________________________

4- هيٺ ڏنل جملن کي مڪمل ڪريو:

أ) حضرت بهاءُالله جي ظهور جو عظيم ترين سمنڊ اسان جي ويجهو ________________آهي.

ب) حضرت بهاءُالله جي ظهور جو سمنڊ اسان جي شهہ رڳ کان بہ ________________ آهي
ج) جيڪڏهن اسان چاهيون تہ ______________ ۾ اسان اوهان جي ظهور جي سمنڊ تائين ______________ ۽ ______________ سگهون ٿا.
د) ______________ تہ اڪ ڇنپ ۾ اسان اوهان جي ظهور جي سمنڊ تائين پهچي سگهون ۽ حصو وٺي سگهون ٿا.

## حصو: 4

حضرت بهاءُالله جي ظهور جي سمنڊ جي ڪنارن تائين اسان اُن جي خزانن مان اُن جي ملڪوتي هدايت جا موتي حاصل ڪندا آهيون آزادانہ ۽ بنا شرط تي بين سان ونڊيندا آهيون. اُهي موتي جن جو اسان پنهنجي مطالعي، دعائن، غور و فڪر ۽ امرالله ۽ انسانيت جي پنهنجي ڪوشش ۾ مسلسل ياد ڏهاني جي طور تي اوهان هيٺ ڏنل بيان ڪي حفظ ڪرڻ جي لاءِ ڪجهہ وقت صرف ڪرڻ چاهيندا.

**”اي خدا جي راهہ جا مسافر! تون هن بحر رحمت مان پنهنجو حصو حاصل ڪر- ۽ پاڻ ڪي انهن شين کان محروم نہ ڪر جيڪي ان گهرائين ۾ لڪل هونديون آهن. تون انهن ماڻهن مان ٿي وڃ جيڪي اُن جي خزانن مان حصو وٺي چڪا آهن. هن سمنڊ مان جيڪڏهن شبنم جو هڪ قطري برابر بہ انهن سيني شين تي ڇڻڪاري وڃي تہ جيڪو ڪجهہ آسمانن ۽ زمينن ۾ آهي انهن سيني ڪي خداءِ قادرِ مطلق عليم و حڪيم جي سخاوت سان سرشار ڪري ڇڏڻ لاءِ ڪافي ٿيندو. انقطاع جي هٿن سان ان ڪي آب حيات مان انهن پوشيده شين ڪي ٻاهر ڪيو. ۽ اُن ڪي سڀي مخلوقات تي ڇڻڪار تہ جيئن هن ڪي انسانن جي ٿاهيل تمام حدن کان پاڪ ڪري سگهجي ۽ خدا جي عظيم الشان تخت، اُن جي مقدس ۽ درخشان مقام طرف وڌي سگهن.“** (9)

## حصو 5:

جيئن جيئن اسان انسٽيٽيوٽ ڪورسن مان گهربل مطالعي ۽ عمل ڪي انجام ڏيندي پيشرفت ڪريون ٿا تہ اسانجي خدمت جي لاءِ قابليت وڌندي ۽ اسان اهڙيون خدمتون انجام ڏيئي سگهنداسون. جيڪي اسان جي دلين ۾ بي حد خوشي آڻينديون. ۽ پنهنجي ٻٽي مقصد ڪي پوري ڪرڻ ۾ اسان جي مدد ڪنديون يعني اُهي عمل جهڙوڪ ٻچن جي روحاني تعليم جا ڪلاس وٺڻ، نوجوانن ڪي انهن جي روحاني بااختياري جي پروگرام ۾ شامل ڪرڻ ۽ دوستن جي هڪ گروپ ڪي ڪتابن جي بنيادي سلسلي جي مطالعي ۾ مدد ڪرڻ هن ساري سفر ۾ ڪلام الاهي جنهن ڪي اسان ٻين يعنيٰ ٻارن ۽ بالغن سان ونڊي رهيا هونداسون.

اسان جي مسلسل ڪم جو سرچشمو هوندو. تنهن ڪري مناسب اهو آهي ته اسين ان جي قوت ۽ انساني دل تي ان جي اثرن تي غور و فڪر ڪريون هيٺ ڏنل اقتباس ۾ حضرت بهاءالله ان قوت جي باري ۾ بيان فرمائين ٿا.

**”خدا جي ڪلام کي هڪ ٻوٽي سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي. جنهن جون پاڙون انسانن جي دلين جي گهرائين تائين هونديون آهن. توهان تي فرض آهي ته حڪمت ۽ پاڪيزه و مقدس لفظن جي آب حيات سان انهن کي پاڻي ڏيو. ته جيئن انهن جون پاڙون مستحڪم ٿي وڃن ۽ اُن جون ٽاريون آسمانن بلڪ اُن کان به وڌيڪ بلندي تائين پڪڙي وڃن“** (10)

-1 ڪلام الهي کي ڪهڙي شيءِ سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿي؟________________________

________________________________________

-2 خدائي ڪلام جي ٻوٽي جون پاڙهون ڪيستائين لڳايون ويون آهن؟ ________________

________________________________________

-3 اسان اُن ٻوٽي جي نشو و نما کي اسان ڪهڙي طرح پروان چڙهائي سگهون ٿا؟ __________

________________________________________

-4 هي وڻ ڪهڙين بلندين تائين وڌي سگهي ٿو؟ ________________________________

________________________________________

-5 ڪجهه جملن ۾ هن ڳالهه جي اهميت واضح ڪريو ته ڪلام الاهي کي ٻين سان شيئر ڪرڻ ڇونهايت ضروري آهي؟ ________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

________________________________________

## حصو 6:

هاڻي اسان انهن مختلف سرگرمين بابت سوچيون ٿا. جيڪي اسان جي روزمره جي زندگيءَ ۾ اسان کي مصروف رکنديون آهن. اسان پنهنجي جسم کي کاڌو مهيا ڪندا آهيون. اسان نوان علم حاصل ڪرڻ، ۽ پنهنجي ذهني صلاحيتن ۾ اضافو ڪرڻ خاطر تعليم حاصل ڪندا آهيون. اهڙيون مهارتون حاصل ڪندا آهيون جيڪي اسان کي معاشري جو هڪ ڪارآمد رڪن بنجي رهڻ جي قابل بنائين ٿيون. اسان راندين ۽ تفريح ۾ مشغول هوندا آهيون. پنهنجا روزمره جي زندگيءَ جي ڪافي وقتن ۾ اهڙن قسمن جي مختلف سرگرمين ۾ مصروف رهندا آهيون. جن جو مقصد اسان جي عقلي ترقي ۽ مادي خوشحالي هوندو آهي. پروري هر هڪ ڏينهن ۾ اُهي خاص لمحا هوندا آهن. جيڪي روحانيت سان ڀرپور هوندا آهن. يعنيٰ جڏهن اسان دعا و مناجات ۾ مشغول هوندا آهيون يا جڏهن اسان اڪيلا

يا دوستن سان گڏ ملڪوتي تعليمات ۾ پنهنجي علم کي گهرو ڪندا آهيون. يا مختلف طريقن مان ڪنهن هڪ ۾ اسان پنهنجي آسپاس جي ماڻهن کي حضرت بهاءُالله جي ظهور جي سمنڊ ۾ لڪل موتين کي ڳولڻ ۾ مدد ڪندا آهيون. ڇا اهي لمحا بي انداز قيمتي نہ هوندا آهن؟ ڇا انهن آسماني عنايتن مان حصو ملڻ جي خوشي ڪان وڌيڪ ڪا خوشي ٿي سگهي ٿي؟ اسان کي هميشہ ياد رکڻ گهرجي تہ حضرت بهاءُ الله ڪهڙي طرح اسان خود کي انسانيت جي ترقي جي لاءِ وقف ڪرڻ جي حوصلہ افزائي فرمائيندا هئا:

"اسان سڀ جا سڀ هڪ ئي خدائي مقصد ۾ گڏ آهيون. اسان جي ڪابہ دنياوي منشا ناهي. ۽ اسان جي دلي آ رزوهي آهي تہ خدا جي محبت کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلائي ڇڏيون." (11)

فرض ڪريو تہ اوهان پنهنجي هڪ دوست سان انهن اقتباسن مان ڪنهن هڪ کي ونڊڻ جو موقعو مليو ٿو. جيڪي اوهان حصي 1 ۾ ياد ڪيا آهن. اُها دلي خوشي جيڪا اوهان محسوس ڪريو ٿا اها ڪٿان ايندي آهي؟ فطري طور تي اوهان اُميد ڪريو ٿا تہ اوهان جو دوست حضرت بهاءُالله جي ڪلام مان خوشي ۽ اُميد حاصل ڪندو. پر جيڪڏهن هو اوهان جي توقع جي مطابق جوش و خروش ظاهر نہ ڪري تہ ڇا ٿيندو؟ اوهان جي دل جي خوشي بلڪل غائب ٿي ويندي؟ ڇو نہ ٿيندي؟

................................................................................................................................................

................................................................................................................................................

................................................................................................................................................

## حصو 7:

جڏهن اسان کي اهو احساس هوندو آهي تہ اسان پنهنجين زندگين ۾ جيڪو ڪجهہ ڪندا آهيون. اُن مان ڪلام الاهي کي ٻين اڳيان پيش ڪرڻ ۾ جيڪي لمحا اسين لڳائيندا آهيون. اُهي خصوصي برڪتن سان ڀريل هوندا آهن تہ اسان هڪ نهايت اهم نتيجي تي پهچندا آهيون. تہ خدمت ڪرڻ سان اسان کي جيڪا خوشي حاصل ٿيندي آهي. اُها خود ڪم ڪرڻ ۾ ئي آهي. ظاهر آهي تہ اسان اُميد ڪندا آهيون تہ جيڪا خدمت اسان انجام ڏيندا آهيون ان جا سٺا نتيجا نڪرندا. پر جيڪڏهن اسان نتيجي سان تمام گهڻو وابستہ آهيون جيڪڏهن حد ڪان وڌيڪ تعريف ۽ تنقيد ڪان متاثر ٿيندا آهيون تہ اسان تبليغ جي خوشي وڃائي ڇڏينداسون. اهو تہ جنهن شيءِ اسان کي خدمت ڪرڻ لاءِ متاثر ڪيو آهي اُها "الله جي محبت" آهي نہ ڪاميابي حاصل ڪرڻ، فائدا حاصل ڪرڻ يا سُڃاڻپ حاصل ڪرڻ جي آرزو انهن سيني ڪان انقطاع خوشگوار خدمت جو لازمي شرط آهي. هيٺ ڏنل اقتباسات جو مطالعو اوهان کي هن موضوع تي غور ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو:

"اي ٻن اکين وارا هڪڙي اک بند ڪر ۽ هڪڙي اک کولي ڇڏ، بند ڪر يعني دنيا ۽ دنيا وارن ڪان، کولي ڇڏ يعني جمال قدس جي طرف." (12)

”اي دوستو! فاني جمال ۾ گُم ٿي جمال باقي کان پري نہ ٿجاءِ ۽ هن خاڪستان دنيا سان دل نہ لڳائيج“ (13)

”اي فرزند بيان منهنجي چهري طرف رُخ ڪر ۽ ماسوا کان منهن ڦيري ڇڏ.“
چو تہ منهنجي قدرت لازوال آهي جيڪا ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي- ۽ منهنجي سلطنت دائمي آهي جيڪا ڪڏهن بہ نہ بدلجندي- ۽ مون ڪانسواءِ ڪنهن جو طلبگار ٿيندي تہ ڪڏهن بہ اُن کي حاصل نہ ڪري سگهدين. ڀلي تون عالم هستي ۾ ازل کان ابد تائين اُن کي ڳولهيندو ڦرين“ (14)
”اي يگانہ بيگانہ! تنهنجي دل جي شمع منهنجي قدرت جي هٿن سان روشن ڪري ڇڏيو آهي. اُن کي نفساني حوس جي فحالف هوائن سان گُل نہ ڪر ۽ تمام بيمارين جو طبيب منهنجو ذڪر آهي. اُن کي وسار نہ منهنجي محبت کي پنهنجو ذاتي سرمايو بنائي. اُن کي پنهنجي نظر ۽ جان وانگر عزيز رک.“ (15)
”انقطاع سج مثل آهي جنهن دل ۾ اهو چمڪي ٿو. حرص کي طمع ۽ انا جي باهہ کي وسائي ڇڏي ٿو. جنهن جي نظر سوچ سمجهہ جي روشني سان منور آهي. اُهو يقيناً هن دنيا ۽ هن جي ڪوڙي شان کان پاڻ کي جدا ڪري ڇڏيندو... پاڻ کي دنيا ۽ اُن جي شرمنده ڪرڻ وارين ڳالهين کان پريشان نہ ٿيڻ ڏيو. مبارڪ آهي اُهو شخص جنهن مال ۽ دولت غرور ۾ نٿا ڀرين ۽ غربت غمزده نٿي ڪري.“ (16)

1- ڇا هن دنيا کان منقطع ٿيڻ جو مطلب درويشن وانگر زندگي بسر ڪرڻ آهي؟.......................
2- ڇا اهو ممڪن آهي تہ هڪ ئي وقت اسان هن دنيا کان منقطع ٿيون ۽ دنياوي شين جا مالڪ بہ هجون؟....................................
3- ڇا هڪڙو شخص جيڪو پنهنجي زندگي جي پَل کي پنهنجي ڪم ۾ خرچ ڪري ٿو/ ڪري ٿي. هن دنيا جي شين کان منقطع آهي.........................؟
4- ڇا هڪڙو شخص ايترو ڪم ڪري ٿو تہ اُن جون بنيادي ضرورتون پوروين ٿين، ۽ باقي وقت جيڪا گذاري ٿو تہ ڇا هو هن دنيا کان منقطع آهي؟...................................
5- ڇا هڪڙو شخص جيڪو خدمت جي ميدان ۾ مادي تڪليف برداشت ڪرڻ تي مجبور آهي تہ ڇا اُن کي هن دنيا کان منقطع چئي سگهجي ٿو؟..................................
6- مادي ملڪيت ڪانسواءِ بہ ڪافي شيون آهن جن سان اسان جي دلبستگي ٿي سگهي ٿي. اوهان ڪنهن سان وابستہ ٿيندا. جيڪڏهن اوهان اهڙا شخص هوندا جيڪو:
7- اُن وقت ڪم ڇڏي ڏيڻ چاهي ٿو/ چاهي ٿي. جنهن خدمت جو عمل سرانجام ڏي ٿو پر ڪوبہ ان جو شڪريو ادا نٿو ڪري؟......................................

اُن وقت بدلي محسوس ڪري ٿو/ ڪري ٿي، جڏهن ڪوهن جي پيش ڪيل نظرين کي قبول نٿو ڪري.................................

رد ٿيڻ جي خوف سبب پنهنجو عقيدو لڪائي ٿو/ لڪائي ٿي..........................

8- ”انقطاع جو مطلب“ لاپروائي يا لاتعلقي ناهي. هيٺ ڏنل مان ڪهڙي شيءِ اُن ڳالهه جي علامت ٿي سگهي ٿي. ته ڪوبه منقطع نه آهي.“

__________ٻين جي ترقي ڏسي خوشي حاصل ڪرڻ.
__________ جڏهن ڪجهه ٻار بدتميزي ڪندا آهن ته ڪلاس کي پڙهائڻ ڇڏي ڏيڻ.
__________ پنهنجي ڪاميابين جي باري ۾ ڳالهيون ڪرڻ.
__________ خوب پڙهائي ڪرڻ ۽ پنهنجي پيشرفت تي مطمئن ٿي وڃڻ.
__________ عام فلاح و بهبود جي لاءِ پنهنجي صلاحيت جي نشو و نما جي لاءِ سخت محنت ڪرڻ.
__________ پنهنجي پيشي ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ.
__________ صفائي جي عادت رکڻ ۽ گهر کي صاف سٿرو رکڻ.
__________پنهنجي سامان جو خيال رکڻ.
__________ ٻين جي ڀلائي جو خيال رکڻ
__________ پنهنجي ڪوششن جي تعريف نه ٿيڻ تي دل برداشته ٿي وڃڻ.

9- اسان مان هر هڪ جي لاءِ انتقطاع ايتري قدر اهميت رکي ٿو، ته اوهان کي تجويز ڪجي ٿي ته هن حصي ۾ ڏنل سڀ اقتباس زباني ياد ڪريو:

## حصو 8:

انسان ذات جي خدمت ۾ هڪ پُرمسرت زندگيءَ جون برڪتون حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسان کي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ جي لاءِ آماده رهڻ گهرجي ۽ اسان جون ڪوششون ڪنهن حد تائين قرباني جو تقاضه ڪري سگهن ٿيون. اسان پنهنجي روزمره جي زندگي ۾ ”قرباني جو لفظ تمام گهڻو استعمال ڪندا آهيون. جيڪڏهن اسان جو ڪو دوست صبح سويري ڪنهن سفر تان واپس اچي رهيو هجي ته اسان اُن کي ونڻ لاءِ جلدي سُجاڳ ٿي سگهون ٿا. اسان اهو چئي سگهون ٿا. ته ڪجهه ڪلاڪن جي ننڊ قربان ڪري ڇڏي آهي. اسان جو ڪو عزيز بيمار ٿي ويندو آهي ته اسان پنهنجي تفريح جي وقت مان ڪجهه ڪلاڪ اُن جي سارسنڀال ڪرڻ جي لاءِ ڪڍي سگهون ٿا. زندگيءَ ۾ اهڙا موقعا ايندا آهن. جڏهن اسان کي سخت محنت ڪرڻي پوندي آهي. ۽ سوچي سگهون ٿا ته اسان ڪهڙي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ آرام سڪون قربان ڪري رهيا آهيون.

اسان سيني کي امرالله جي خدمت جي تمام گهڻي خواهش هوندي آهي، پنهنجي وقت ۽ توانائي کي کُلي دل سان، ممڪن حد تائين پنهنجي مادي وسيلن جو هڪ حصو پيش ڪندا آهيون. جڏهن اسان ائين ڪندا آهيون ته اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته خدمت جي راهه ۾ اسان دنيا جون شيون ڇڏي سگهون ٿا، پر جيڪو ڪجهه به اسان حاصل ڪندا آهيون. اُها سچي خوشي آهي جڏهن اسان روحاني طور تي ترقي ڪندا آهيون. اسان کي آئينده ڪورسن ۾ قرباني جي نوعيت تي وڌيڪ غور ڪرڻ جو

موقعو ملندو. شروع ۾ ڄاڻڻ جي لاءِ جيڪو ضروري آهي اُهو هي آهي ته اُن ۾ دست برداري شامل آهي جيڪا اعليٰ جي لاءِ ادنيٰ آهي. جهڙوڪ ٻج خود کي قربان ڪري ٿو ته جيئن هڪ وڻ پيدا ٿي سگهي. قرباني خوشي آڻڻ جو وسيلو آهي ۽ اها خوشي اُن وقت تائين اسان جي ناهي هوندي جسيتائين اسان مسلسل ڪوشش کي وڌائڻ لاءِ تيار نه هجون.

حضرت بهاءَالله فرمائين ٿا:

"همت جي ضرورت آهي ته اسان اُن جي طلب ۾ جانفشاني ڪريون، ۽ ڪوشش لازم آهي. ته جيئن اسان ان جي وصال جي ماکي پيون، اسان جيڪڏهن اهو جام پِي ونون ته دنيا کي وساري ڇڏيون..." (17)

حضرت عبدالبهاء فرمائين ٿا ته:

"آرام نه ڪريو، اطمينان نه چاهيو، هن دنيا جي آسائشن سان دل نه لڳايو خود کي هر وابستگي کان آزاد ڪري ونو ۽ دل و جان سان ڪوشش ڪريو ته خدائي ملڪوت ۾ پوري طرح قائم ٿي وڃو. آسماني دولت حاصل ڪريو. روزبروز اوهان زياده نوراني ٿيندا وڃو. اوهان وحدت جي آستاني جي ويجهي کان ويجهو ٿيندا وڃو" (18)

اسان سيني کي اهو يقين آهي ته پنهنجن مقصدن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اسان کي ضروري ڪوشش ڪرڻي آهي، پر هي ساده عقيدو عمل ڪرڻ ۾ مخصوص اثر رکي ٿو. اسان کي هن کي وساري نه ڇڏڻ گهرجي. پهرين ڳالهه هي آهي ته اهو ياد رکڻ ضروري آهي ته ڪرڻ وارا ڪم، هدف جي دشواري جي سطح ۽ مطلوبه توانائي جي مقدار ۾ مطابقت هوندي آهي. اسان پنهنجو پاڻ کي ڌوڪو ڏئي رهيا آهيون جيڪڏهن اسان اهو سوچيون ٿا ته گهٽ توانائي سان مڪمل ٿي سگهي ٿو. پُرمشقت جي وسعت کي خاطر ۾ آڻڻ ڪو واحد عنصر نه آهي. مستقل خدا جي ۽ استقامت جي ضرورت آهي. توجه ڏيڻ جي ضرورت آهي. ادارن کي مڪمل ڪرڻ جي عادت آهي. نه ڪنهن هڪ کان پوءِ ٻئي هدف ڏانهن هليو وڃڻ، ۽ ڪم کي نامڪمل ڇڏي ڏيڻ، بي دلي رنگ نه لائيندي. ٻچن جي روحاني تعليم جا هفتي وار ڪلاسن جو تصور ڪريو. هر هڪ ڪلاس جي تياري جي لاءِ استاد کي ڪجهه ڪلاڪ وقف ڪرڻ گهرجن، هن پوري عرصي ۾ شاگردن کي سبق جي مواد کي سمجهڻ ۾ مدد ڪرڻ تي ڀرپور توجه رکڻ، ننڍن ٻارن جي والدين سان باقاعدگي سان ملاقاتون ڪرڻ، ۽ هفتي وار انهن جي انفرادي ترقي کي اڳيان وڌائڻ گهرجي، ان ڪلاس جو ڪهڙو حشر ٿيندو جنهن جو استاد ڪڏهن ڪڏهن تياري ڪندو آهي. ٿڪاوٽ سبب ڪلاس کي جلد ۽ اوچتو ختم ڪري ڇڏي ٿو. هر ٻار جي باري ۾ سوچڻ ۽ والدين سان اُن جي ترقي لاءِ گفتگو ڪرڻ جي لاءِ ضروري وقت ڪڍڻ ۾ ناڪام رهي ٿو؟ ۽ ڇا ٿيندو جڏهن ڪلاس صرف اُن صورت ۾ منسوخ ڪيو ويو هجي جڏهن استاد ڪنهن ٻين فرضن جي ادائيگي لاءِ وڃڻ چاهيندو آهي. ڪٿي شهر کان ٻاهران ايندڙ دوست سان ملڻو هجي؟

اهي ڪجهه تبصرا اسان کي قائل ڪن ٿا ته اسان کي هر ڪوشش جي تقاضائن جي مطابق ڪوشش جي مقدار ۽ معيار ٻنهين تي توجه ڏيڻ گهرجي. اهو نه صرف انهن خدمت جي ڪمن جن ۾ اسان مشغول آهيون جي لاءِ صحيح ثابت ٿئي ٿو. بلڪ اهو اسان جي پيشرفت تي اهڙي طرح لاڳو ٿئي ٿو،

ايستائين جو انهن روحاني خدمت جي ڪمن ڪي جن تي اسان هن سلسلي جي پهرين ڪتاب ۾ غور ڪيو هو. يعنيٰ باقاعدگي سان دعا ومناجات تلاوت ڪرڻ. روزانہ خدا جي ڪلام جو مطالعو ڪرڻ، هن ڳالهہ تي غور ڪرڻ تہ ڪهڙي طرح پنهنجين زندگين ڪي تعليمات مطابق بنايو وڃي. ۽ دعائيہ جلسن ۾ سچي دل سان شرڪت ڪرڻ، مسلسل ڪوشش تي ٻڌل آهن. هيٺ ڏنل ڪوشش بابت ڪجهہ بيان آهن. اهو فيصلا ڪرڻ سان تہ ڪهڙا درست آهن اوهان ڪي هن معاملي تي وڌيڪ غور ڪرڻ ۾ مدد ملندي:

_______ جيڪڏهن اوهان هوشيار آهيو تہ اوهان ڪي مفت محنت جي ڪا ضرورت ناهي.

_______ ڊگهي رستي تي ڇو وڃون هميشہ مختصر رستو تلاش ڪريو.

_______ تڪليف سهڻ بنا راحت ناهي

_______ وڏا خواب ڏسو اوهان جون خواهشون پوريون ٿينديون، جيترو وڏو انعام هوندو جدوجهد بہ اوتري زياده هوندي.

_______ جيتري وڏي تڪليف سِلو اوترو ئي منو،جيڪڏهن اوهان پهريون ڀيرو ڪامياب نٿا ٿيو تہ بار بار ڪوشش ڪريو.

_______ ڪم چوڪريون جڏهن اوهان ٻين ڪان ڪم ڪرائي سگهوٿا.

_______ جيڪڏهن اهو تمام گهڻي ڪوشش طلب ڪري ٿو تہ شايد ٿيڻ وارو ناهي.

_______ ننڍا ننڍا قدم جيڪڏهن متواتر ۽ مستقل هجن تہ تمام اڳيان وڃي سگهن ٿا.

_______ قابل قدر چيز آسانيءَ سان نٿي ملي.

_______ ڪمال پوري دل جي لگن سان ڪم ڪرڻ جو مطالبو ڪري ٿو.

_______ هزار ميل جو سفر هڪ قدم سان ئي شروع ٿئي ٿو.

_______ صرف ڪم هلائڻ ئي ڪافي ناهي.

_______ اسان ڪي شين جو خود بہ خود تي وجڻ جو انتظار ڪرڻ نہ گهرجي. اسان ڪي اُن ڪي حاصل ڪرڻ جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي.

_______ ڪاميابي قسمت سان حاصل ٿيندي آهي.

_______ اسان جادو جي وسيلي پنهنجو ٻئو مقصد حاصل نہ ڪنداسون.

_______ اسان ڪي هر روز پنهنجو پاڻ ڪان حساب وٺڻ گهرجي.

اسان خدمت جي راهہ تي پنهنجي روحاني ۽ فڪري نشوونا حاصل ڪرڻ ۽ معاشري جي ڪا ياپلٽ ۾ شريڪ ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي هلندا آهيون اهو واضح آهي تہ هن ٻئي مقصد جو حصول اسان ڪان هڪ عظيم الشان ڪوشش جو مطالبو ڪري ٿو: حضرت بهاءَالله فرمائين ٿا تہ:

”خالق بي مثل سيني انسانن ڪي هڪ ئي مادي مان پيدا ڪيو آهي ۽ اُن جي حقيقت ڪي باقي سڀ مخلوق تي برتري عطا ڪئي آهي. اُن ڪري ڪاميابي يا ناڪامي، نفعو يا نقصان انسان جي پنهنجي

ڪوشش تي منحصر هوندو آهي، هو جيتري جدوجهد ڪندو آهي اوتري زياده ترقي حاصل ڪندو آهي.“ (19)

جيڪڏهن اوهان اجا تائين مٿين عبارت ياد نہ ڪئي آهي تہ اوهان يقيناً ائين ڪرڻ چاهيندا.

## حصو 9:

خدمت مان خوشي حاصل ڪرڻ جي قابل ٿيڻ لاءِ اسان کي پنهنجي اندر چند خاص روين کي پروان چڙهائڻو پوندو. مثال جي طور تي خدمت جي عنايت تي خدا جو شڪر گذار ٿيڻ گهرجي. اهو فرض ڪرڻ بہ ناقابل تصور آهي تہ جڏهن اسان امرالله جي خدمت ڪري رهيا آهيون تہ اسان خدا تي ڪو احسان ڪري رهيا آهيون اسان کي اهو سکڻ گهرجي تہ ناأميدي کان بچون ۽ دنيا ۾ هڪ پُرأميد نقطئہ نظر سان زندگي کي اپنايون. خدمت جي راهہ ۾ اچڻ وارين رڪاوٽن کي وڏيڪ پيشرفت جي لاءِ سيڙهي (ڏاڪڻ) ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو. ايستائين جو مشڪلاتن جي باوجود اسان مستقبل کي يقين جي نظر سان ڏسندا آهيون. حضرت عبدالبهاءَ جي هيٺ ڏنل لفظن ۾ اُن أميد ۽ پرأميدي جي خاصيتن طرف اشاره فرمائين ٿا. جن سان اسان جي ڪوشش کي ڳنڍيل هئڻ گهرجي.

”شروع ۾ ٻج ڪيترو ننڍڙو هوندو آهي پر آخر هو تمام وڏو وڻ بڻجي ٿو. اوهان ٻج کي نہ ڏسو اوهان وڻ کي ۽ اُن جي ٽارين ۽ اُن جي پنن ۽ ميون کي ڏسو.“ (20)

”تڏهن اُن ننڍڙي ٻج جي ناگزير اهميت ڄاڻي ونو. جنهن کي سچي هاري پنهنجي رحمت جي هٿن سان خدا جي هر هلايل زمين ۾ پوکيو آهي ۽ عنايتن ۽ عطين جي برساتن سان اُن کي پاڻي ڏنو آهي ۽ هاڻي هي آفتاب صداقت جي گرمي ۽ اُس ۾ پرورش حاصل ڪري رهيو آهي“ (21)

”جڏهن تون هڪ وڻ کي وڌندو ۽ ظاهر ٿيندي ڏسين تہ اُن جي نتيجي جي لاءِ پُرأميد رهو. نيٺ هن ۾ گُل لڳندا ۽ ميويدار ٿيندو. جيڪڏهن تون سڪل ڪاٺي يا پراڻي وڻ کي ڏسو تہ ميوه لڳڻ جي ڪا أميد ئي ناهي.“ (22)

”اُن سبب ڪري احباءِ الاهي وڏي مشقت سان پنهنجي ڪوشش کي پاڻي سان أميد جي اُن وڻ کي پالين، پرورش ڪريو ۽ اُن کي نشو و نما ڏين.“ (23)

”جيڪڏهن دل خدا جي عطا ڪيل عنايتن کان ڦري وڃي تہ هو خوشي جي أميد ڪيئن ڪري سگهي ٿو؟ جيڪڏهن هي خدا جي رحمت تي پنهنجي أميد ۽ ڀروسو نہ رکندو تہ پوءِ ڪٿي سڪون ملي سگهندو.“ (24)

ڏنل عبارتن تي غور و فڪر ڪرڻ جي لاءِ هيٺ ڏنل جملن کي مڪمل ڪريو:

1- ابتدا ۾ ٻج ڪيترو ننڍڙو هوندو آهي پر آخرڪار............................

2- اسان کي ٻج جي ننڍڙو هئڻ کي ناهي ڏسڻو بلڪہ......................

3- تہ پوءِ اسان کي اُن ننڍڙي ٻج جي اهميت کي ڄاڻڻ گهرجي جنهن کي خدا پنهنجي رحمت جي هٿن سان..............................
4- جڏهن اسان هڪ وڻ کي وڌندي ۽ نشونما ڪندي ڏسون ٿا تہ اسان کي .................. گهرجي.
5- جڏهن اسان هڪ وڻ کي وڌندي ۽ نشونما ڪندي ڏسون ٿا تہ اسان کي پُر اُميد رهڻ گهرجي تہ............................ ٿيندو.
6- پنهنجي ڪوششن جي پاڻي سان اسان کي گهرجي تہ.............................
7- جيڪڏهن دل خدا جي عطا ڪيل عنايتن سان ڀرجي وڃي تہ...................
8- جيڪڏهن هي خدا جي رحمت تي پنهنجي اُميد ۽ ڀروسو نٿو رکي تہ..................

هاڻي هڪ پل جي لاءِ غور ڪريو: ڇا اوهان هن ڳالهہ سان اتفاق ڪريو ٿا تہ عاجزانہ تشڪر جي حالت ۾ اسان جو پُرمسرت ۽ پُراُميد جذبا ٻين جي لاءِ خوشيءَ جو سبب آهن؟ ۽ اڃو تہ هميشہ اهو ذهن نشين رکون تہ امر الله جي خدمت لاءِ قيام ڪرڻ ۾ اسان هڪ نئين ڏينهن جي ظاهر ٿيڻ جي بشارت جا حامل آهيون. يعنيٰ انسان ذات جي متحد ٿيڻ جو ڏينهن. خدا ڪري تہ حضرت بهاءُالله جا اهي الفاظ اسان جي دلين ۾ گونجن:

”خوش آهن اهي جيڪي عمل ڪندا آهن خوش آهن اُهي جيڪي سمجهن ٿا: خوش آهن اُهي جيڪي آسمانن ۽ زمين جي تمام شين کان منقطع ٿي سچائي سان ڳنڍيل رهيا.“ (25)



# روح پرور گفتگو

**مقصد:**

**گفتگو ۾ روحاني اصولن کي متعارف ڪرائڻ جي قابليت حاصل ڪرڻ.**

## حصو:1

هن ڪتاب جي پهرين يونٽ ۾ اسان اُن جي بي انتها خوشيءَ جو ذڪر ڪيو هو. جيڪا خدا جي ڪلام کي ٻين سان شيئر ڪرڻ جي عمل سان حاصل ٿيندي آهي. خدمت جي راھ تي هلندي اسان کي دوستن ۽ ڄاڻ سڃاڻ وارن سان حضرت بهاءُ الله جي ظهور مان حاصل ٿيندڙ بصيرتن تي گفتگو ڪرڻ جا بيشمار موقعا ملندا آهن. بس نهايت لازمي قابليتن کي نشو ونما ڏيڻ جي اسان سيني کي ضرورت آهي. اُهي قابليتون شامل آهن، جيڪي اسان کي بامعنيٰ ۽ روح پرور گفتگو ۾ اعانت ڪرڻ جي قابل بنائين ٿيون. هن يونٽ ۽ اڳئين يونٽ جو مقصد هن سلسلي ۾ اوهان جي مدد ڪرڻ آهي. هتي اوهان اهو سوچي سگهو ٿا تہ موقع جي مناسبت سان روحاني اصولن جو حوالو ڏيندي اوهان پنهنجي گفتگو جي سطح کي ڪهڙي طرح بلند ڪري سگهوٿا. اڳئين يونٽ ۾ اوهان پنهنجي ڳوٺ يا محلي ۾ هڪ متحرڪ سماج جي تعمير جي لاءِ منظم ڪوشش جي حصي طور مخصوص موضوعن تي گفتگو جي سلسلي جو آغاز ڪرڻ ۽ برقرار رکڻ جي باري ۾ سوچيندا. اُن ڪان پوءِ ايندڙ حصن ۾ اسان مختلف موضوعن ۽ ڪيترن بيانن جو مطالعو ڪنداسون. جيڪي عين اقتباس نہ آهن. پر اُهي سڀ حضرت عبدالبهاءَ جا خطاب ۽ الواح تي مشتمل آهن. ۽ انهن ۾ اُهي فقرا شامل آهن جن جو اوهان استعمال ڪندا هئا. اوهان کي گهرجي تہ هر بيان کي ڪافي ڀيرا پڙهو. خيالن جي ترتيب جي سُڃاڻپ ڪريو. ۽ پنهنجي گروپ جي ٻين دوستن سان واري واري وڏي آواز ۾ ورجايو. ايستائين جو اوهان انهن جو فطري انداز ۾ اظهار ڪري سگهو. هي مشق اوهان کي اُن وقت آساني سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ڪندي جڏهن اوهان امرالله جي تعليمات مان اخذ ڪري ڪنهن گفتگو کي اڳيان وڌائڻ مناسب سمجهو.

يقينن اوهان هن يونٽ ۾ مقدس آثارن مان اقتباسن کي حفظ ڪرڻ جاري رکندا. ڇو تہ انهن ۾ انساني دلين ۽ ارادي ۾ منجذب ٿيڻ جي هڪ خاص قوت آهي. ۽ جڏهن اها اوهان جي تقرير ۾ پرويل هوندا. تہ ٻڌڻ وارن تي گهرو اثر پوندو. پوءِ بہ گفتگو ۾ مقدس ڪلام مان حوالہ ڏيڻ ۾ حڪمت درڪار آهي. ضروري آهي تہ اعتدال رکيو وڃي ۽ سڌو سنئون مقدس آثار مان حوالہ ڏيڻ، ۽ امر الله جي تعليم کي پنهنجن اکرن ۾ واضح ڪرڻ درميان توازن رهي. اُن توازن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ اهان کي گهرجي تہ مبارڪ ڪلام جي مطالعي لاءِ تمام گهڻو وقت ۽ توانائي وقف ڪريو. ۽ انهن کي پنهنجي خيالن ۽ احساسن جي صورت گيري ڪرڻ ڏيو.

## حصو 2

اوهان کي جنهن پهرين بيان جو مطالعو ڪرڻ جي لاءِ چيو پيو وڃي اُهو انسان ذات کي مربيّ جي ضرورت آهي.

جڏهن عالم موجودات تي غور ڪريون ٿا ته ڏسون ٿا ته معدني، نباتي، حيواني ۽ انساني عالم، هر هڪ کي مُربيّ جي ضرورت هوندي آهي. هڪ باغ کي باغبان جي ضرورت هوندي آهي. سني فصل حاصل ڪرڻ جي لاءِ هاري جي ضرورت هوندي آهي. جيڪڏهن انسان کي بيابان ۾ اڪيلو ڇڏي ڏجي ته هو جانورن جا طور طريقا اختيار ڪندو. جيڪڏهن اُن جي تربيت ڪئي وڃي ته هو ڪاميابي جي اعليٰ ترين بلندين تائين پهچي سگهي ٿو. جيڪڏهن مُربيّ نه هجي ته هي تهذيب و تمدن به نه هجي ها.

تربيت جا ٽي قسم آهن. ماديّ، انساني ۽ روحاني. مادي تربيت جسم جي نشو و نما بابت آهي. انساني تربيت جو تعلق تمدن ۽ ترقي سان آهي. هي حڪومت، سماجي نظام، انساني فلاح و بهبود، تجارت و صنعت، هنر و فن، سائنس، اهم ايجادون، ۽ عظيم مُهمات بابت هوندو آهي. روحاني تربيت، خدائي ڪمال جي حاصل ڪرڻ تي ٻڌل هوندو آهي. اها ئي حقيقي تربيت آهي، ڇو ته اُن جي مدد سان انسان جي روحاني ۽ اعليٰ فطرت جي ترقي ٿيندي آهي.

پيشرفت ڪرڻ جي لاءِ نوح بشر کي هڪ (مربيّ) جي ضرورت آهي. جنهن وٽ ماديّ، انساني ۽ روحاني (مربيّ) جي طور تي واضح اختيار هجي. هاڻي جيڪڏهن ڪو شخص اهو چئي ته "منهنجي فهم و ادراڪ ڪامل آهي، ۽ مون کي ڪنهن اهڙي تربيت ڪرڻ واري جي ضرورت نه آهي." ته هو هڪ اهڙي ڳالهه کان انڪار ڪري رهيو آهي جيڪو بلڪل واضح ۽ صاف آهي. اهو بلڪل هڪ ٻار جي چوڻ وانگي هوندو. ته تعليم و تربيت جي ضرورت نه آهي. آءٌ عقل مطابق عمل ڪندس، ۽ خود بخود ڪمال حاصل ڪري وٺندس."

نوح بشر کي هڪ اهڙي ڪامل مُربيّ جي هميشه ضرورت رهي آهي. يعني هڪ اهڙي تربيت ڪرڻ واري جي جيڪو اُن کي جسم جي صحت ۽ نشو نما بابت معاملن کي منظم ڪرڻ ۾ مدد ڪري. علم، ايجادات، ۽ انڪشافات جي پيشرفت کي تحرڪ مهيا ڪري. ۽ سڀ کان ضروري هي آهي ته اُن ۾ روحاني زندگي پري. ڪو عام ماڻهو انهن نهايت مشڪل هدفن کي حاصل نه ٿو ڪري سگهي. فقط ظهور الاهي ئي اُن کي انجام ڏيڻ جي طاقت رکن ٿا. هي اُهي چونديل انسان آهن جن کي خدا مختلف زمانن ۾ نوع بشر جي عالمگير مُربيّن جي طور تي موڪلي ٿو.

1- پنهنجي گروپ سان هن بيان کي ڪافي پيرا پڙهو ۽ هن جي مواد کي چڱي طرح سکڻ جي لاءِ هڪٻئي جي مدد ڪريو. ۽ هڪٻئي کان انهن تصورن جي باري ۾ سوال ڪريو انهن کي آساني سان ۽ فطري انداز ۾ پيش ڪرڻ جي مشق ڪريو.

2- اُن کان پوءِ پنهنجي گروپ ۾ مشورو ڪريو ته اوهان جن تصورن کي هتي بيان ڪرڻ سکيو آهي. انهن کي هڪ گفتگو ۾ ڪيئن متعارف ڪرائي سگهجي ٿو. ظاهر آهي اوهان اوچتو پنهنجي دوست کي اهو نه چوندا ته تربيت ٽن قسمن جي آهي اوهان جي لاءِ مناسب آهي ته اوهان گفتگو جي قسمن بابت سوچيو جن ۾ ذڪر ٿيل مٿين تصورن بابت تعلق ثابت ٿئي. شايد زيرِبحث سماج جي اخلاقي ڪيتي يا دنيا جي بهتري جي لاءِ عمل جو طريقو آهي. هن نئين گفتگو تي غور

ڪريو جن ۾ اوهان دوستن ۽ گهر جي ماڻهن ۽ چاتل سچاتل ماڻهن سان گفتگو ۾ مشغول هوندا آهيو. انهن جي ذهنن ڪي گهريل مسئلن مان ڇا ڪجهه اهڙا موضوع آهن جيڪي هن بيان جي تصورن جي چوڌاري هڪ گفتگو کي جنم ڏيئي سگهن؟

-3 ..........................................................................................................................................................

..........................................................................................................................................................

..........................................................................................................................................................

-4 اوهان هينئر جن موضوعن جو مطالعو ڪيو آهي انهن تي ٿيندڙ گفتگو جي دوران اڪثر سوال پيدا ٿيندا آهن. جڏهن ڪو اوهان کان هي سوال ڪري ته ”اوهان جن تربيت ڪندڙن جو ذڪر ڪري رهيا آهيو. انهن مان ڪجهه ڪهڙا آهن“ ته اوهان ڇا جواب ڏيندا؟

-5 ..........................................................................................................................................................

..........................................................................................................................................................

..........................................................................................................................................................

-6 هيٺ ڏنلن مان حضرت بهاءُ الله جي مقدس آثار مان ورتل انسانيت جي لاءِ مربيّ جي ضرورت بابت ڪجهه اقتباسن ڏنا ويا آهن انهن تي غور ڪريو ۽ گهٽ ۾ گهٽ انهن مان هڪ کي زباني ياد ڪريو. اهڙي طرح اوهان اِن قابل ٿي ويندا. ته جڏهن مناسب هجي ته پنهنجي گفتگو ۾ آثار مبارڪ کي پروئي سگهو:

”سڀ انسان هڪ هميشه ترقي ڪندڙ تمدن کي اڳيان وڌائڻ خاطر پيدا ڪيا ويا آهن.“ (1)

”واحد خدا برحق تعاليٰ جو پنهنجي بندن درميان ظهور فرمائڻ جو مقصد هي آهي ته هو انهن هيرن کي ٻاهر ڪڍي ڏيکاري جيڪي انساني نفوس جي کاڻ ۾ پوشيده آهن.“ (2)

”خدا جو بندن جي درميان پيغمبر موڪلڻ جو ٻٽو مقصد آهي. پهريون هي ته هو انسانن کي جهالت جي اونداهيءَ کان آزادي ڏياري. ۽ دانائي جي روشني طرف انهن جي رهنمائي ڪري. ٻيو مقصد هي آهي ته هو انسانن درميان امن ۽ سڪون کي يقيني بنائي. ۽ هو تمام وسيلا مهيا ڪري جن سان اُن کي قائم ڪري سگهجي.“ (3)

”انسانن کي هر دور ۽ سڀني حالتن ۾ اُن هستي جي ضرورت هوندي آهي. جيڪو انهن کي نصيحت ڪري، انهن جي رهنمائي ڪري، انهن کي هدايت ڏي، انهن جي تربيت ڪري.“ (4)

## حصو 3:

هيٺ ڏنل جملن ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته ڪهڙي طرح خدا کي اُن جي مظاهر ظهور جي وسيلي ئي سڃاڻي سگهجي ٿو. هي خيال دوستن سان گفتگو دوران اوهان جي مدد ڪندا.

هن بي پناهه ڪائنات تي غور ڪريو. ڇا اهو سڀ ڪجهه ممڪن آهي تہ بنا ڪنهن خالق جي پيدا ڪيو ويو آهي؟ جيڪڏهن اسين سڀني مخلوق جو مشاهدو ڪريون تہ اسين ڏسنداسون تہ هيٺين سطح جي هر شيءِ پاڻ کان بلند سطح جي شيءَ جي قوت کي سمجهڻ کان قاصر آهي. پٿر ۽ وڻ ڀلي ڪيتري بہ ترقي ڪن، ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي قوت جو ڪڏهن بہ تصور نٿا ڪري سگهن. جانور ڪڏهن بہ انسان جي حقيقت کي نٿا سمجهي سگهن. ۽ نہ ئي انساني روح جي قوت کي ڄاڻي سگهندا. پوءِ اسان جيڪي مخلوق آهيون، ڪهڙي طرح پنهنجي خالق جي حقيقت کي سمجهي سگهون ٿا؟

جڏهن تہ اسان جي سمجهہ خدا تائين نٿي پهچي سگهي. پر اُن جي عرفان ۽ سڃاڻپ کان لڳاتار محروم نہ ڪيا ويا آهيون. وقت بوقت هن ڌرتي تي هڪ خاص وجود ظاهر ٿيندو آهي. جيڪو خدا جو مظهر ظهور هوندو آهي. سيئي خدائي ڪمال، رحمت، جاه و جلال انهن مقدس مظهر ظهورن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. اهڙي طرح جيئن سج جا ڪرڻا هڪ صاف شفاف آئيني ۾ ظاهر هوندا آهن. اهو چوڻ تہ آئينو سج کي منعڪس ڪري ٿو، اهو ظاهر نٿو ڪري تہ آفتاب پنهنجي جلال جي بلندين کان هيٺ لهي آيو آهي. ۽ هن آئيني ۾ ملي ويو آهي. اهڙي طرح خدا تقدس جي آسمان کان موجودات جي سطح تي نٿو لهي، اُن جو مطلب هي آهي تہ نوع بشر خدا جي اسماء و صفتن ۽ ڪمال جي باري ۾ جيترو ڄاڻي ٿي، سکي ٿي، ادراڪ ڪري ٿي اُهو سڀ اُن مقدس مظهر ظهور جو حوالو آهن.

1- پنهنجي گروپ ۾ مٿي ڏنل بيان جو ڪافي ڀيرا مطالعو ڪرڻ ۽ اُن مٿن مان هڪٻئي جي لاءِ ناهيل سوالن جا جواب ڏيڻ بعد اوهان کي گهرجي تہ خيالن کي آساني سان ٻڌائڻ جي مشق ڪريو.

2- اوهان پنهنجي گروپ ۾ مشورا ڪريو تہ هتي سکيل نظرين کي اوهان ڪهڙي طرح هڪ گفتگو ۾ فطري انداز ۾ شامل ڪري سگهو ٿا. اهڙو مثال جي طور تي خدا جي وجود يا زندگي جي مقصد تي ڪنهن گفتگو ۾ آساني سان ڪري سگهجي ٿو. اوهان جي خاندان ۽ دوستن درميان گفتگو ۾ ڪهڙا ٻيا موضوع ۽ سوال پيدا ٿيندا آهن. جن ۾ اوهان کي انهن تصورن کي شيئر ڪرڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو؟

..........................................................................................................................................

..........................................................................................................................................

..........................................................................................................................................

3- فرض ڪريو تہ پنهنجن دوستن سان هڪ گفتگو دوران اوهان کي موقعو ملي ٿو، تہ اوهان هينئر جن نظرين جو مطالعو ڪيو آهي. انهن کي متعارف ڪرايو. جيڪڏهن انهن مان ڪو اوهان کان هيٺ ڏنل سوال پڇي تہ اوهان ڪهڙو جواب ڏيندا: "خدا جي باري ۾ اُن جي مظهر ظهور جي ذريعي جيڪي اسان شيون ڄاڻون ٿا. انهن مان ڪجهہ ڪهڙيون آهن؟

..........................................................................................................................................

..........................................................................................................................................

..........................................................................................................................................

4- حضرت بهاءَ الله جي مبارڪ آثارن مان هيٺ ڏنل اقتباسن مان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ زباني ياد ڪرڻ چاهيندا ته جيئن اوهان پنهنجن دوستن سان هن موضوع تي گفتگو ڪندي اُن جا حوالہ ڏيئي سگهو.

”خدا جي معرفت ۽ اُن تائين رسائي نٿي ٿئي پر انهن حقيقتن جي آفتابن جي چمڪندڙ ڪينونات تائين پهچڻ ۽ انهن جي سڃاڻپ ڪانپوءِ.“ (5)

”مظهر ظهور جي ذات هميشہ خدا جي قائم مقام ۽ اُن جي ترجماني رهي آهي ۽ آهي. درحقيقت هو خدا جي ”اسماء حسنيٰ“ جو مطلع ۽ اُن جي برتر صفتن جو ”مشرق“ هوندو آهي.“ (6)

وڌيڪ اوهان يقين رکو ته انهن مظاهر ظهور الاهي مان هر هڪ جيڪي اعمال و افعال ڪيا يا انهن بابت جيڪا به ڳالهه آهي يا جو ڪجهه به مستقبل ۾ انهن مان ظاهر ٿيندو اُهو سڀ الله جي طرفا کان، ان جي مرضيءَ ۽ مشيت جو عڪس آهي.“ (7)

## حصو 4:

دين جي هيڪڙائي ڪافي ماڻهن جي دلچسپي جو موضوع آهي. ۽ هيٺ خيال ڪافي موقعن تي اوهان جي مدد ڪندا:

اسان کي روشني جوشيدائي هئڻ گهرجي پلي هو ڪنهن به چراغ مان ظاهر ٿئي. اسان کي گلاب جو عاشق هئڻ گهرجي. پلي کهڙي به باغ ۾ ڦٽي. اسان کي سچائيءَ کي تلاش ڪرڻ گهرجي، پلي ڪنهن به وسيلي مان حاصل ٿئي. ڪنهن هڪڙي چراغ سان دل لڳائڻ اسان کي اُن روشني جي قدر ڪرڻ کان نہ روڪي ڇڏي، جيڪا ڪنهن ٻئي چراغ مان ظاهر ٿي رهي هجي. سچائي جي تلاش لاءِ ضروري آهي ته اسان کي خود کي قائم ڪيل تصورن ۽ تعصبن کان آزاد ڪري ونون، جيڪڏهن اسان جو پيالو اڳ ۾ ئي اَنا سان پريل هوندو ته اُن ۾ آب حيات جي لاءِ گنجائش ئي نہ آهي.

دين دنيا جي روشني آهي. اِها اسان جي اقدامن جي رهنمائي ڪندو آهي، اسان جي لاءِ لازوال خوشي جا دروازا کولي ٿو. جڏهن اسان ڪٽر عقيدن ۽ انڌي تلقيد جي قيد کان آزاد ٿي سيني عظيم دينن جي تعليمات جي تحقيق ڪريون ٿا، ته اسان ڄاڻي ونون ٿا ته سڀ جا سڀ هڪڙي بيناد تي قائم آهن، اُهي سڀ خدا جي معرفت کي ظاهر ڪن ٿا. هو عالم انساني جي پيشرفت جا طالب آهن.

ظاهر آهي ته وقت ۽ جڳهہ جي تقاضن مطابق هر دين جا جاري ڪيل سماجي اصولن ۽ قانونن ۾ فرق موجود آهي پر پنهنجي جوهر ۾ سڀ دين هڪ آهن، هو ايمان، علم، ايقان، انصاف، پرهيزگاري، بلند نظريي اعتماد، محبت الله ۽ نيڪوڪاري کي پروان چڙهائيندا آهن. هو پاڪيزگي، انتقطاع، رواداري، صبر ۽ استقامت سيکارين ٿا، انهن انساني فضيلتن جي هر دور ۾ تجديد ڪئي ويندي آهي.

اها بدقسمتي آهي تہ تعصب ۽ انڌي تعليم جي سبب ڪجهہ ماڻهو دين جي بنيادي وحدت ڏسي نہ سگهندا آهن. انسانيت جي لاءِ خدا جي هدايت ئي حق آهي. ۽ حق جي ڪا تقسيم ناهي، اِهو واحد آهي، جيڪڏهن اسان اڳ ۾ قائم شده تصورن کي هڪ طرف رکي حقيقت جي آزادانہ تحقيق ڪريون تہ اسان جي تلاش اتحاد جي طرف وٺي ويندي. دين کي کپي تہ اسان کي متحد ڪري. ان کي گهرجي تہ ماڻهن درميان محبت جي ٻڌڻ قائم ڪري جيڪڏهن دين دشمني ۽ اختلاف جو سبب آهي تہ اُن جو نہ هجڻ ئي بهتر آهي.

1- گذريل حصي وانگر هن بيان کي ڪافي پيرا پنهنجي گروپ ۾ پڙهو، هڪبئي سان انهن نظرين بابت سوال ڪريو يا پُڇو ۽ انهن کي چڱي طرح پيش ڪرڻ جي مشق ڪريو:

2- پنهنجي گروپ ۾ غور ڪريو تہ اوهان جن تصورن جو مطالعو ڪيو آهي، انهن کي ڪهڙي طرح هڪ گفتگو ۾ شامل ڪري سگهو ٿا. مثال طور مذهبي تنازعہ بابت، جنهن جي باري ۾ اڪثر ماڻهو سوچين ٿا. پر اوهان خود کي اهڙن دوستن درميان بہ ملندا. جيڪي حقيقت جي تلاش جي اهميت ۽ ڪنهن پروپگنبدا جي ساز باز سان اثر انداز نہ ٿيڻ جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪري رهيا هجو. هڪ پيرو وري پنهنجن دوستن ۽ پاڙيوارن ۽ گڏ ڪم ڪرڻ وارن ۽ ڄاڻ سڃاڻ وارن سان حاليہ گفتگو جي باري ۾ سوچيو. انهن جي ذهنن ۾ اهڙا ڪهڙا مسئلا آهن، جيڪي انهن نظرين بابت آهن هڪ گفتگو سان مفيد ٿي سگهن ٿا..

.....................................................................................................................................

.....................................................................................................................................

.....................................................................................................................................

3- مٿين نظرين کي گفتگو ۾ شيئر ڪرڻ بعد جيڪڏهن ڪو اوهان کان اِهو پڇي تہ ”سيني دينن جون گڏيل حقيقتون ڪهڙيون آهن؟ تہ اوهان ڪهڙي طرح جواب ڏيندا.“

.....................................................................................................................................

.....................................................................................................................................

.....................................................................................................................................

4- تجويز ڏجي ٿي تہ حضر بهاءُ الله جي ڪلام مان ورتل اقتباساتن ۾ هڪ يا ٻن کي زباني ياد ڪريو:

”هن ڳالهہ ۾ ڪو شڪ نہ ٿو ٿي سگهي تہ دنيا جا سڀ ماڻهو پلي انهن جو تعلق ڪهڙي بہ نسل يا دين سان هجي هو هڪ آسماني سرچشمي مان فيض حاصل ڪن ٿا، ۽ هڪ ئي خدا جا ٻندا آهن.“ (8)

”اوهان سڀ اهل اديان سان نهايت روح رهاڻ سان رهو سهو.“ (9)

”خدا جو دين ۽ اُن جي مذهبن جو بنيادي مقصد جيڪو اُنهن کي تحرڪ ڏي ٿو. نوح انسان جي فائدن جو تحفظ ۽ انهن جي اتحاد کي وڌائڻ وارو آهي.“ (10)

”خدا جو دين الفت و اتحاد جي لاءِ آهي اُن کي دشمني ۽ تفرق جو سبب نہ بڻايو.“ (11)

**حصو 5:**

سائنس ۽ دين درميان تعلق اهو اڳيون موضوع آهي. جنهن جو مطالعو ڪرڻ لاءِ اوهان کي چيو پيو وڃي."

دين کي سائنس مطابق هئڻ گهرجي:

خدا اسان کي عقل عطا ڪيو آهي ته جيئن اسين سمجهي سگهون. ته سچ ڇا آهي؟ سائنس ۽ دين سان عقل جي معيار تي پورو لهڻ جي توقع ڪئي وڃي ٿي. تنهن ڪري انهن کي هڪٻئي سان موافق هُئڻ گهرجي. اهي اُهي ٻه پَر آهن جن تي انساني ذهانت عظيم بلندين تائين پهچي سگهي ٿي جنهن سان انسانيت پرواز ڪري سگهي ٿي. هڪڙو پَر ڪافي نه آهي. سائنس خدا جي هڪ عنايت آهي، هي جسماني عالم جي قانونن کي دريافت ڪري ٿي. ۽ فطرت جيڪي حدون اسان تي عائد ڪيون آهن، انهن کي قابو ڪرڻ جي قابل بنائي ٿي. سائنس پرزن جي مدد سان اسان پوشيده شين کي ظاهري نظر سان ڏسي سگهون ٿا ۽ هڪ پل ۾ دور دراز فاصلن تائين رابطه ڪري سگهون ٿا، سائنس حال ۽ ماضي کي ملائي ٿي مستقبل جي اسرار کي ظاهر ڪري ٿي. ماڻهن جي ترقي جو انحصار سائنسي علم تي آهي. خدا جو دين سچائي کي وڌائڻ وارو، علم جو حامي ۽ انساني نسل کي مُهذب بنائڻ وارو. دين کان سواءِ سائنس ماديّت جي پيش رفت جو هڪ هٿيار بنجي ويندي، ۽ نيٺ مايوسي طرف وٺي ويندي آهي. جڏهن دين سائنس جو مخالف هجي ته اهو فقط وهم پرستي بنجي ويندو. جيڪڏهن دين ۽ سائنس هڪٻئي سان هم آهنگ هجن ته ڪيتريون ساريون نفرتون ۽ تلخيون جيڪي هن وقت انسانيت جي بدبختي جو سبب آهن اُهي سڀ ختم ٿي وينديون.

1- هميشه وانگر پنهنجي گروپ ۾ هن بيان کي جمله به جمله ڪافي ڀيرا پڙهو ۽ هڪٻئي کان سوال پڇو ايستائين جو اوهان مواد کي ايترو سکي وٺو جو انهن کي فطري انداز ۾ پيش ڪري سگهو.

2- اهڙي شخص کي جيڪو چوي ٿو ته "دين ماضي جي شئي آهي." سائنس انسانيت جا سڀ مسئلا حل ڪري ڇڏيندي" اوهان ڇا جواب ڏيندا؟ ڇا اوهان جي لاءِ اهو واضح ڪرڻ مفيد ٿيندو ته دين ۽ وهم پرستي هڪ نه آهن، پر سائنس کان سواءِ هي وهم پرستي بنجي ويندو آهي. ۽ اهو ته دين کان سواءِ سائنس ماديّت مان پيدا ٿيندڙ مايوسي طرف وٺي ويندي آهي؟ ڇا اوهان ڪجهه مثال پيش ڪري سگهو ٿا ۽ اهو ڪهڙي طرح ٿيندو آهي؟

..........................................................................................................

..........................................................................................................

..........................................................................................................

3- تجويز ڏجي ٿي ته هيٺ ڏنل حضرت بهاءُ الله جي بيانن مان هڪ يا ٻه اقتباس حفظ ڪري وٺو:

”انهن عنايتن مان اولين جيڪا قادر مطلق انسان کي عطا ڪئي آهي اُهو عقل ۽ فهم جو تحفو آهي، اهو عطيو انسان کي اها طاقت ڏي ٿو ته هوسيني سبقن ۾ صداقت کي معلوم ڪري سگهي. جيڪا اُن جي سچائي طرف رهنمائي ڪري، ۽ اُن کي تخليق جا راز معلوم ڪرڻ ۾ مدد ڏي.“ (12)

”جهان تي نظر ڪر ۽ اُن تي غور ڪر، بيشڪ تنهنجي اڳيان پنهنجي نفس جي ڪتاب کولي رکي ڇڏيندو ۽ تون اُن ۾ پڙهندين جيڪو تنهنجي خدا و خبير جي قلم اُن ۾ تحرير ڪيو آهي.“ (13)

”علم انسان جو هٿ ۽ ٻانهون آهن ۽ ترقيءَ جو ڏاڪو آهي. اُن جو حاصل ڪرڻ سيني تي فرض آهي.“ (14)

**حصو 6:**

وحدتِ عالم انساني هڪ اهڙو موضوع آهي. جيڪو اڄ ڪلهه هر جڳهه ماڻهن جي دلين ۾ وسي ٿو. ڪافي ماڻهو هيٺ ڏنل نظرين تي اوهان سان گفتگو جو خير مقدم ڪندا. هڪ باغ جتي ڪيترن رنگن ۽ خوشبو وارا گُل گڏو گڏ ڦُٽا هجن اُهي اکين کي وڻن ٿا. ۽ جڏهن ته هر گُل مختلف هوندو آهي پر هڪ کي برسات سان تازگي ۽ هڪ ئي سج مان حرارت حاصل ڪندو آهي. اها ڳالهه نوح بشر بابت صادق آهي. انسان بي شمار نسلن ۽ رنگن مان نهيا آهن. پر سڀ خدا جي طرف کان آيا آهن. ۽ سيني جو بنياد هڪ ئي آهي. انساني گهراڻي ۾ تنوع هم آهنگي سبب هجڻ گهرجي. موسيقي مثل جنهن ۾ مختلف سُر گڏ ملي ڪامل ڌن جي تخليق ڪن ٿا. وجود جي لاءِ اتحاد ضروري آهي. محبت زندگيءَ جو اصل سبب آهي. مادي دنيا ۾ تمام شين جا عنصر ڪشش جي قانون سبب پاڻ ۾ جُڙيل رهندا آهن. اِهو ئي ڪشش جو قانون آهي، مخصوص عناصرن کي پاڻ ۾ جوڙي هڪ خوبصورت گُل جي شڪل ٿيندو آهي. پر اها ڪشش ڪسجي ويندي آهي ته گُل ٽٽي ويندو آهي ۽ اُن جو وجود نابود ٿي ويندو آهي. اها صورتحال نوع بشر جي آهي، ڪشش هم آهنگي ۽ اتحاد اُهي قوتون آهن جيڪي انسان ذات کي پاڻ ۾ جوڙي رکي ٿي. حضرت بهاءَ الله دنيا جي سيني ماڻهن کي متحد ڪرڻ جو خاڪو تشڪيل ڏنو آهي. اسان سيني کي اتحاد جي اُن دائري ۾ آڻڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪرڻي پوندي. جڏهن اسان پاڻ کان مختلف نسلن، قومن، دينن ۽ خيالن جا ماڻهن سان ملندا آهيون ته اسان کي انهن اختلافن کي پنهنجي درميان رڪاوٽ بنجڻ نه ڏيڻ گهرجي. اسان کي انهن کي نوح بشر جي خوبصورت باغ ۾ مختلف رنگ جي گلابن مثل سمجهڻ گهرجي ۽ اُن باغ مان هئڻ تي خوش ٿيڻ گهرجي.

1- گذريل حصي وانگر مٿي ڏنل بيانن جو مطالعو ڪرڻ بعد اوهان پنهنجي آس پاس ظاهر ٿيندڙ گفتگو جي باري ۾ سوچيو.

ماڻهن جي ذهنن ۾ اهڙا ڪهڙا مسئلا آهن جيڪي اوهان جي لاءِ انهن نظرين کي انهن سان ونڊڻ جو امڪان بنجي سگهن ٿا.

............................................................................................................................................................

............................................................................................................................................................

............................................................................................................................................................

2- انسان ذات جي هيڪڙائي تي گفتگو اوهان جي پنهنجي سماج ۾ اتحاد جي اهميت جي باري ۾ گفتگو جو سبب بنجي سگهي ٿي. ڇا اوهان ان باري ۾ ڪجهه لفظ چئي سگهو ٿا ته اسان مان هر هڪ اُن ۾ ڪهڙي طرح حصو وٺي سگهي ٿو؟

............................................................................................................................................................

............................................................................................................................................................

............................................................................................................................................................

3- حضرت بهاءَ الله جي مبارڪ بيانن مان هيٺ ڏنل هڪ يا هڪ کان وڌيڪ اقتباس کي ياد ڪرڻ چاهيندا ته جيئن اوهان پنهنجن دوستن سان هن موضوع تي ڳالهه ڪندي انهن جو حوالو ڏيئي سگهو.

”هيڪڙائي جو خيمو لڳي چڪو آهي، اوهان هڪٻئي کي اَڻ ڄاڻ جي نظر سان نه ڏسو، اوهان هڪ ئي وڻ جا ميوا ۽ هڪ ئي ٽاري جا پن آهيون.“ (15)

”اتحاد جي روشني ايتري طاقتور آهي هو اُها پوري دنيا کي منور ڪري سگهي ٿي.“ (16)

”پنهنجي توجه اتحاد طرف ڪر ۽ اتفاق جي نور سان خود کي منور ڪر. اوهان خدا جي خاطر هڪ جڳهه گڏ ٿي وڃو ۽ جيڪو ڪجهه اوهان جي اختلاف جو سبب آهي اُن کي پاڙ کان پٽي ڇڏيو.“ (17)

”انسان تي لازم آهي ته نهايت احتياط سان اُن شئي کي اختيار ڪري جيڪو دوستي، مهرباني ۽ اتحاد کي قائم ڪندي آهي.“ (18)

## حصو 7:

هيٺ ڏنل بيان اوهان کي انصاف جي موضوع تي گفتگو ۾ اعانت ڪرڻ ۾ اوهان جي مدد ڪندا. جيڪو اڪثر ماڻهن جي لاءِ هڪ اهم مسئلو آهي.
انسانن ۾ صلاحيتن جو تفاوت انساني وجود جي لاءِ بنياي آهي. بس سڀ ماڻهن جي لاءِ اهو ممڪن ئي ناهي ته هو هر لحاظ سان برابر ٿي وڃن. تنهنڪري مڪمل طور تي سيني انساني معاملن کي

انصاف جي اصول تحت منظم هئڻ گھرجي. انصاف کي مقدس هئڻ گھرجي ۽ هر انسان جا حق محفوظ هجڻ گھرجن.

انصاف ڪا محدود شئي نہ آهي هي هڪ عالمگير خاصيت آهي. اُن کي انساني زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ڪارفرما هئڻ گھرجي. معاشري جي هر فرد کي تهذيب و تمدن جي فائدن ۾ حصو ملڻ گھرجي ڇو تہ هر فرد انساني نسل جي جسم سان تعلق رکي ٿو. جيڪڏهن جسم جو هڪڙو حصو سور يا تڪليف ۾ هوندو تہ ٻين سيني عضوي کي تڪليف کي منهن ڏيڻو پوندو. اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ هڪڙو بي آرام هجي ۽ ٻيا سڀ سڪون ۾ هجن؟ اچوڪي معاشري ۾ ضروري تعاون ۽ توازن جي گھٽتائي آهي. يعنيٰ مناسب طور تي منظم ڪونهي. اهڙا قانون و اصول لازم آهن جيڪي پوري انساني خاندان جي هر رُڪن جي فلاح و بهبود ۽ خوشي جي ضمانت فراهم ڪري. انصاف جزا ۽ سزا جي ٿنڀن تي قائم آهي. اهي حڪومتون جن جا حڪمران ايمان کان خالي هجن ۽ خدا ئي خوف کان بي پرواهہ آهن اُهي غير منسفانہ قانون جاري ڪندا. ظلم ۽ زيادتي کي روڪڻ جي لاءِ جزا جي اُميد ۽ سزا جو خوف ٻئي ضروري آهن. قانون ناهڻ وارا ۽ منتظمين قانون کان اِن حقيقت کان آگاهہ هئڻ گھرجي تہ انهن جي فيصلن جا روحاني نتيجا ڪهڙا هوندا. اُهي حڪمران جيڪي اهو سمجهن ٿا تہ انهن جي عمل جا نتيجا هن دنياوي زندگي کان پوءِ انهن جي سامهون ايندا. ۽ جيڪي ڄاڻن ٿا تہ انهن جي فيصلن کي خدا جي عدل جي ساهمي ۾ توريو ويندو تہ هو يقينن ظلم ۽ جبر کان پاسو ڪندا.

-1 هڪ پيرو جڏهن اوهان مٿين نطرين کي فطري انداز ۾ بيان ڪرڻ سکي وٺو تہ غور ڪريو تہ بيان ۾ پيش ڪيل بصيرتن سان گفتگو جا ڪهڙا موضوع فائديمند ٿيندا.

..........................................................................................................................................

..........................................................................................................................................

..........................................................................................................................................

-2 اوهان اُن شخص کي ڪهڙي طرح جواب ڏيندا جيڪو اهو يقين رکي ٿو تہ ناانصافي ڪڏهن ختم نہ ٿيندي؟

..........................................................................................................................................

..........................................................................................................................................

..........................................................................................................................................

-3 حضرت بهاءَ الله جي مبارڪ آثارن مان هيٺ ڏنل چند اقتباس انصاف بابت آهن، انهن کي زباني ياد ڪرڻ لاءِ تشويق ڪئي وڃي ٿي.“ (18)

”انسانن جي لاءِ انصاف هڪ چراغ آهي. اُن کي ظلم و ستم جي هوا جي جهوٽن سان نہ وسايو، اُن سان مقصود بندن درميان اتحاد جو اظهار آهي.“ (19)

”ڪابہ روشني عدل و انصاف جي روشني جو مقابلو نٿي ڪري سگهي. دنيا جو انتظام ۽ نوح بشر جي سڪون جو دارومدار انهيءَ تي آهي.“ (20)

”دنيا جو مُربّي عدل آهي ڇو تہ اهو ٻن ٿنين تي قائم آهي. يعنيٰ جزا ۽ سزا. اهي ٻئي ٿنڀ دنيا جي زندگيءَ جو سرچشمو آهن.“ (21)

**حصو 8:**

هر گزرندڙ ڏينهن سان امير ۽ غريب درميان فرق وڌندو وڃي ۽ هيٺ ڏنل بيان اوهان کي هن موضوع ۽ ان بابت ٻين موضوعن تي گفتگو ڪرڻ ۾ مدد ڪندو.

اڄڪلھ باهمي تعاون ۽ هم آهنگي رابطن جي گهٽتائي سبب معاشري جا ڪجھ ماڻهو آرام و آسائش جي زندگي بسر ڪندي مطمئن آهن ۽ جڏهن تہ ٻيا ماڻهو ڪائڻ ۽ گهرن جا ضرورتمند آهن. ڪجھ بي انتها دولت مند آهن ۽ ٻيا نهايت غربت جي زندگي گذارين ٿا. سماج جي قانونن کي اهڙي طرح مرتب ۽ لاڳو ڪرڻ گهرجي تہ ڪجھ ماڻهن جو بي انتها دولت جمع ڪرڻ، ۽ ٻين لاءِ اُن کان محروم رهجي وڃڻ ممڪن ئي نہ هجي. اُن جو مطلب هي آهي تہ سڀني کي برابر هجڻ گهرجن، ڇو تہ درجہ ۽ صلاحيتن ۾ تفاوت تخليق جي خاصيت آهي. پر دولت جي افسوس ناڪ حد تائين ڪثرت سان بگاڙڻ واري ۽ مايوس ڪندڙ غربت جو خاتمو ڪري سگهجي ٿو.

جيڪڏهن ڪنهن سرمايہ دار جي لاءِ دولت جو مالڪ هجڻ درست آهي. اهڙي طرح اهو بہ انصاف آهي تہ مزدور وٽ بہ زندگي گذارڻ جي لاءِ ڪافي وسيلا موجود هجن. جڏهن اسان تمام گهٽي غربت ڏسون ٿا تہ يقيناً ڪٿي نہ ڪٿي ظلم موجود آهي.

معاملي جو جوهر هي آهي تہ خدائي عدل کي انساني حالتن ۾ ظاهر هجڻ گهرجي. سچي اقتصادي حالت جون بنيادون فطري طور تي ملڪوتي آهن. ۽ عالم قلب و روح سان وابستہ آهن. دولتمندن کي پنهنجي دولت مان بخشڻ گهرجي. انهن کي پنهنجي دلين کي نرم ڪرڻ گهرجي ۽ شهانہ ذهنيت پيدا ڪرڻ گهرجي.

دلين کي ايتري قدر الفت جي ويجهو هجڻ گهرجي. محبت کي ايترو غالب هجڻ گهرجي جو دولت مند انسان بي حد خوشي سان مستقبل معاشي اصلاحات کي قائم ڪرڻ جي لاءِ قدم کڻن. انهن کي اها ڳالهه خود سمجهڻ گهرجي تہ اهو نہ تہ عدل، و انصاف آهي نہ ئي جائز تہ هو بي حد دولت جا مالڪ هجن. جڏهن تہ سماج ۾ يڪسر غربت موجود هجن.
اهڙي طرح هر خوشيءَ سان پنهنجي ثروت مان بخشيندا. جڏهن تہ ايترو پنهنجي لاءِ رکندا تہ زندگي آرام سان گذارڻ جي قابل هجن.

1- بيان کي پڙهو ۽ هميشہ وانگر پنهنجي گروپ ۾ ان جو مطالعو ڪريو ماڻهن جي ذهنن ۾ ڪيترائي مسئلا جن جو تعلق ثروت ۽ غربت آهي. مثال طور روزگار، ڏهاڙيون، رهائش وغيره ڇا اوهان ڪجهہ ٻين موضوعن جي باري ۾ سوچي سگهو ٿا جن تي گفتگو ڪرڻ سان هن بيان ۾ ڏنل تصور مفيد ٿي سگهن ٿا.

.....................................................................................................................................

.....................................................................................................................................

.....................................................................................................................................

2- اوهان ڇا جواب ڏيندا جيڪڏهن ڪو اوهان ڪان مٿين تصورن جو ذڪر ٻڌي اِهو پُڇي تہ ڇا اوهان اِهو چئي رهيا آهيو تہ دولتمند ٽيڪس جي سخت قانون کي ۽ اُن جي حمايت ڪندا ۽ هو پنهنجي مرضي سان جيڪو انهن کي واقعي ادا ڪرڻو آهي ادا ڪندا. اوهان کي ڇو لڳي ٿو تہ اِهو ممڪن آهي؟

.....................................................................................................................................

.....................................................................................................................................

.....................................................................................................................................

3- هي تجويز ڏجي ٿي تہ حضرت بهاءَ الله جي هنن مبارڪ آثارن مان هڪ يا ٻہ اقتباس حفظ ڪريو:

”توکي گهرجي تہ نوان نوان سنا ميوه ڏيو. تہ جيئن اوهان خود ۽ ٻيا ماڻهو بہ اُن مان فائده حاصل ڪن. تنهن ڪري سيني تي واجب آهي تہ هٿ جي هنرن ۽ ڌنڌن ۾ مشغول هجو. ڇو تہ اُن ۾ ثروت جو راز پوشيده آهي. اي عقل جا صاحب!“ (22)

”جيڪڏهن تنهنجي نظر خدا جي فضل تي آهي تہ پنهنجي نفس جو خيال ڇڏي ڏي ۽ اُن کي اختيار ڪر جيڪا انسانيت کي فائده پهچائي ٿي. ۽ جيڪڏهن تنهنجي نظر اُن جي عدل تي آهي تہ پنهنجي پاڙي واري لاءِ بہ اُهو پسند ڪر جيڪو پنهنجي لاءِ ڪرين ٿو.“ (23)

”خوش بخت آهي اُهو شخص جيڪو پنهنجي ياءُ کي پاڻ تي ترجيح ڏي ٿو.“ (24)

”نيڪي جو ڪو ڪم نہ ڪڏهن ضايع ٿيو آهي نہ ڪڏهن ضايع ٿيندو. ڇو تہ فياض جا ڪم اهڙا خزانا آهن جيڪي خدا وٽ اُن جي ڪرڻ وارن جي مفاد جي لاءِ محفوظ آهن.“ (25)

”خيال رکو تہ اعتدال جي حدن کي پار نہ ڪريو ۽ نہ ئي فضول خرچ ڪرڻ وارن ۾ شمار ٿيو.“ (26)

## حصو 9

هيٺ ڪجهہ نظريا ڏنا ويا آهن جيڪي تعصّب جي موضوع تي گفتگو ۾ حصو وٺڻ جي لاءِ اوهان جي مدد ڪندا.

تعصب پنهنجي سيني صورتن ۾ يعنيٰ ديني. نسلي، قومي يا اقتصادي هجي. انسان ذات کي تباهہ ڪري ڇڏي ٿو، ۽ اهو خدا جي حڪمن جي خلاف آهي. هزارين سالن کان انسانيت ڪنهن نہ ڪنهن تعصب جي ڪري ٿيندڙ جنگ ۽ خون ريزي کي سَنو آهي. جيستائين اهي تعصّب قائم رهندا انسانيت کي آرام نہ ملندو.
خدا پنهنجي پيغمبرن کي محبت ۽ اتحاد پيدا ڪرڻ جي لاءِ هن واحد مقصد جي لاءِ موڪليو آهي. سڀ آسماني ڪتابن ۾ محبت پريل تحريرون ۽ ڪلام آهن جيڪڏهن تہ هو بيگانگي جي سبب بنجڻ جي ڪري بي ثمر ٿي ويا آهن. قومي تعصّب سراسر بي سبب آهي. هي ڌرتي هڪ سرزمين ۽ هڪ وطن آهن. لڪيرون ۽ حدون جيڪي قومن کي عليحده ڪنديون آهن. اهي خيالي آهن اِهي خدا جون نهيل نہ آهن. ماڻهو درياہ کي ٻن ملڪن درميان حدبندي لائين قرار ڏين ٿا. ۽ هر طرف کي هڪڙو نالو ڏيئي ڇڏيندا آهن، جڏهن تہ درياہُ ٻنهين جي لاءِ پيدا ڪيو ويو هو، سيني جي لاءِ هڪ فطري لائين آهي. ڇا اهو وهم ۽ جهالت ناهي جيڪا ماڻهن کي مجبور ڪري ٿي تہ زندگي جي عنايتن کي جنگ ۽ تباهي جو سبب ناهيو وڃي؟
نسلي تعصّب تہ صرف وهم کان سواءِ ڪجهہ ناهي، جيڪڏهن ڪنهن شخص جي چمڙي جو رنگ ڪارو آهي تہ ڪنهن شخص جي چمڙي جو رنگ محض انهن آبا واجداد جو آب هوا ۽ ماحول سبب وقت سان گڏو گڏ موافقت جو نتيجو آهي. انسان جو حقيقي معيار ڪردار آهي. ڪمال نسل ۽ رنگ تي منحصر ناهي. ايمان، دل جي پاڪيزگي، سنن عملن، ۽ تعريف جي قابل گفتار خدا جي بارگاهہ ۾ مقبول آهن.
هڪ طويل عرصي تائين عورتن کي مردن کان گهٽ ۽ مظلوم رکيو ويو آهي. مرد ۽ عورت درميان امتياز جسماني دنيا جي ضرورت آهي روح جي عالم ۾ هو برابر آهن. خدا وٽ مرد ۽ عورت ۾ ڪو امتياز ڪونهي. اُن سيني انسانن کي عقل ۽ ادراڪ سان نوازيو آهي، هر هڪ ۾ صفتون حاصل ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي. اڄ اهڙي ڪا صورتحال ناهي جنهن ۾ هڪ شخص جي جنس امتيازي سلوڪ ڪرڻ جي لاءِ بنياد فراهم ڪري.

پراڻي عهدنامي جي الفاظن مطابق خدا چوي ٿو ته ”اچو ته اسان انسان کي پنهنجي صورت تي ٺاهيون، هو اسان سان مشابهت رکي. اها ڳالهه واضح طور تي عورتن تي به لاڳو ٿئي ٿي. انسان کي خدا جي شبيهه تي ٺاهيو ويو آهي. يعني ملڪوتي صفتون انساني حقيقت ۾ منعڪس ۽ ظاهر ٿينديون آهن. اهو پوري نوح بشر جي لاءِ صادق آهي. هي دعويٰ ڪيتري نه غير مستحڪم آهي ته صرف هڪڙي ئي رنگ، نسل يا قوميت جا ماڻهو ئي خدا جي مشابهت تي ٺاهيا ويا آهن. هي دليل ڪيترو نامعقول آهي ته صرف دولت مند ئي خدا جي شبيهه تي ٺاهيا آهن، يا اهو سوچڻ ته قرب الاهي جي لاءِ معاشري ۾ اعليٰ مقام ئي شرط آهي. ترڪ تعصبات ۽ ملڪوتي اخلاق جي حاصل ڪرڻ جي کان سواءِ نوح بشر نورانيت حاصل نٿي ڪري سگهي.

1- هن بيان جو گذريل حصن وانگر مطالعو ڪريو ۽ ڪجهه الڪارن جي باري ۾ سوچيو، جيڪي دوستن ۽ پاڙيوارن سان گفتگو ۾ سامهون اچن جيڪي تعصب جي خاتمي جو مطالبو ڪن ٿيون.

........................................................................................................................

........................................................................................................................

........................................................................................................................

2- جيڪڏهن ڪو اوهان جي مٿي ڏنل نظرين کي ٻڌي اوهان کان پڇي ٿو اهو ممڪن آهي ته اسان تعصّب رکندا هجون ۽ اُن کان اڻ ڄاڻ هجون؟ ته اوهان ڇا جواب ڏيندا؟

........................................................................................................................

........................................................................................................................

........................................................................................................................

3- ممڪن آهي ته اوهان کي موقعو ملي حضرت بهاءَ الله جي هيٺ ڏنل تحريرن مان ڪنهن هڪ يا وڌيڪ اقتباسات کي هنن تصورن تي ٻڌل پنهنجي گفتگو ۾ شامل ڪريو.

”سڄي دنيا صرف هڪڙو ئي وطن آهي ۽ نوح بشر اُن جا باشنده آهن.“ (27)

”دنيا جا سڀ نوان ٻوٽا هڪ ئي وڻ مان پيدا ٿيا آهن ۽ سڀ قطره هڪ ئي سمنڊ مان ۽ سڀ مخلوق پنهنجي وجود جي لاءِ هڪ ئي وجود سان موجود آهن.“ (28)

”درحقيقت انسان اهو آهي جيڪو اجوڪي ڏينهن پنهنجي پاڻ کي پوري انساني نسل جي خدمت جي لاءِ وقف ڪري ڇڏي ٿو.“ (29)

”سٺي ڪردار جو نور سج جي نور کان وڌيڪ روشن آهي ۽ اُن جي چمڪ کان وڌيڪ چمڪدار.“ (30)

”انسان جو امتياز اُن جي زينت ۽ دولت ۾ ناهي. بلڪ نيڪ چال چلن ۽ حقيقي سوچ سمجهه ۾ آهي.“ (31)

”خدا اوهان کي هر حالت ۾ وهمن جي بُتن کي ٽوڙڻ جي ۽ ماڻهن جي دلين تي پيل غفلت جي پردن کي کڻڻ جي توفيق بخشي.“ (32)

”اُهو بندو سڀ کان وڏو غافل آهي جيڪو فقط لفظن تي وڙهي ٿو ۽ پنهنجي پاڻ کان وڏو ٿيڻ چاهي ٿو.“ (33)

## حصو 10

دوستن سان گفتگو دوران اوهان عورت ۽ مرد جي مساوات جي باري ۾ هيٺ ڏنل بيان ۾ تصورن مان اڪثر مان فائدو حاصل ڪرڻ جي قابل هوندا:

طبعي سج پنهنجي روشني ۽ حرارت جي ذريعي زمين تي موجود سڀني شين جي حقيقت کي ظاهر ڪري ٿو. وڻ ۾ پوشيده ميوا سج جي طاقت جي جواب ۾ اُن جي ٽارين تي ظاهر ٿين ٿا. اهڙي طرح حقيقت جو سج پوري شان و شوڪت سان روحاني آسمان تي چمڪندي اهڙيون حقيقتون ظاهر ڪندو آهي جيڪي ماضي ۾ آشڪار ڪونہ هيون. اُن ڪري هن دور ۾ مرد ۽ عورت جي مساوات جي اصول کي پوري طرح تسليم ڪيو ويو آهي. ۽ هاڻ اها هڪ قائم شده حقيقت آهي.

حضرت بهاءُ الله واضح ترين الفاظن ۾ بيان فرمايو آهي تہ خدا جي نظر ۾ مرد ۽ عورت ۾ ڪو امتياز ناهي. ماضي جي تمام دورن ۾ جيڪا عدم مساوات موجود رهي آهي اُن جو سبب مردن جي برتري ڪونہ هئي. اُن جو اڪيلو سبب هي آهي تہ عورت کي پنهنجي تمام صلاحيتن کي ترقي ڏيڻ جي لاءِ مردن جي برابر موقعا ڏنا ئي نہ ويا هئا. اُن جي خلاف سڀ تعصّبن جي باوجود تاريخ ۾ اهڙين بيشمار عورتن جي زندگي جا حالات ثابت ڪيو تہ انهن اعليٰ ترين ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن.

اهڙي ئي هڪ عورت ايراني شاعره طاهره هئي. اوهان 1800ع جي اوائل ۾ هڪ اهڙي ملڪ ۾ پيدا ٿيون جتي عورتون مڪمل طور تي مردن جي هٿ هيٺ هيون. اُها پهرين عورت هئي جن خدا جي نئين ظهور جي سچائي کي قبول ڪيو. هڪ نئين ڏينهن جي شروعات جو مشاهدو ڪندي هوءَ قائل ٿي ويئي تہ هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ مساوات مرد وزن جي حقيقت کي تسليم ڪيو وڃي. هن پنهنجي تمام تر صلاحيتن کي اُن حقيقت جي پرچار تي لڳائي ڇڏيو. اوهان علم ۽ دانش سندن

زماني ۾ وڏي خود سر ۽ مغرور ديني عالمن جي گروپ سندس مخالف هو. پر پاڻ هڪ لمحي لاءِ به حقيقت کي بيان ڪرڻ کان نہ رُڪي. آخرڪار اوهان هن امر جي لاءِ جنهن کي پاڻ نهايت ثابت قدمي سان قائم هئي پنهنجي جان قربان ڪري ڇڏي جيڪا ڳالهہ خدا نہ ٿو چاهي اُن تي اعتقاد رکڻ جهالت ۽ وهم پرستي آهي.

اڄ عورتن کي تعليم حاصل ڪرڻ، انساني ڪاوشن جي هر ميدان ۾ مردن جي مساوي حيثيت اختيار ڪرڻ جا سڀ موقعا فراهم ڪرڻ گهرجن. جستائين روحاني عالم وانگر هن دنيا ۾ عورتن ۽ مردن جي برابري هڪ حقيقت نہ ٿي بنجي تيستائين نوح بشر جي حقيقي ترقي ناممڪن آهي.

1- هميشہ وانگر اوهان کي گهرجي تہ هن بيان کي پنهنجي گروپ ۾ خوب مطالعو ڪريو. ۽ انهن تصورن کي پيش ڪرڻ جي مشق ڪريو. ڇا ويجهڙائي ۾ اوهان جي دوستن سان اهڙي ڪا گفتگو ٿي آهي، جيڪا هن ۾ پيش ڪيل بصيرت مان مستفيد ٿي سگهي ٿي؟ بحث هيٺ آيل مسئلا ڪهڙا هئا؟

.........................................................................................................................................

.........................................................................................................................................

.........................................................................................................................................

2- اڄوڪي معاشري ۾ رائج چند عقيدن ۽ روين جا مثال ڏيو تہ جيڪڏهن عورتن کي ڪوشش جي تمام ميدانن ۾ مردن سان برابر مقام حاصل ڪرڻو آهي. تہ انهن کي تبديل ڪرڻ لازم آهي؟

.........................................................................................................................................

.........................................................................................................................................

.........................................................................................................................................

3- هيٺ ڏنل حضرت بهاءَ الله جي مبارڪ ڪلام مان چند اقتباس آهن جن کي اوهان ياد ڪرڻ چاهيندا.

”خدا جي نظر ۾ مرد ۽ عورت هميشہ کان برابر رهيا آهن ۽ هميشہ ئي رهندا.“ (34)

”ڇا اوهان کي خبر آهي تہ اسان اوهان کي هڪڙي مٽي مان ڇو پيدا ڪيو آهي تہ ڪو شخص ٻئي شخص کي پاڻ کان گهٽ نہ سمجهي.“ (35)

”اڄوڪي ڏينهن ملڪوتي رحمت جي هٿ سيني فُرقن کي ميٽي ڇڏيو آهي. خدا جي بندن ۽ اُن جي ڪنيزن کي هڪ ئي مرتبي وارو سمجهيو ويندو آهي.“ (36)

## حصو11

آخري بيان جنهن لاءِ اوهان کي مطالعي لاءِ چيو پيو وڃي. اُهو عام تعليم ۽ تربيت جي موضوع تي آهي.

تعليم ۽ تربيت جو واڌارو اسان جي دور جي هڪ فوري ضرورت آهي. ڪابہ قوم اُن وقت تائين خوشحالي حاصل نہ ٿي ڪري سگهي جيستائين هو تعليم ۽ تربيت کي پنهنجي توجہ جو مرڪز يا محور نہ بنائي. ڪنهن قوم جي زوال جي اصل وجہ علم تائين رسائي جي کوٽ آهي. تعليم ۽ تربيت جو آغاز ننڍپڻ کان ئي هئڻ گهرجي. اهو هر ماءُ ۽ پيءُ تي فرض آهي تہ هو پنهنجي اولاد کي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪن.
روحاني ۽ اخلاقي قانونن مطابق اُن جي ڪردار کي ٺاهين ۽ اها ڳالهہ يقيني بنائين تہ هو علم ۽ فن جي پهرين پرورش ڪندڙ (مربي) آهن. هو پنهنجن ٻچن کي علم جي ڇاتي مان کير پيارين، هر ٻار کي تعليم ۽ تربيت ملڻ گهرجي. اهواهڙو معاملو آهي جنهن کي نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي. جيڪڏهن والدين خرچہ برداشت ڪري سگهن ٿا تہ انهن کي ائين ڪرڻ لازم آهي. نہ تہ سماج تي لازم آهي تہ هو ٻار جي تعليم ۽ تربيت جا وسيلا مهيا ڪري. تعليم ۽ تربيت کي هر انسان ۾ ڪمالات حاصل ڪرڻ جي خواهش پيدا ڪرڻ کپي. اسان کي انساني جوش سان ڀرپور هئڻ گهرجي ذوق ۽ شوق سان ان کي حاصل ڪرڻ گهرجي. اسان کي روحاني امتيازات جي آرزو ڪرڻ گهرجي.
۽ عالم انساني جي خوبين يعني خلوص، وفاداري، انسان ذات جي خدمت، پيار ۽ عدل سبب مشهور هئڻ گهرجي. اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ اسان امن ۽ اتحاد پکيڙڻ جي ڪوشش ۽ سڪت کي وڌارو ڏيڻ سبب ممتاز هجون. هن راهہ طرف ماڻهن کي رهنمائي ڪرڻ ئي تعليم ۽ تربيت اصل ڪم آهي.

1- هن عبارت جو پنهنجي گروپ ۾ مطالعہ ڪرڻ بعد تعليم ۽ تربيت جي باري ۾ اوهان جي دوستن جي فڪرمندين جي نشاندهي ڪريو. مٿي ذڪر ڪيل نظريا انهن فڪرمندين کي ڪهڙي طرح دور ڪري سگهن ٿا؟

..........................................................................................................................

..........................................................................................................................

..........................................................................................................................

2- تجويز ٿي ڏجي تہ اوهان حضرت بهاءَ الله جي مقدس ڪلام مان هيٺ ڏنل اقتباسات مان هڪ يا ٻہ کي زباني ياد ڪريو:

"اها ڳالهہ پسنديده ناهي تہ انسان کي علم يا هُنر کان سواءِ ڇڏي ڏنو وڃي، ڇو تہ اُن صورت ۾ اُهو شخص هڪ بي ثمر وڻ کان سواءِ ڪجهہ ناهي." (37)

”پنهنجي ذهنن ۽ ارادن کي انسانن جي تعليم و تربيت ۾ مصروف رکو.“ (38)

”عالم وجود جي بلندي و برتري جو سبب علم، فن ۽ صحت آهي.“ (39)

”بيشڪ انسان جي لاءِ اُن جو حقيقي خزانو اُن جو علم آهي.“ (40)

## حصو 12

امن هڪ اهڙو مسئلو آهي جيڪو هر هڪ جي ذهن ۾ موجود آهي. اُن جو هجڻ نهايت ضروري آهي. هاڻي جڏهن ته اوهان گذريل بيانن ۾ پيش ڪيل اصولن جي باري ۾ فڪر ۽ تدبر ڪيو آهي ته اوهان کي امن جي سوال تي غور ڪرڻ فائديمند ٿيندو.

جڏهن ته هي وڏي حد تائين حڪومتن تي منحصر آهي ته هو جنگ جي خاتمي جي لاءِ عملي قدم کڻن، تنازعات کي حل ڪرڻ ۽ هٿيارن جي ڪمي لاءِ سياسي معاهده ۽ اهڙي طرح قومن درميان بين الاقوامي تعاون جن لاتعداد شِڪليون، امن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهن. اُن جي باوجود پلي اهي قدم خواه ڪيترائي اهم ڇو نه هجن. پائيدار امن طرف نه وني ويندا. جيستائين بيان ڪان اڳ ۾ بيان ڪيل اصول دنيا جي هر ڪُندِ ڪڙڇ ۾ قائم نه ٿي وجن. اسان کي خود کان پڇڻو پوندو ته جيستائين انسان حقيقت جي تحقيق ڪرڻ بابت نه سکندا. ۽ اها ڳالهه نه ڄاڻندا ته سچائي هڪ آهي، ڇا نسل درنسل دشمنيون نه رهنديون؟ اسان سيني جي هڪ ئي ابتداء آهي. خدا اسان سيني تي نظر رکي ٿو. ۽ پنهنجي مظاهر ظهورن وسيلي اسان جي تربيت ڪندو آهي. اُنهن جي تعليم محبت ۽ يائيچاري جي واحد بيان تي قائم آهي. صرف اُن وقت جڏهن دينن جي وحدت کي تسليم ڪيو وجي ته ديني فساد ختم ٿي ويندا ۽ دين جو نور امن جي راهه کي روشن ڪندو. اهڙي طرح اسان کي وڏيڪ پاڻ کان پڇڻو پوندو ته ڇا سائنس ۽ دين جي هڪٻئي سان گڏجي ڪم ڪرڻ ضروري ناهي. ته جيئن هو جهالت جي اونداهين کي دور ڪري سگهي. ۽ تعصب جي هر قسم کي ڪوڙو ظاهر ڪري. تعصب جنهن مان هر هڪ امن جي لاءِ هڪ رُڪاوٽ آهي. هڪ ٻيو سوال هي آهي ته جيڪڏهن دنيا جي هر ڪندِ ۾ امير ۽ غريب درميان موجود بي ترتيب عدم مساوات تي توجه نه ڏني ويئي ته ڇا هڪ پُر امن دنيا جي تعمير ڪري سگهجي ٿي؟ ۽ جيستائين عورتن کي مردن جي برابر جي بنياد تي انساني جدوجهد جا سڀ دائره ڪار ۾ هلڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. تشدد جيڪو تاريخ جي خصوصيت رهيو آهي. امن ۽ حقيقي خوشحالي کي جڳهه نه ڏيندو. اُپرندڙ نسلسن کي اهڙن اصولن مطابق عالمگير سطح تي تعليم و تربيت ڏيڻي پوندي. ٻي صورت ۾ امن جي هر اُميد ٽي ويندي. حضرت بهاءَ الله جي هيٺ ڏنل اکرن کي ياد ڪرڻ جي خواهش ڪري سگهو ٿا ته جيئن اوهان انهن کي نوح بشر جي مستقبل جي فڪر رکڻ وارن سان شيئر ڪري سگهو.

”نوح بشر جي ڀلائي ۾ اُن جو امن و تحفظ اُن وقت تائين حاصل ڪرڻ ناممڪن آهي جيستائين اُن جو اتحاد و اتفاق مضبوطي سان قائم نہ ڪري ڇڏيو وڃي.“ (41)



# معلومات کي وڏائڻ جا موضوع

**مقصد :**
روحاني اهميت جي موضوعن تي گفتگو ڪرڻ جي لاءِ
دوستن ۽ پاڙيوارن سان ملاقات جي عادت پيدا ڪرڻ

**حصو1:**

هي ٽيون يونٽ گڏريل يونٽ وانگر انهن صلاحيتن بابت آهي جيڪي اسان کي بامعني خوش ڪندڙ روح پرور گفتگو ۾ داخل ٿيڻ جي قابل بنائي ٿو. ٻئي يونٽ ۾ اسان جي توجہ انهن سامهون ايندڙ ڪيترن موقعن بابت هئي. جن ۾ روحاني حوالہ ڏيندي گفتگو جي سطح بلند ڪئي ويندي هئي. هتي هاڻي اسان پنهنجي توجہ دوستن ۽ پاڙيوارن جي گهرن ۾ ٿيندڙ ملاقاتن طرف موڙينداسون. جن ۾ ملي ڪري سماجي زندگي جي مرڪزي موضوعن جي کوج ڪئي ويندي آهي.
پوري دنيا ۾ ڳوٺن ۽ پاڙن ۾ دوستن جا گروپ باهمي وابستہ (گڏيل سرگرمين) جي مجموعہ ۾ تيزي سان عمل ۾ مصروف آهن. جن ۾ باقائده منظم دعائيہ ڪلاس ٻارن جي روحاني تربيت جا ڪلاس، نوجوانن جون ملاقاتون، اسٽڊي سرڪل ۽ نوجوانن جا ڪيمپس ۽ ڪيترن قسمن جون ڪيمپون شامل آهن. جيئن جيئن سرگرمي جو هي نمونو پاڙ جهليندو آهي ۽ جيئن جيئن وڌندڙ تعداد ۾ ماڻهو خدمت جي عملن جي لاءِ خود کي وقف ڪندا آهن. تہ دوستن جو مرڪزو (Nucleus) حجوم ۽ قوت وڌندي آهي. سماجي تعمير جو عمل جيڪو هاڻي حرڪت ۾ آيو آهي. جي اهم ترين جُزن مان هڪ ڳوٺ يا پاڙي ۾ وڌندڙ تعداد ۾ گهرن تي ملاقاتن جو هڪ پروگرام آهي. اهڙي طرح جي ملاقاتن دوران نون مختلف موضوعن تي توجہ ڏني ويندي آهي. مثال جي طور تي هڪ بهائي ٻارن جي معّلم کي مسلسل طور تي ٻارن جي والدين سان ملاقاتون ڪرڻيون پونديون آهن تہ جيئن تعليم و تربيت بابت موضوعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪري سگهن. اِن قسم جون ملاقاتون نوجوانن ۽ جوانن جي گهرن تي اينمي ميٽر ۽ ٽيوٽرن ذريعي ڪيون وجن. تہ جيئن انسان جي زندگيءَ جي انهن اميد افزا سالن سان وابستہ للڪارن ۽ موقعن بابت موضوعن تي ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهجي. امر مبارڪ جي باري ۾ معلومات جي واڌاري جي لاءِ هڪ خاندان جي ڀاتين سان ٿيندڙ گفتگو بہ اوتري ئي ضروري ثابت ٿيندي آهي. مجموعي طور تي سماج ۾ اُڀرندڙ رفاقت جي ثقافت تي اهڙي طرح جي ملاقات جي تاثير جي باري ۾ جيترو بہ چيو وڃي گهٽ آهي.

**حصو2**

هن يونٽ جي مقصد جي لاءِ اسان هڪ خيالي پاڙي کي ڏسنداسون جنهن ۾ ذڪر ڪيل مٿيون عمل پيشرفت ڪري رهيو آهي. اسان اُن کي گفتگو جي قسمن جو جائزو وٺڻ جي لاءِ اڳيئن ۽ پوئين جي طور تي استعمال ڪنداسون جيڪو ڪنهن گهريلو ملاقات دوران سامهون اچي سگهي ٿو.

اليهاندرا هڪ جوان عورت آهي جيڪا يونيورسٽي جي ٽئين سال ۾ آهي اُها ۽ سندس پيءُ جيڪو طالب علم آهي، پنهنجي والدين سان ان جي تصور ڪيل پاڙي ۾اُن گهر ۾ رهندا آهن، جتي هو پيدا ٿيا ۽ وڏيا ۽ ويجهيا. اُهي چارئي ۽ هڪ جوان جوڙو جيڪو تازه ئي هن محلي ۾ آيو آهي. هر هفتہ دعا جي لاءِ ۽ پنهنجي آس پاس ٿيندڙ سرگرمين جي پيشرفت تي مشورت لاءِ ملندا آهن. جيڪي

تقريباً 8000 ماڻهن سان سرانجام ڏيئي رهيا آهن انهن هفته وار ملاقاتن ۾ وقت به وقت ٽي ٻيا ماڻهو به شريڪ ٿي رهيا آهن، ۽ نه صرف پنهنجون خدمتون بلڪه سماج سازي جي پوري عمل تي به منظم غور و فڪر ڪرڻ جو آغاز ڪري رهيا آهن. هڪ اهڙي ٻارن جي ڪلاس جو مُعلم جيڪو ڇهه مهينه اڳ شروع ٿيو. ۽ ٻه سترهن ساله جوان جيڪي نوجوانن جي گروپ جي ڪوشش جي رهنمائي اليهاندرا جي هڪ وڏي ڀاءُ جي مدد ڪري رهيا آهن. اليهاندرا جو هي ڀاءُ نوجواني ۾ انهن جي گروپ جو ايني ميٽر هو. ۽ اُن جي والدين سان باقائده ملاقاتون ڪندو هو.

گفتگو جو پهريون سيٽ جنهن جو اسان جائزو وٺنداسون. اُهو اليهاندرا ۽ سانچيز خاندان درميان آهي، جيڪو مُحلي ۾ هڪ معروف ۽ معزز خاندان آهي. زال ۽ مڙس جون عمرون سٺ جي ڏهاڪي ۾ آهن، ۽ هاڻي جڏهن ته انهن جا پُٽ ۽ ڌيئرون جوان ٿي چڪا آهن. ته هو اڪيلو اليهاندرا جي گهر کان ڪجهه بلاڪن جي فاصلي تي رهندا آهن. جناب سانچيز ۽ بيگم سانچيز پڙهيل لکيل آهن، پر گهڻو زياده تعلميافته نه آهن. اهو ٻنو احترام جيڪو انهن کي ملي ٿو. اُن حڪمت سبب آهي. جيڪا انهن فراخدلي ۽ خالص عملن جي زندگي ۾ تجربي ذريعي حاصل ڪئي آهي. هو ڪجهه سنجيدگي سان تحقيق ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هڪ هفتو انهن اليهاندرا جي والدين کي بهائي سماج ۾ شامل ٿيڻ جي خواهش کان آگاهه ڪيو. انهن کي خوش آمديد چوڻ جي لاءِ هڪ ملاقاتي مجلس جو انتظام اڳ ۾ ئي تيار ڪيو ويو آهي. اُن کان سواءِ هن ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو آهي ته اليهاندرا ڪيترن هفتن تائين باقائده ملاقاتن ۾ انهن سان موضوعات جو هڪ سلسلووندڻ جيڪو امر مبارڪ ۾ انهن جي علم کي واڌارو ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو. ملاقاتن جي تفصيل جو جائزه وٺڻ سان اوهان انهن موضوعن جي کوج ڪرڻ ۽ گڏو گڏ اِن قسم جي موقعن تي ٿيندڙ گفتگو جي نقطن تي غور و فڪر ڪرڻ جي قابل ٿي ويندا.

## حصو 3

اليهاندرا اهي منصوبو ناهيو ته هو جناب ۽ بيگم سانچيز سان پنهنجي پهرين گفتگو جو بنياد هيٺ ڏنل مختصر وضاحت تي رکندي جنهن جو موضوع خدا جو ازلي ابدي ميثاق آهي.
سيني شين جو مالڪ، خالق خدا واحد و بي مثل و بي نياز آهي. حضرت بهاءَ الله اسان کي ٻڌائين ٿا ته خدا جي حقيقت انساني ذهن جي ادراڪ کان بالاتر آهي. ڇو ته ڪو محدود ڪنهن لامحدود کي سمجهي نه ٿو سگهي. ماڻهو خدا جا خاڪا ۽ نقش ناهين ٿا. اُهي سڀ انهن جي پنهنجي خيال جا ثمر آهن. خدا انسان ڪونهي ۽ نه ئي هڪ قوت آهي. جيڪا پوري ڪائنات ۾ پکڙيل آهي اسان پنهنجي وجود جي هن سرچشمه کي بيان ڪرڻ جي لاءِ جن لفظن جو سهارو وٺڻ تي مجبور آهيون، جهڙوڪ روحاني، قوت الاهي روح اعظم انهن مان هر هڪ خدا جا اسم ۽ صفتن کي انساني زبان ۾ ظاهر ڪن ٿا ۽ خدا جي وڏائي ڪرڻ کان مڪمل طور تي قاصر آهي.

اسان ڪلمات مڪنونہ ۾ پڙهون ٿا:

”اي پسرِ! انسان مون کي تنهنجي تخليق پسند آئي تنهن ڪري مون توکي تخليق ڪيو. بس تون مون سان محبت ڪر تہ آءٌ تنهنجي نالي جو ذڪر ڪريان ۽ تنهنجي روح کي حياتي جوهر سان پري ڇڏيان.“ (1)
حضرت بهاءَ الله هن مبارڪ بيان ۾ اسان کي ٻڌائين ٿا تہ اسان جو وجود خدا جي پيار جي مرحومن سبب ٿيل آهي. ضروري آهي تہ اسان هر گهڙي اُن پيار کان آگاهہ رهون، جيڪو اسان جي حفاظت ڪري ٿو. اسان کي قائم رکي ٿو، اسان کي حياتي جي روح سان پري ڇڏي ٿو. تڪليف يا راحت، غم، يا خوشيءَ جي گهڙين ۾ اسان کي هميشہ ياد رکڻ گهرجي تہ اُن جي محبت اسان کي پنهنجي گهڙين ۾ اسان کي هميشہ ياد رکڻ گهرجي تہ اُن جي محبت اسان کي پنهنجي گهيري ۾ رکيو آهي.

بهائي تعليمات مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو تہ جڏهن تہ خدا پنهنجي محبت سبب اسان کي خلق ڪيو آهي تنهن ڪري اُن اسان سان هڪ عهد و ميثاق قائم ڪيو آهي. عهد و ميثاق جي لفظي معنيٰ هڪ اهڙو وعده يا قول و قرار آهي جيڪو ٻن يا اُن کان وڌيڪ ماڻهن درميان ڪيو وڃي. ابدي عهد و ميثاق جي مطابق اسان جو رحيم و رحمان خالق اسان کي ڪڏهن اڪيلو نہ ڇڏيندو. بلڪ وقت بوقت هو پنهنجا مظاهر ظهورن مان ڪنهن هڪ جي وسيلي پنهنجي مرضي ۽ مقصد اسان تي ”ظاهر ڪندو آهي.“
ان مان مُراد ڪا اهڙي ڳالهہ يا شئي ڏيکارڻ آهي جيڪا هن کان اڳ معلوم نہ هجي. خدا جا مظاهر ظهور اُهي خصوصي هستيون هوندا آهن جيڪي اسان جي سامهون خدا جو ڪلام ظاهر ڪندا آهن. اهي آفاقي مربّي هوندا آهن جيڪي اسان کي اهو سيکاريندا آهن تہ اسان ڪهڙي طرح خدا جي رضا مطابق زندگي بسر ڪريون. ۽ ڪهڙي طرح حقيقي خوشي و مسرت حاصل ڪريون.
ڪجهہ مظاهر ظهور الاهيہ ۾ حضرت ابراهيم حضرت ڪرشن حضرت موسيٰ، حضرت زرتشت، حضرت ٻُڌ، حضرت عيسيٰ، حضرت محمد (صہ)۽ بيشڪ حضرت باب ۽ حضرت بهاءَ الله جيڪي انساني تاريخ ۾ هن دور جي لاءِ خدا جا جاڙا مظاهر ظهور آهن.

بس ابدي ميثاق الاهي ۾ خدا هميشہ پنهنجو حصو پورو ڪيو آهي. هڪ بنيادي سوال جيڪو اسان سڀني کي خود کان ٻچڻ گهرجي هي تہ ”آئون اُن عهد و ميثاق ۾ پنهنجو حصو ڪيئن پورو ڪريان؟ اُن جو جواب اسان کي سڀني ديني ڪتابن ۾ ملي ٿو.“ مظهر الاهي جي سڃاڻپ ۽ اُن جي تعليمات تي عمل ڪرڻ وسيلي هي جواب اسان جي زندگيءَ جي مقصد طرف اشاره ڪري ٿو. اُهو خدا کي سڃاڻڻ ۽ ان جي عبادت ڪرڻ آهي. ننڍي نماز ۾ اسان اقرار ڪريون ٿا تہ:

اي منهنجا پروردگار! آئون هن ڳالهه جي شاهدي ڏيان ٿو تہ مون کي انهيءَ لاءِ خلقيو آهي تہ آئون توکي سڃاڻان ۽ تنهنجي عبادت ڪريان. آئون هن دم اها بہ ساک ٿو ڀريان تہ آئون ضعيف آهيان ۽ تون قوي. آءٌ غريب آهيان ۽ تون غني تون جو بي نياز ۽ رکپال آهين. توکان سواءِ ٻيو ڪوبہ خدا ناهي. تون ئي قيوم آهين." (2)

جڏهن تہ اسان جي لاءِ خدا جي معرفت سندس مظاهر ظهور کان سواءِ حاصل ڪرڻ ناممڪن آهي. اُن ڪري پنهنجي زندگيءَ جي مقصد کي اسان صرف ۽ صرف انهن کي سڃاڻي انهن جي تعليمات تي عمل ڪري ئي حاصل ڪري سگهون ٿا. اڄ هن پُر فضل وقت ۾ اسان اسانجون دليون زندگي گذارڻ تي شڪرگذاري سان ڀرپور آهن، جڏهن تہ سيئي مقدس ڪتابن ۾ واعدو ڪيو ويو آهي تہ امن ۽ انصاف زمين تي قائم ڪيو ويندو. پورو ٿي رهيو آهي.

حضرت بهاءُ الله فرمائين ٿا تہ:

"هي اُهو ڏينهن آهي جڏهن خدا جون اعليٰ ترين عنايتون ماڻهن تي نڇاور ڪيون ويون آهن. اُهو ڏينهن جڏهن اُن جي قوي ترين رحمت تمام مخلوقات ۾ ڦوڪي ويئي آهي. دنيا جي سڀني قومن تي واجب آهي تہ هو پنهنجا اختلافات مٽائي ڇڏين، ۽ ڪامل اتحاد ۽ امن سان خدا جي حفاظت ۽ شفقت جي وڻ جي ڇانوَ ۾ رهن." (3)

اُن کان اڳ ۾ جو اسان پنهنجي ڪهاڻي جاري رکون، اوهان کي گهرجي ذڪر ڪيل متين وضاحت کي پڙهو ۽ پنهنجي گروپ جي شريڪن سان هر جملي تي غور و فڪر ڪريو. اوهان هڪبئي کان سوال پُڇي سگهو ٿا ۽ انهن جو ملي ڪري جواب ڏيو. ايستائين جو اوهان مان هر هڪ فطريّ انداز ۾ آساني سان خيالن جو اظهار ڪرڻ جي قابل ٿي وڃي. اقتباسات کي تسلي نموني سکڻ خاص طور تي ضروري آهي ڇو تہ اهڙي طرح جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ مبارڪ آثارن مان اقتباسن پيش ڪرڻ ضروري آهي هيٺ ڏنل مشقون اوهان کي هن حصي ۾ پيش ڪيل تصّورن حوالن جي معنيٰ سمجهڻ ۾ مدد ڏينديون:

1- ڪنهن شخص کي اوهان ڪهڙي طرح واضح ڪندا تہ خُدا هڪ ناقابل ادراڪ جوهر آهي. متين بيان ۾ ڏنل پهريون پيراگراف اوهان جي لاءِ هن باري ۾ مددگار ٿيندو.

.....................................................................................................

.....................................................................................................

.....................................................................................................

2- خدا اسان کي ڇو پيدا ڪيو؟ ..............................................................................

.....................................................................................................

.....................................................................................................

3- لفظ ميثاق مان مُراد آهي؟ ..............................................................................

.....................................................................................................

4- **خدا پنهنجي ابدي عهد و ميثاق ۾ نسل انساني سان ڪهڙو واعدو ڪيو آهي؟** ..............................

..............................................................................................................................................

5- **اسان جي زندگين جو مقصد ڇا آهي؟** ..............................................................................................

..............................................................................................................................................

6- **جيڪڏهن اسان خدا جي حقيقت ڪي هرگز نٿا ڄاڻي سگهون ته اسان زندگيءَ جو مقصد خدا جي سڃاڻپ مان مُراد ڇا آهي؟** ..............................................................................................

..............................................................................................................................................

7- **لفظ "ظاهر ڪرڻ مان ڇا مُراد آهي؟** ..............................................................................................

..............................................................................................................................................

8- **ڪجھ مظاهر ظهور الاهي جا نالا ٻڌايو؟** ..............................................................................................

..............................................................................................................................................

9- **جيڪڏهن اسان خدا جي ميثاق ۾ پنهنجو حصو ادا ڪرڻ چاهيون ٿا ته اسان کي ڇا ڪرڻو پوندو؟**

..............................................................................................................................................

10- **هيٺ ڏنل جملن کي مڪمل ڪريو:**
(الف) **اڄوڪي ڏينهن خُدا** ............................................ **ماڻهن تي نڇاور ڪيون ويون آهن.**
(ب) **اڄوڪي ڏينهن خدا جي** ............................................ **تمام مخلوق ۾ ڦوڪي ويئي آهي.**
(ج) **اڄوڪي ڏينهن اسان کي گهرجي ته اسان پنهنجا اختلافات** ........................................ **۽ مڪمل اتحاد ۽ امن سان**........................................................................................................

..............................................................................................................................................

11- **حضرت بهاءَ الله دنيا جي ماڻهن کي ڇا ڪرڻ جي لاءِ فرمائي ٿو؟**

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

## حصو 4

**اليهاندرا جي ذهن ۾ صرف ايترو نہ، تہ جناب ۽ بيگم سانچيز سان فقط هن موضوع جو مواد ونڊيو وڃي. هو اميد ڪري ٿي تہ اُن جوڙي سان دوستي جو هڪ مضبوط "بنڌڻ قائم ڪري"، پنهنجي ذاتي تجربي سان هو تعصّب ۽ سرپرستي جي نقصان ڏيندڙ اثرن کي ڄاڻي ٿي، اُن ڪان هو فطري طور تي بچندي: اُن جي اعليٰ تعليم اُن جي عاجزي کي گهٽ نہ ڪيو. اُن جي دل ۾ جناب ۽ بيگم سانچيز سان حقيقي محبت ۽ احترام ڪان سواءِ ٻيو ڪجھ نہ هو. جيئن جيئن هو غور ڪري ٿي تہ هو ڪهڙي طرح پهرين موضوع جي وضاحت ڪندي. هو خود کي ياد ڏياري ٿي تہ هي هڪ جاري گفتگو جو آغاز آهي جيڪو ڪيترا هفتہ هلندو. هو هي تسليم ڪري ٿي تہ جڏهن تہ خيالن جي تربيت کي**

وضاحت سان پيش ڪرڻ ضروري آهي پر اُن کي هن جوڙي جا خيال ٻُڌڻ لاءِ ڪجهه هنڌن تي ترسڻ گهرجي. هو خود کي چوي ٿوي ته "مون کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. نه گهبرايان ته چو ته پوءِ ڳالهائيندي رهان ۽ گفتگو مڪمل ڪرڻ جو ڪو موقعو نه هوندو.

اليهاندرا ڪجهه عرصه تائين ڪجهه خطن تي پنهنجي ملاقات جي باري ۾ سوچيندي رهندي آهي. جيڪڏهن اوهان اُن جي جڳهه تي هجو ته هيٺ ڏنل ڪهڙن خيالن جو ذهن ۾ اچڻ مناسب سمجهو ها؟

............................ اهو منهنجو ڪم آهي ته سانچيز جي امر الله ۾ رهنمائي ڪريان ۽ اهو يقيني بنايان ته جيڪو به آءٌ هن کي سيکاريان هو سڀ ڪجهه سکي وٺن.

............................ اها ڪيتري اعزاز جي ڳالهه آهي جو هن زبردست جوڙي سان ڪجهه وقت ۽ مبارڪ آثارن مان اقتباس پيش ڪرڻ جو موقعو مليو.

......................... آءٌ جاٺان ٿي ته هي ملاقات اهم آهي پوءِ به مون کي اُميد آهي ته ان ۾ زياده وقت نه لڳندو چو ته مون کي ٻيا به ڪم ڪرڻا آهن.

......................... اقتباس انهن جي لاءِ نهايت مشڪل هوندا، مون کي صرف آسان نظرين جو ذڪر ڪرڻ گهرجي. ضروري آهي ته انهن سان محبت جو اظهار ڪريان.

......................... سانچيز جو خاندان هن عُمر ۾ زياده سکي نه سگهندو.

......................... آءٌ انهن سان ملاقات ۽ انهن جي بصيرتن کي ٻڌڻ جي منتظر آهيان، جڏهن اسان موضوع تي خيالن جي ڏي وٺ ۽ اقتباس تي غور ڪنداسون.

......................... هو پڙهي سگهن ٿا. آءٌ فقط اُن موضوع کي متعارف ڪندس. ۽ اقتباسات پيش ڪرڻ مون کي اڪثر ترسڻو پوندو ته جيئن اسان اقتباسن جو گڏجي مطالعو ڪريون ۽ اُن بابت مشوره ڪري سگهون.

............................ مون کي اُميد آهي ته آءٌ پوري موضوع کي بيان مداخلت جي پيش ڪري سگهون ۽ آخر ۾ انهن کان پڇي وٺندس ته ڇا انهن وٽ سوال آهن.

ڇا اوهان ٻين جذبن جي باري ۾ سوچي سگهو ٿا جيڪي ان قسم جي ملاقات جي تياري ۾ اوهان ۾ هجن ۽ نہ هجن؟

## حصو 5

اليهاندرا جي جناب سانچيز جي گهر پهرين ملاقات بخوبي انجام ٿي، اهو جوڙو اُن جي گهبراهٽ محسوس ڪري ٿو. هو پنهنجي گرم جوشي ۾ مهرباني سان اُن کي پرسڪون رهڻ ۾ مدد ڪن ٿا. هو غور سان ٻڌندا آهن ۽ اقتباسن تي خصوصي توجہ ڏيندي گفتگو ۾ پوري طرح شريڪ هوندا آهن، مشڪل جو واحد وقت پڇاڙي ۾ ايندو آهي. جڏهن بيگم سانچيز اليهاندرا کان هڪ سوال ڪري عجب ۾ وجهي ڇڏي ٿي، ڇا بهائي جماعت ۾ شامل ٿيڻ سان آءٌ حضرت ميسح کي وساري رهي آهيان؟" اليهاندرا اُن جي جواب ڄاڻي ٿي پر اُن کي پنهنجن خيالن کي جمع ڪرڻ ۾ وقت لڳندو. جناب سانچيز اُن جي مدد ڪري ٿو: منهنجي خيال ۾ جڏهن کان اسان بهائي تعليمات جي باري ۾ سکيو آهي تہ حضرت مسيح سان محبت واقعي وڌي ويئي آهي. اليهاندرا جنهن هاڻ پنهنجا خيال جمع ڪري ورتا، اضافو ڪندي چيو تہ "ائين ئي پوري دنيا ۾ بي شمار ماڻهن سان بہ آهي. انهن جو حضرت موسيٰ، حضرت عيسيٰ، حضرت ڪرشن، حضرت ٻُڌ حضرت زرتشت، ۽ حضرت محمد صہ سان عشق انهن تعليمات سبب ڪري آهي. جيڪو حضرت بهاءُالله، خدا جي وحدت وحدت اديان، وحدت عالم انساني، جي باري ۾ ڏين ٿا.

اوهان جي لاءِ مفيد ٿيندو تہ اوهان پنهنجي گروپ ۾ چند گهڙيون انهن خصوصيتن ۽ روين تي گفتگو ڪريو، جيڪي يقيناً اليهاندرا جي ملاقات ۾ موجود هوندا. جن جي ڪري اها ملاقات ايتري قدر باشعور رهي. اُن مان اهم ترين جنهن تي غور ڪرڻو آهي اُها عاجزي آهي، سڀ عاجزي جو بنياد خدا جي حضور عاجزي آهي. خدا جي حضور ئي اُن جي مخلوق جي اڳيان عاجزي جو سرچشمہ آهي. عاجزي جي اهميت ڪنهن بہ وقت اُن کان زياده اهم ناهي هوندي. جڏهن ڪو خدا ۽ اُن جي مظاهر ظهورن جي باري ۾ ڳالهہ ڪندو آهي. اوهان کي گهرجي تہ حضرت بهاءَ الله جي هيٺ ڏنل ڪلام تي غور و فڪر ڪريو ۽ انهن کي زباني ياد ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪريو:

"احباءِ الاهي جنهن محفل ۾ ويهن ۽ جنهن سان ملاقات ڪن انهن کي گهرجي تہ خدا سان پنهنجي عقيدت ۽ عظمت و ثناءَ جي ذڪر ۾ ايتري قدر عاجزي و انڪساري جو اظهار ڪن، جو انهن جي قدمن هيٺ خاڪ جو هر زره انهن جي خلوص جي شاهدي ڏي. انهن پاڪ بندن جي گفتگو مان ايتري قدر قوت جو اظهار ٿئي تہ خاڪ جا اُهي ذرا اُن جي جوش سان پرجي وڃن انهن کي اهڙو رويہ ۽ انداز اختيار ڪرڻ گهرجي جو جنهن زمين تي هو هلن جو هو ڪڏهن بہ انهن سان زبان حال سان خطاب نہ ڪري. مون کي توتي سرفرازي ملڻ گهرجي. ڇو تہ ڏسو تہ آءٌ ڪهڙي طرح صبّر سان پنهنجي مٿان هلڻ واري جو وزن برداشت ڪري رهي آهيان. آءٌ اُهو ذريعو آهيان جنهن جي ڪري

سڀني مخلوق کي اُهي برڪتون هميشہ ميسر هونديون آهن جيڪي خداء فياض منهنجي اندر سنڀالي رکيون آهن. مون کي عطا ڪيل عزت ۽ منهنجي اندر دولت جون بيشمار شاهديون موجود آهن. اهڙي دولت جيڪا سڀني مخلوق جون ضرورتن کي پورو ڪري ٿي. اُن جي باوجود منهنجي انڪساري جي انتها ڏسو ۽ اهو مشاهده ڪريو تہ ڪهڙي طرح ڪامل عاجزي سان ماڻهن جي قدمن سان پاڻ کي صابر رکندي آهيان." (4)

جهڙوڪ مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ خدا جي حضور اڳيان عاجزي ئي اسان جي ساٿي انسانن جي اڳيان عاجزي جو سرچشمہ آهي. انهيءَ عاجزي سان اُن وقت دعا جي حالت اختيار ڪندا آهيون. جڏهن هڪ دوست يا پاڙيسري جي گهر خاص موضوعن جي سمجهہ کي ملي ڪري وڌائڻ جي لاءِ ملاقات ڪندا آهيون. گفتگو جي دوران اسان پنهنجي خيالن کي مسلسل خدا جي طرف متوجہ رکندا آهيون. ان کي التجا ڪندا آهيون، تہ اسان جي ۽ حاضرين جي ذهن و دل کي روشن ڪري ڇڏ. ڪيتريون ئي اهڙيون عبارتون بيان ۽ جملا دعائن ۾ موجود آهن، جن کي هن مقصد جي لاءِ زباني ياد ڪري سگهجي ٿو، اُنهن مان فقط چند هيٺ ڏنا ويا آهن:

"اسان جي دلين کي روشن ڪر، اسان کي ڏسڻ واريون اکيون ۽ ٻڌڻ وارا ڪن عطا فرما." (5)

"اي پروردگار! پنهنجي بي انداز الطاف کي اسان جي حال ۾ شامل ڪر ۽ هدايت جي نور سان چمڪائي." (6)

"عرفان جا دروازا کولي ڇڏ ۽ ايمان جو نور ظاهر فرما." (7)

"اي پروردگار! اسان جي اکين کي روشن ڪر تہ جيئن تنهنجي نور جو مشاهدو ڪري سگهون." (8)

"آءُ تنهنجي طرف مڪمل طور تي متوجہ هُجان، پنهنجي پاڪ، ذهن و زبان سان توکي التجا ٿو ڪريان تہ پنهنجي وحدت خدائي جي دور ۾ مون کي اُن شئي کان جيڪا تنهنجي رضا جي خلاف هجي تہ محفوظ رک." (9)

## حصو:6:

جناب ۽ بيگم سانچيز سان ملاقات ڪرڻ ۽ انهن سان ازلي ۽ ابدي ميثاق جي موضوع تي گفتگو سان اليهاندرا جي دل خوشيءَ سان پرجي ويئي آهي. هوءَ سوچي ٿي تہ ايندڙ ملاقات ۾ انهن جي لاءِ حضرت بهاءُالله جي زندگيءَ جي باري ۾ پنهنجي علم کي وڌائڻ جو هڪ سنو موقعو هوندو" هيٺ اُها پيشڪش آهي. جنهن جو هوءَ استعمال ڪندي:

حضرت بهاءَ الله 12 نومبر 1817ع تي ايران جي گادي جي هنڌ طهران ۾ پيدا ٿيا. ننڍپڻ کان ئي اوهان مان غير معمولي صفتون ظاهر ٿينديون هيون. اوهان جي والدين کي يقين ٿي ويو هو تہ سندن لاءِ هڪ عظيم مقام مقدر آهي. حضرت بهاءَ الله جي والد بزرگوار جيڪو بادشاهہ جي دربار ۾ هڪ

معزز وزير هو. پنهنجي هن پٽ سان بي پناهہ محبت ڪندا هئا. هڪ رات انهن خواب ڏٺو تہ حضرت بهاءُ الله هڪ وڏي سمنڊ ۾ تري رهيا آهن. اوهان جو مبارڪ جسم چمڪي رهيو آهي. وسيع سمنڊ کي روشن ڪري رهيو آهي، اوهان جا ڊگها ڪارا وار کُليل آهن، ۽ پاڻي تي تمام طرفن ۾ تري رهيا آهن. مڇن جو هڪ وڏو تعداد اوهان جي چوڌاري جمع آهي ۽ هر هڪ مڇي هڪ وار مبارڪ کي جهلي رکيو آهي. جڏهن مڇين جو تمام وڏو تعداد هو. پر حضرت بهاءُ الله جي مٿي جو هڪ وار بہ جدا نہ ٿيو. اوهان آزاد بنا روڪ ٽوڪ جي تري رهيا هئا. ۽ سڀ مڇيون اوهان جي پنيان پنيان هيون. حضرت بهاءُ الله جي والد بزرگوار خواب جي تعبير معلوم ڪرڻ جي لاءِ هڪ نجومي کي گهرايو جيڪو پنهنجي حڪمت سبب مشهور هو. هنن کي ٻڌايو ويو تہ خواب ۾ لامحدود سمنڊ عالم وجود آهي. حضرت بهاءُ الله اڪيلو بنا ڪنهن جي مدد جي انهن تي اقتدار حاصل ڪندا. بي شمار مڇيون اُن هلچل جي عڪاسي ڪن ٿيون جيڪي دنيا جي ماڻهن ۾ برپا ڪندا.

اوهان قادر مطلق جي حفاظت و حمايت ۾ رهندا. اها افراتفري اوهان کي ڪو نقصان پهچائي نہ سگهندي.

جنهن وقت حضرت بهاءُ الله جي عمر مبارڪ 13-14 سال هئي. پاڻ شاهي دربار ۾ پنهنجي علم و حڪمت سبب مشهور هئا. اوهان جڏهن 22 ورهين جا هئا تہ اوهان جو والد بزرگوار جو انتقال ٿي ويو. ۽ حڪومت اُن جو عهدو حضرت بهاءِ الله کي پيش ڪيو. پر حضرت بهاءُ الله دنياوي معاملن جي نگراني ڪرڻ ۾ پنهنجي وقت خرچ ڪرڻ جو اراده نہ رکندا هئا. اُن دربار ۾ انهن جي وزيرن کي خير آباد چيو تہ جيئن هو اُن راهہ تي هلي سگهن جنهن جو فيصلو خدا پنهنجي لاءِ ڪيو هو. پاڻ سڄورا پنهنجو وقت مظلومن بيمارن ۽ نادار غريبن جي مدد ڪرڻ ۾ وقف ڪندا هئا. ۽ جلدئي اوهان انصاف جي علم بردار جي حيثيت ۾ مسعود ٿي ويا. ستاويهہ سالن جي عمر ۾ حضرت بهاءُالله جي خاص قاصد وسيلي حضرت باب جا چند آثار مقدسہ وصول ٿيا. جنهن ۾ يوم جديد ظاهر ٿيڻ جو اعلان هو هڪ اهڙو ڏينهن جڏهن هڪ نئون ظهور الاهي دنيا ۾ امن، اتحاد ۽ انصاف آڻيندو. جنهن جي انساني نسل وڏي عرصي کان منتظر هئي، حضرت بهاءُالله فورن حضرت باب جي پيغام کي تسيلم ڪري ورتو ۽ سندس پُرجوش پيروڪارن مان هڪ ٿي ويا. پر افسوس جو ايران جا حاڪم جيڪي پنهنجي خود غرض خواهشن جي اثر هيٺ انڌا هئا. حضرت باب جي مڃيندڙن کي سختي سان چيپاڻڻ لاءِ شروع ٿي ويا. حضرت بهاالله بہ جيڪي پنهنجي شرافت جي سبب مشهور هئا اُن کان بچي نہ سگهيا. حضرت باب جو اظهار امر کان تقريباً انن سالن بعد خود حضرت باب جي شهادت جي ٻن سالن ڪانپوءِ حضرت بهاءُالله کي "سياه چال" نالي قيد خاني ۾ اوندهائي ڪوٺڙي ۾ قيد ڪيو ويو. اوهان جي ڳلي مبارڪ ۾ وزني زنجيرون وڌيون ويون. اُهي ايتري وزني هيون جو اوهان پنهنجو سر مبارڪ ڪٽي نہ سگهندا هئا. هتي حضرت بهاءُالله کي سخت مصيبتن ۾ چار مهينا گذارڻا پيا. پوءِ اهو سياه چال هو جتي خدائي روح اوهان جي روح کي سرشار ڪري ڇڏيو ۽ اوهان تي اهو ظاهر ٿيو تہ اوهان ئي سيني دورن جا موعود آهيو. هن اوندهائي ڪوٺڙي مان بهاءُ الله جو سج ايريو ۽ اُن سڄي مخلوق کي منور ڪري ڇڏيو.

سياه چال قيد خاني ۾ قيد رکڻ بعد حضرت بهاءُالله کي سندس مال و متاع کان بيدخل ڪيو ويو ۽ اوهان جي مقدس گهراڻي کي جلاوطن ڪيو ويو. سياري جي موسم جي شديد سرديءَ ۾ اوهان کي ايران جي جابلو علائقي مان گذري بغداد طرف سفر ڪرڻو پيو. جيڪو اُن زماني ۾ ترڪي جو هڪ شهر ۽ هاڻي عراق جي گادي جو هنڌ آهي. انهن جي تڪليفن کي لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي. اُن تاريخ ساز شهر تائين پهچڻ جي لاءِ سوين ڪلو ميٽرن جو سفر برف ۽ ٿڌن رستن تي پياده هلي طئي ڪرڻو پيو.
جڏهن اوهان بغداد پهتا ته جلدئي اوهان جي شهرت پوري بغداد ۽ اُن علائقي جي ٻين شهرن تائين ڦهلجي ويئي ۽ ماڻهو هڪٻئي پويان تمام گهڻا هن جلاوطن قيدي کي ڏسڻ لاءِ سندس در تي اچڻ لڳا. ته جيئن اوهان کان فيض حاصل ڪري سگهن. پوءِ به اتي ڪجهه ماڻهو اهڙا به هئا جيڪي اوهان جي شهرت کان حسد ڪرڻ لڳا. انهن ۾ هڪڙو خود حضرت بهاءِ الله جو پنهنجو ڏاريو ڀاءُ مرزا يحيٰ هو جيڪو اوهان جي پُر شفقت نظرداري ۾ رهي رهيو هو. مرزا يحيٰ جي سازشون حضرت باب جي مومنن درميان نا اتفاقي جو سبب بڻيو. اُن سبب حضرت بهاءَ الله کي شديد صدمو پهتو. هڪڙي رات ڪنهن کي ٻڌائڻ کان سواءِ پنهنجي گهر کي خير آباد چئي ۽ خود ڪردستان جي ٽڪرين طرف هليا ويا. اُتي اوهان گوشه نشيني ۾ دعا و مناجات ۽ غور و فڪر ۾ مشغول زندگي گذارڻ لڳا. اوهان هڪ ننڍڙي غار ۾ رهندا هئا. ۽ نهايت ساده کاڌي تي گذارو ڪندا هئا. اُن علائقي ۾ ڪوبه اوهان جي حسب و نسب کي نه ڄاڻندو هو. ۽ نه ئي ڪنهن کي سندس نالي جي خبر هئي. پر آهسته آهسته آسپاس جا ماڻهو اُن "بي نام هستي" جي باري ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا. ته هڪ عظيم درويش آهي جنهن کي خدا علم سان نوازيو آهي. جڏهن اُن مقدس هستي جي باري ۾ حضرت بهاءَ الله جي وڏي پٽ حضرت عبدالبهاءَ کي خبر ملي ته اوهان فورن سمجهي ويا ته اهي نشانيون سندس والد بزرگوار جون آهن، حضرت بهاءَ الله کي خاص قاصد جي ذريعي خط روانه ڪيا ويا. جن ۾ اوهان کي التجا ڪئي ويئي ته اوهان بغداد واپس اچو. اوهان اهو قبول ڪيو ۽ اهڙي طرح دردناڪ جُدائي ٻن سالن جي مدت کي پاڻ ختم ڪيو. حضرت بهاءَ الله جي غير حاضري دوران بابي جماعت جي حالت تيزي سان زوال پزير هئي. حضرت بهاءَ الله ڪردستان جي پهاڙن کان واپسي کان پوءِ ست سال بغداد ۾ رهيا. ۽ حضرت باب جي مظلوم ۽ پريشان مومنن ۾ هڪ نئون روح ڦونڪي ڇڏيو. جڏهن ته اوهان اجا تائين پنهنجي عظيم الشان مقام جو اظهار ڪونه ڪيو هو. پر سندس ڪلام جي قوت ۽ حڪمت بابين جي وڏندڙ تعداد کي اوهان جو پشيرو بنائڻ لڳي. ۽ زندگي جي تمام شعبن جا ماڻهو سندن تعريف ۽ تمجيد ڪرڻ لڳا. پر تعصّب پسند ديني پيشوا حضرت بهاءَ الله جي اُن زبردست اثر و رسوخ کي برداشت نه ڪري سگهيا. هنن جو اثر جيڪو سندن بي شمار ماڻهن کي هو. انهن اختيار وارن کي بيشمار شڪايتون ڪيون جو ايراني حڪومت ترڪي جي ڪجهه آفيسرن ان ڳٺ جوڙ ڪري حضرت بهاءُالله کي پنهنجي مادر وطن کان اجا وڌيڪ پري ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو. هن ڀيري اوهان کي قسطنطنيه، جي شهر جلاوطن ڪيو ويو.

اپريل 1863ع بغداد جي ماڻهن لاءِ وڏي غم ۽ پريشاني جو مهينو هو. هنن ماڻهن جو محبوب انهن جو شهر ڇڏي ڪنهن نامعلوم منزل طرف وڃي رهيو هو. روانگي کان اڳ حضرت بهاءَ الله شهر جي مضافات ويجهو هڪ باغ ۾ منتقل ٿي ويا ۽ اتي پنهنجا خميا کوڙيا ۽ ٻارهن ڏينهن تائين زائرين جي سيلاب سان ملاقات ڪندا رهيا. جيڪي اوهان کي الوداع چوڻ لاءِ گڏ ٿيا هئا. حضرت باب جا پيروڪار اُجهايل دلين سان باغ ۾ ايندا هئا. انهن مان ڪجهہ کي حضرت بهاءَ الله سان گڏ جلاوطني جي اڳين منزل طرف وڃڻو هو. پر ڪافي ماڻهن کي پوئتي رهڻو هو ۽ حضرت بهاءَ الله جي قربت کان محروم ٿيڻو هو. پر خدا جو ارادو اهو ڪونہ هو. اهو هڪ حُزن و ملال جو موقعو هو. اُن جي بي پناهہ رحمت جا دروازا کُلي ويا. ۽ حضرت بهاءَالله اُتي موجود ماڻهن کي اعلان ڪيو تہ اوهان ئي اُهي موعود آهيو جنهن جي پيشنگوئي حضرت باب فرمائي هئي. يعنيٰ اُهو جنهن کي خدا ظاهر ڪندو. من يظهر الله اُن اعلان غم واعده کي خوشي ۽ شادماني سان بدلائي ڇڏيو. ۽ قلب مسرور ٿي ويا ۽ روح اوهان جي محبت جي باهہ سان شعلاور ٿي ويا. اپريل جي انهن ٻارهن ڏينهن جي عرصي کي ساري دنيا ۾ عيداعظم يعني حضرت بهاءَالله جي عالمگير مشن جي سالگره جي طور تي ملهايو ويندو آهي.

قسطنطنيہ سلطنت عثمانيہ جي گادي جو هنڌ هو، هتي بہ حضرت بهاءَالله جلدئي پنهنجي حڪمت، دانائي ۽ پرڪشش شخصيت سبب وڏي تعداد ۾ ماڻهن کي پنهنجي طرف متوجہ ڪرڻ لڳا. تعصي ديني پيشوائن پاڻ ۾ سرگوشي ڪئي تہ پاڻ سڳورن کي هاڻي وڌيڪ قسطنطنيہ ۾ رهڻ نہ ڏنو وڃي ۽ انهن سرڪاري آفيسرن کي قائل ڪري ورتو. تہ حضرت بهاءَالله کي ادرنہ شهر جلاوطن ڪيو وڃي. ادرنہ ۾ حضرت بهاءَالله ساڍا چار سال رهيا. اوهان دنيا جي بادشاهن ۽ حڪمرانن جي نالي الواح تحرير فرمايائون جن ۾ انهن کي دعوت ڏني تہ هو ظلم جا رستا ڇڏي ڏين. پنهنجي رعيت جي فلاح و بهبود لاءِ پاڻ کي وقف ڪن تڏهن اوهان جي دشمنن اوهان جي لاءِ هڪ ظالماڻہ قسم جي سزا مقرر ڪئي فيصلو ڪيو ويو تہ اوهان ۽ اوهان جي خاندان کي عڪا جلاوطن ڪيو وڃي. جيڪو اُن وقت پوري سلطنت جو بدترين ڪاري پاڻي وارو علائقو هو هنن جاهلن سمجهيو يقيناً شهر زندان جي سخت ترين حالتون ۽ تڪليفون سبب اوهان نيست و نابود ٿي ويندا ۽ تصور ڪندا هئا تہ اهڙي طرح هن منصوبي کي روڪي سگهن ٿا. جنهن کي خود خدا متحرڪ ڪيو هو. عڪا حضرت بهاءَالله جون مصيبتون ايتريون زياده آهن جو انهن جو بيان ڪرڻ تمام مشڪل آهي. زندگيءَ جي سڀني وسيلن کان محروم اوهان ڏينهن رات دشمنن جي گهيري ۾ رهندا هئا. پر اُن قيد خاني جي حالتن ۾ بتدريج تبديلي ايندي رهي. عڪا جي باشندن ۽ حڪمرانن کي بهائين جي هن ننڍڙي گروپ جي معصوميت ۽ بي گناهي تي يقين ڪرڻ لڳا هئا، جيڪي اُن شهر ۾ جلا وطن ڪيا ويا هئا. هڪ ڀيرو وري ماڻهو هن غير معمولي هستي جي پيار ۽ عقل و دانش جا مريد ٿيڻ لڳا، جڏهن تہ انهن مان اڪثريت اوهان جي اعليٰ مقام ۽ مرتبي کي نٿي سمجهيا. نون سالن ڪانپوءِ شهر زندان جا دروازا حضرت بهاءَالله ۽ سندس ساٿين جي لاءِ کوليا ويا. اوهان جي محبوب فرزند حضرت عبدالبهاءَ پنهنجي والد محترم جي

لاءِ هڪ باوقار جڳهه حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا ته شهر جي حدن کان ٻاهر زندگي گذاري سگهن، نيٺ حضرت عبدالبهاءَ ٻهراڙي جي علائقي ۾ هڪ گهر ڪرائي تي ورتو. جتي حضرت بهاءُالله پنهنجي زندگيءَ جا بقايا تيرهن سالن نسبتاً امن ۽ سڪون سان گذارڻ جي قابل ٿيا. هاڻي اسان اُن گهر کي قصر بهجي جي نالي سان ڄاڻون ٿا ۽ جتي اوهان مئي 1892ع ۾ پنهنجي عظمت ۽ جلال جي بلندي ۾ صعود فرمايو.
حضرت بهاءُالله عالمي امن ۽ يڪجهتي جو پرچم بلند ڪيو، ۽ ڪلام الاهي کي جاري فرمايو، جڏهن ته دشمنن اوهان جي خلاف پنهنجي قوتن کي گڏ ڪري ورتو هو. اوهان انهن تي فاتح رهيا. ڇو ته خدا اوهان سان واعدو ان وقت ڪيو هو ته جڏهن اوهان سياه چال ۾ زنجيرن ۾ جڪڙيل هئا. حضرت بهاءُالله جو پيغام اوهان جي زندگيءَ دوران ئي هزارين ماڻهن جي دلين کي زنده ڪرڻ جو سبب بڻيا. اڄ اوهان جي تعليمات دنيا جي هر ڪنڊ ۾ وڌنديون وڃن، دنيا جي ڪابه چيز اوهان کي پنهنجي حقيقي مقصد کي حاصل ڪرڻ کان روڪي نٿي سگهي يعني نوع بشر کي هڪ عالمگير امر ۽ هڪ مشترڪ دين تحت متحد ڪرڻ.

حضرت بهاءُالله جي زندگي جي باري ۾ مٿي ڏنل بيان ڪجهه ڏکو آهي هيٺ ڏنل مشقن کي حل ڪرڻ کان اڳ ۾ ضروري آهي ته اوهان اُن جي بيان کي جملي به جملي پنهنجي گروپ ۾ پڙهو ۽ هڪ ٻئي کان سوال ڪريو، ايستائين جو اوهان اُن مواد کي چڱي طرح سکي وڃو، ۽ آساني سان پيش ڪري سگهو. هيٺ ڏنل نقشو حضرت بهاءُالله جي جلاوطني ۽ اُهي رستي ۾ ايندڙ واقعن کي ياد ڏيارڻ ۾ اوهان جي مدد ڪندو.

1- اوهان جي لاءِ مفيد ٿي سگهي ٿو ته هيٺ ڏنل جاءِ ۾ ذڪر ڪيل بيان جي بنياد تي حضرت بهاءُالله جي مبارڪ حياتي سان وابسته اهم واقعن کي تسلسل سان تحرير ڪريو.

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

.............................................................................................................................................

.............................................................................................................................................

.............................................................................................................................................

2- حضرت بهاءَالله جي مبارڪ حياتي جي مرڪزي خيال سان لڳ گفتگو ۾ سلسلي وار واقعن کان هٽي ڪري ڪيترا اهڙا تصور آهن جن تي زور ڏيڻ جي ضرورت آهي. اوهان انسان ذات سان محبت ۾ جيڪي مصيبتون سنيون آهن ۽ پنهنجي امر جي مخالفت جي مقابلي جيڪي غير معمولي فتوحات حاصل ڪيون انهن تي غور و فڪر مخصوص اهميت وارو آهي. اچو ته انهن لفظن کي دل و دماغ تي نقش ڪري ونون:

"جمال قدم پاڻ کي زنجيرن ۾ ٻڌائڻ قبول ڪيو ته جيئن انسان ذات پنهنجي قيد مان آزاد ٿئي ۽ اُن نهايت مضبوط قلعي اندر قيد ڪرائڻ پسند ڪيو ته جيئن پوري دنيا حقيقي آزادي حاصل ڪري سگهي. اُن غم جو پيالو آخر تائين اُن ڪري پي ڇڏيو. ته جيئن پوري ڌرتي جا ماڻهو دائمي خوشي حاصل ڪري سگهن. ۽ مسرت سان پرجي وڃن، اها تنهنجي اُن مالڪ جي رحمت آهي جيڪو رحمٰن و رحيم آهي. اي خدا جي توحيد تي ايمان رکڻ وارا! اسان پنهنجي لاءِ ذلت پسند ڪئي ته جيئن اوهان جو مرتبو بلند ٿئي اسان بي شمار مصيبتون سنيون آهن ته جيئن اوهان خوشحال هجو ۽ ترقي ڪريو. اُهو جيڪو سڄي دنيا کي نيئن سر تعمير ڪرڻ آيو آهي. ڏسو ته ڪهڙي طرح مُشرڪن اُن کي ويران ترين شهر ۾ رهڻ تي مجبور ڪيو آهي!" (10)

3- جڏهن اسان حضرت بهاءَالله تي ٿيندڙ مصيبتن جو ذڪر ڪريون ته اسان کي هن ڳالهه جو خيال رکڻ گهرجي ته اوهان کي پنهنجي دشمنن جي چنگل ۾ هڪ بي يارو و مددگار مظلوم جي طور تي پيش نه ڪريو.

اوهان پنهنجي مرضي سان خود کي زنجيرن ۾ ٻڌائڻ قبول ڪيو ته جيئن نوع بشر کي آزادي ملي سگهي. اوهان جي زندگيءَ جي ڪهاڻي جڏهن ته عظيم مشڪلاتن جي واقعن سان پريل آهي. پر حقيقت ۾ هي هڪ ڪاميابي جي ڪهاڻي آهي. حضرت بهاءَالله جي زندگي جي باري ۾ هاڻي اوهان جيتري قدر ڄاڻو ٿا، اُن تي انحصار ڪندي پنهنجي ٽيوٽر جي مدد سان ڪيو، اوهان هڪ مختصر تقرير ڪري سگهو ٿا، جنهن ۾ حضرت بهاءَالله تي ٿيل مصيبتن ۽ اوهان جي فتحن جو ذڪر آهي؟ هيٺ ڏنل سوال اوهان جي لاءِ مددگار ٿي سگهن ٿا.

الف- حضرت بهاالله خود کي زنجيرن ۾ ٻڌرائڻ ڇو منظور ڪيو

.............................................................................................................................................

ب- حضرت بهاءَالله قيدي بنجڻ ڇو قبول ڪيو؟

.............................................................................................................................................

ج- حضرت بهاءَالله ڏکن سان ڀريل پيالو ڇو پيتو؟

.............................................................................................................................................

د- حضرت بهاءَالله ذليل ٿيڻ ڇو قبول ڪيو؟

.............................................................................................................................................

ه- حضرت بهاءَالله ايتري قدر تڪليفون ڇو برداشت ڪيون؟

.............................................................................................................................................

و- ڇا حضرت بهاءَالله ايتري قدر تڪليفون اُن لاءِ برداشت ڪيون ته اوهان اُن ڪانسواءِ ڪجهه ڪرڻ تي قادر نه هئا

.............................................................................................................................................

ز- جيڪڏهن حضرت بهاءَالله پنهنجن دشمنن جي اڳيان بي وس نه هئا.... ته اوهان هي سڀ تڪليفون ڇو برداشت ڪيون؟.............................................................................................

.............................................................................................................................................

## حصو 7

اليهاندرا جي سانچيز جي گهر اها ٻي ملاقات ڀهرين ملاقات وانگر خوشگوار آهي. جناب سانچيز ۽ بيگم ڪنهن حد تائين اڳ ۾ ئي حضرت بهاءَالله جي مبارڪ حياتي جي داستان کان واقف آهن. پر هو اليهاندرا جي پيشڪش بابت وڌيڪ ڄاڻڻ تي خوش هئا ۽ اوهان جي تڪليفن جي روادر ڪان متاثر ٿيا آهن. هڪ موقعي تي بيگم سانچيز غور ڪري ٿي ته "ائين لڳي ٿو ته خدا جا مظهر ظهور هميشه قيادت ۽ دنياوي طاقت جا اُجايل ماڻهن مٿان تڪليف جو شڪار ٿيندا آهن." اليهاندرا فيصلو ڪيو ته انهن اڳيان اُهي اقتباس پيش ڪري جيڪي هن زباني ياد ڪيا آهن. جنهن جو اوهان به گذريل حصي ۾ مطالعو ڪيو هو. جنهن ۾ حضرت بهاءَالله انهن مصيبتن جو ذڪر فرمائين ٿا جيڪي اوهان انسانيت خاطر برداشت ڪيون آهن. ته جيئن اسان ظلم کان آزاد هجون، ۽ دائمي خوشي حاصل ڪري سگهون. اُن ڏينهن جي گفتگو مان ٿيئي دوست توانائي محسوس ڪن ٿا.

پنهنجي آئينده ملاقات بابت سوچيندي اليهاندرا فوراً اُن نتيجي تي پهچي ٿي، حضرت عبدالبهاءَ جو مقامي گفتگو جي لاءِ هڪ فطري موضوع هوندو. هي اُهي نڪتا آهن. جن کي گفتگو ۾ شامل ڪرڻ اُهوئي يقيني بنائيندي:

حضرت عبدالبهاءَ حضرت بهاءَالله جا وڏا صاحب زاده آهن. ۽ انساني تاريخ ۾ هڪ منفرد ترين شخصيت آهن ۽ اسان کي ڪنهن به گذريل دين ۾ اوهان جهڙي هستي نه ملي سگهندي. اوهان ننڍپڻ ۾ ئي پنهنجي والد بزرگوار جي ملڪوتي مقام کي سڃاڻي ورتو هو ۽ اُن جي جلاوطني ۽ مصيبتن

۾ شريڪ رهيا هئا. حضرت بهاءُالله پنهنجي (صعود) کانپوءِ بهائي جماعت کي اوهان جي طرف نگهداشت ۽ حفاظت جي لاءِ ڇڏيو هو. اسان ڪڏهن بہ اُن عظيم عنايت جي مڪمل طور تي قدر داني نٿا ڪري سهگون. جيڪا حضرت بهاءُالله نوع بشر کي عطا فرمائي تہ صرف اوهان اسان کي پنهنجي عظيم الشان ظهور سان نوازيو بلڪ پنهنجو پٽ بہ عطا ڪيو.
اهو فرزند جن جي باري ۾ حضرت بهاءُالله فرمايو تہ جن جي علم ۽ دانائي جي ذريعي دنيا منور ۽ هدايت يافتہ ٿي ويندي.
جڏهن اسان حضرت عبدالبهاءَ جي زندگيءَ ۽ اوهان جي بيانن جو مطالعو ڪريون ٿا تہ اسان اُن منفرد مقام جي باري ۾ بصيرت حاصل ڪندا آهيون، جيڪا اوهان کي هن مبارڪ دور ۾ حاصل آهي اهم ڳالهہ هي آهي تہ هن مقام جا ٽي پهلو پنهنجي ذهن ۾ رکون.
اول هي تہ حضرت عبدالبهآء جي زندگيءَ ۽ اوهان جي بيانن جو مطالعو ڪريون ٿا تہ اسان اُن منفرد مقام جي باري ۾ بصيرت حاصل ڪندا آهيون، جيڪا اوهان کي هن مبارڪ دور ۾ حاصل آهي اهم ڳالهہ هي آهي تہ هن مقام جا ٽي پهلو پنهنجي ذهن ۾ رکون.

اول هي تہ حضرت عبدالبهآءَ حضرت بهاءُالله جي ميثاق جا مرڪز آهن. حضرت بهاءُالله پنهنجن مومنن سان عهدو ميثاق ٻڌهو ۽ انهن کي تاڪيد ڪئي تہ پنهنجن دلين کي اُن مرڪز طرف متوجہ ڪن. اُن سان مڪمل طور تي وفادار رهن. پنهنجي الواح وصايہ ۾ حضرت عبدالبهآءَ حضرت شوقي آفندي کي ولي امرالله مقرر فرمايو ۽ ڪيس مرڪز متعين فرمايو جنهن ڏانهن اوهان جي صعود کانپوءِ سيني کي رجوع ٿيڻو پوندو اجوڪي ڏينهن اهو مرڪز بيت العدل اعظم الاهي آهي جنهن کي حضرت بهاالله جي حڪم مطابق ۽ حضرت عبدالبهآء ۽ حضرت ولي امرالله جي صاف صاف هدايتن تحت قائم ڪيو ويو آهي. ميثاق جامع کي پاڻ ۾ متحد رکي ٿو ۽ اُن کي تفرقي ۽ ٽوٽ ڦوٽ کان محفوظ رکي ٿو.

ٻيو تہ  حضرت عبدالبهاءَ حضرت بهاءُالله جي ڪلام کي خطا کان پاڪ مفسر آهن. حضرت بهاءُالله جو ظهور ايتري قدر وسيع آهي. ۽ سندن بيانن ۾ اهڙا گهرا مطلب پوشيده آهن اوهان اهو ضروري سمجهو تہ پاڻ کان پوءِ پنهنجي ڪلام جو هڪ اهڙو مفسر مقرر فرمائين جن کي خود اوهان جو فيض حاصل هجي. اهڙي طرح  ايندڙ نسل حضرت عبدالبهآء جي  بيشمار الواح ۽ تصديق ٿيل بيان خطابات ۾ موجود تفسيرن جي مطالعي ذريعي حضرت بهاءُالله جي تعليم کي سمجهڻ جي قابل هوندو حضرت عبدالبهاءَ کانپوءِ حضرت ولي امرالله حضرت بهاءُالله جي تعليم جا مفسر هئا. تفسير جو ڪم اوهان جي وسيلي مڪمل ٿيو. هاڻي رهيل بهائي دور ۾ ڪنهن کي بہ حضرت بهاءُالله جي ڪلام جي تفيسر ڪرڻ جو اختيار حاصل ناهي.
ماضي ۾ هر دين پنهنجي مقدس ڪلام جي بيانن جي مختلف تفيسرن سبب فرقہ واريت جو شڪار ٿي ويو. پر هن مبارڪ دور ۾ جڏهن حضرت بهاءُالله جي ڪنهن بيان جي معنيٰ تي غير يقيني جي

ڪيفيت پيدا ٿي ته هر هڪ حضرت عبدالبهاءَ ۽ حضرت وليءَ امر الله جي تفسيرن طرف رجوع ڪندا . پوءِ به غير يقيني موجود رهي ته ڪير به بيت العدل اعظم الاهي ڪان وضاحت جي درخواست ڪري سگهي ٿو. اهڙي طرح مبارڪ تعليمات جي مطلب جي باري ۾ اختلاف رائي جي ڪا گنجائش ئي نٿي رهي ۽ امرالله جي وحدت محفوظ رهي ٿي.

ٿيون هي آهي حضرت عبدالبهآء پنهنجي والد بزرگوار جي تعليمات جا ڪامل مثال آهن. جڏهن ته اسان اوهان جي ڪمال جي درجي تائين پهچڻ جي ڪڏهن به اُميد نٿا ڪري سگهون. اُن جي باوجود اسان ڪي گهرجي ته اوهان جي مثال ڪي هميشه پيش نظر رکون. ۽ اوهان جي پيروي ڪرڻ جي مسلسل ڪوشش ڪندا رهون. جڏهن اسان مقدس آثار ۾ ڪٿي پيار جي باري ۾ پڙهون ته حضرت عبدالبهآء طرف متوجه ٿيون. ته اسان ڪي سندن پيار ۽ شفقت جو جوهر نظر ايندو. جڏهن اسان پاڪيزگي، انصاف، راست بازي، خوشي ۽ فياضي جي باري ۾ پڙهون ته اوهان جي طرف رخ ڪريون. اوهان جي زندگي تي غور ڪريون ته اسان ڏسون ته اوهان انهن خوبين ڪي نهايت ڪامل انداز ۾ ظاهر ڪندا هئا.
حضرت عبدالبهاءَ جي زندگي جو نشان يقيناً اوهان جي عبوديت آهي. اوهان جي نالي عبدالبهاءَ جو مطلب ئي "بها جو خادم" آهي ۽ اهوئي اُهو لقب آهي. جنهن ڪي اوهان هر اُن لقب ڪان وڌيڪ پسند ڪندا هئا جنهن سان مومن اوهان ڪي چاهيندا هئا. حضرت عبدالبهآء جي هيٺ ڏنل بيان خدمت ڪرڻ جي اوهان جي شديد اشتياق جو اظهار آهن.

"منهنجو نالو عبدالبهآء آهي. منهنجي اهليت عبدالبهاءَ آهي. منهنجي اصليت عبدالبهاءَ آهي. منهنجي تعريف عبدالبهآء آهي. جمال مبارڪ جي آستاني جي غلامي منهنجو شاندار ۽ روشن تاج آهي. ۽ سڀ انساني نسلن جي عبوديت منهنجو حقيقي دين آهي. عبدالبهاءَ ڪانسواءِ نه ته منهنجو ڪو نالو آهي نه، ڪو لقب، نه ڪو ذڪر نه ڪا تعريف آهي ۽ نه ڪڏهن ٿيندي. اها منهنجي خواهش آهي. اهائي منهنجي سڀ ڪان وڏي تمنا آهي. اها ئي منهنجي ابدي زندگي آهي. اهوئي منهنجو ازلي جلال آهي." (11)

واضح آهي ته اليهاندرا پنهنجي اڳين ملاقات ۾ جناب ۽ بيگم سانچيز سان جيڪو ونڊڻ جو منصوبو ٺاهي رهي آهي اُهو هڪ بيحد منفرد شخصيت جو فقط هڪ تعارف آهي. هن دور ۾ حضرت عبدالبهآء جي مقام جي لاءِ اُن جي قدر داني ايندڙ سالن ۾ وڌندي رهندي. پنهنجي زندگيءَ ۾ جيئن جيئن اوهان جي راهه تي هلڻ جي ڪوشش ڪندا ته اوهان ڪي ڪيترائي موقعا ملندا ته حضرت عبدالبهآء جي مثال ڪي ذهن ۾ رکو ۽ اُن جي لفظن ڪي غور ڪريو. گذريل يونٽ ۾ اوهان اُن جي بيانن ڪان آشنا ٿي چڪا آهيو ۽ انهن ۾ اوهان جي حوصله افزائي ڪئي ويئي هئي ته حضرت عبدالبهآء جي الواح ۽ عام خطابن ۾ پيش ڪيل نظرين ڪي انهيءَ انداز جي مطابق بيان ڪرڻ سڪو. جهڙي طرح اوهان ڪندا هئا. هاڻي اوهان جي مقام جي باري م پنهنجي موجوده ڄاڻ (تفهيم) ڪي

مستحڪم ڪرڻ جي لاءِ اوهان پنهنجي گروپ جي ٻين ساٿي ميمبرن سان متي ڏنل اهم نڪتن تي مشورت ڪريو. انهن کي بيان ڪرڻ جي مشق ڪريو. هن بيان تي غور و فڪر ڪرڻ سان خدمت جي راهه تي پيش رفت ۾ اوهان جي ڪاوشن جي لاءِ اُلقا حاصل ٿيندو.

## حصو 8

هڪ سوال اليهاندرا جي ذهن ۾ تڏهن کان آهي جڏهن کان اُن جناب ۽ بيگم سانچيز سان پنهنجين ملاقاتن ۾ شروع ڪيون هيون، اُهي هي ته گفتگو جا اُهي ڪهڙا موضوع آهن جن جي تحڪيم ڪرڻ ۾ جيڪي انهن جي پنهنجي محلي ۾ سماج سازي جي عمل کي فعال حامي بنجڻ ۾ مددگار هجن. هڪ طرف هو اُميد ڪري ٿي ته دعا، روح جي بقا، ۽ محبت الله ۾ ثابت قدمي جهڙن موضوعن تي انهن سان گفتگو ڪري. ڇو ته انهن جي روحاني زندگي جي بنيادن کي مسلسل مستحڪم هئڻ گهرجي. ٻي طرف اِهو اهم ٿيندو ته هو هن سماج جي نوعيت جو نظريو حاصل ڪن. جيڪو بتدريج شڪل اختيار ڪري رهيو آهي. ۽ اهو ڄاڻن ته هو هن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ قابل قدر مدد ڪري سگهن ٿا. حضرت عبدالبهاءِ جي مقام جي باري ۾ جناب ۽ بيگم سانچيز سان پنهنجي گفتگو دوران اليهاندرا کي آهسته آهسته احساس ٿئي ٿو ته سندس ايندڙ ملاقات جو موضوع ڇا هجڻ گهرجي. هو سوچي ٿي ته انهن کي گهٽي حد تائين واضح آهي ته امرالله جو مقصد ماڻهن کي متحد ڪرڻ آهي. تنهن ڪري هاڻي جنهن موضوع جي اسان کي تحقيق ڪرڻ گهرجي، اُهو غالباً هي "آهي ته هڪ متحد سماج کي ڪهڙي طرح تعمير ڪيو وڃي ۽ اُن کي برقرار رکيو وڃي."

اليهاندرا پنهنجي چوٿين ملاقات جو آغاز انهن سرگرمين کي بيان ڪندي شروع ڪري ٿي جيڪوپاڙي جي دوستن جو هڪ نسبتاً ننڍو گروپ انجام ڏيئي رهيا آهن. هو ٻڌائي ٿي ته جيئن جيئن اسان جي تعداد ۾ اضافو ٿئي ٿو ته سڀ کان وڏي ذميواري اسان سيني کي ڪٽڻي پوي ٿي. اُها هي آهي ته اسان پنهنجي الفاظن، پنهنجن خيالن ۽ پنهنجي عملن ۾ وڌ کان وڌ متحد ٿي وڃون. بس جيڪڏهن اوهان اتفاق ڪريو ٿا ته اچو اسان مِلي اتحاد جي موضوع جي تلاش کي جاري رکون ٿا.

بيگم سانچيز جواب ڏي ٿي ته: "آءٌ سمجهان ٿي ته اسان جي سماج جي ترقيءَ لاءِ اتحاد ڪيتري قدر ضروري آهي." ۽ آخرڪار اهو حضرت بهاءَ الله جو پيغام وحدت و اتحاد ئي آهي جنهن اسان جي دلين کي اوهان جي تعليمات طرف سڀ کان پهرين ڇڪيو آهي." جناب سانچيز چيو:

اليهاندرا چوي ٿي ته "مون ڪيترن موضوعن جو انتخاب ڪيو آهي. انهن مان هر هڪ جي لاءِ هڪ اقتباس تلاش ڪيو آهي. جيڪڏهن اوهان کي ڪو اعتراض نه هجي ته اسان هڪ هڪ ڪري انهن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪري سگهون ٿا." اليهاندرا جي تصورن جي لسٽ هيٺ ڏنل آهي:

پنهنجي سماج کي حقيقتن متحد رکڻ جي لاءِ اسان مان هر هڪ کي تزاع و جدال کان پاسو ڪرڻ گهرجي. حضرت بهاءَ الله فرمائين ٿا تہ:
اجوڪي ڏينهن هن امر کي احبابن جي درميان فساد و تزاع، جدال بيگانگي ۽ سرد مهري کان وڌيڪ ڪا چيز نقصان نہ ٿي پهچائي سگهي. خدا جي قوت و قدرت جي مدد سان اُن کان بلڪل پري رهو ۽ دلين کي جوڙڻ واري عليم و حڪيم خدا جي نالي سان انسانن جي دلين کي پاڻ ۾ مِلايو.“ (12)

- اسان کي جامع جي فرد سان محبت هئڻ گهرجي هڪ اهڙي محبت جيڪا خدا جي لاءِ اسان جي محبت جو عڪس آهي.

حضرت عبدالبهاءَ فرمائين ٿا تہ:

مڪمل اتحاد سان رهو. هرگز هڪبئي کان ناراض نہ ٿجو، خدا جي رضّا جي خاطر اُن جي مخلوق سان پيار ڪريو نہ ڪہ خود اُن جي وجہ سان. جيڪڏهن اوهان انهن سان خدا جي خاطر پيار ڪندا تہ توهان ڪڏهن بہ ناراض يا تنگ نہ ٿيندا. انسان ذات مڪمل ڪونهي، هر انسان ۾ نقص موجود آهن ۽ جيڪڏهن اوهان خود ماڻهن طرف ڏسندا تہ هميشہ خوش نہ رهندا. پر جيڪڏهن اوهان خدا جي طرف ڏسندا تہ اوهان انهن سان پيار ڪندا. ۽ انهن تي مهربان رهندا. ڇو تہ خدا جو عالم تڪميلي ۽ مڪمل رحم جي دنيا آهي.“ (13)

هڪبئي سان تمام تر محبتن جي باوجود جيڪڏهن اسان ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي وڃي تہ اسان کي فورن حضرت عبدالبهاءَ جي هدايت کي ياد ڪرڻ گهرجي.

”آءٌ اوهان سيني کي ذميوار ڪريان ٿو تہ توهان مان هر هڪ پنهنجن تمام خيالن کي اتحاد و محبت تي نظر ڄمائي رکو. جڏهن جنگ جو خيال اچي تہ امن جي شديد خواهش سان اُن جي مخالفت ڪريو. نفرت جي خيال کي محبت جي هڪ طاقتور خيال سان ميٽي ڇڏيو. جنگ جا خيال هر قسم جي يڪجهتي، بهبودي ۽ آرام و قناعت کي برباد ڪري ٿا ڇڏين، محبت جا خيال برادري، صلح، دوستي ۽ مسرت جي تعمير جو سبب بنجن ٿا.“ (14)

- ۽ جيڪڏهن اسين ڏسون ٿا تہ اسان جي نفساني خواهش کي قابو ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش باوجود اسان تي غالب آهي تہ خود کي جهڳڙن ۾ ملوث ڏسون ٿا تہ اسان کي گهرجي تہ حضرت بهاءَ الله جي هنن اکرن کي ياد ڪريون:

”جيڪڏهن اوهان جي وچ ۾ ڪو اختلاف پيدا ٿي وڃي تہ مون کي پنهنجي پنهنجن ڇهرن جي سامهون بيٺل ڏسو ۽ هڪبئي جي غلطين کي پنهنجي نالي جي خاطر ۽ منهنجي واضح ۽ درخشان امر سان محبت جي علامت طور نظرانداز ڪريو.“ (15)

- ٻين جي خطائن کان اکيون پوري ڇڏڻ، انهن جي تعريف جي قابل خاصيتن تي نظر رکو ۽ گلاغيبت کان يڪسر پري رهڻ، اُهي اهڙا روحاني ضابطہ آهن جيڪي ناانصافي جي خلاف موثر ترين قدم آهن. گِلا غيبت طرف لاڙي کي قابو ڪرڻ، اُن وقت آسان ٿي ويندو آهي جڏهن هڪٻئي سان پيار ڪندا آهيون. اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ جن ماڻهن سان اسين پيار ڪندا آهيون انهن جي عيبن کي نہ ٿو ڏسجي. ۽ انهن کي خطا کان پاڪ ڏسڻ ۾ اسان کي ڪا دشواري پيش نہ ٿي اچي. حضرت عبدالبهاءَ فرمائين ٿا تہ:

”ناقص نظر انسانن کي غلط ٿي ڏسي. چشم خطا پوشي انسانن جي خالق طرف نظر هوندي آهي. اُن ئي انهن کي پيدا ڪيو آهي اُهو ئي انهن جي تربيت ڪندو ۽ انهن کي رزق ڏي ٿو. اُهو ئي انهن کي صلاحيت ۽ زندگي بخشي ٿو ۽ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جي قوت عطا ڪري ٿو. بس هو خدا جي عظمت جون نشانيون آهن. اوهان تي لازم آهي تہ هر هڪ جي لاءِ شفيق ۽ مهربان ٿي رهو غريب جو خيال رکو، ڪمزور جي حفاظت ڪريو. بيمار جو علاج ڪريو ۽ جاهلن جي تعليم و تربيت ڪريو.“ (16)

حضرت بهاءَ الله فرمائين ٿا:
”اي رفيق عرشي! بُري ڳالهہ نہ ٻُڌ، برو ڪم نہ ڏس. خود کي ذليل نہ ڪر روڄ راڙو نہ ڪر يعنيٰ ڪنهن کي برو نہ چئو تہ جيئن تون بہ بُرو نہ ڏسڻ ۾ اچين. ڪنهن جي ذلت پسند نہ ڪر، تہ جيئن تنهنجي ذلت ظاهر نہ ٿي وڃي. بس پاڪ دل پاڪ ضمير، مقدس سيني ۽ پاڪيزه طبيعت رکندي پنهنجي تمام عمر جيڪا هڪڙي پل کان بہ گهٽ آهي. بي فڪر ٿي رهہ تہ فراغت سان هن فاني مان جسم فردوس معنيٰ ۾ وڃي پهچين ۽ بقا جي عالم ۾ قرار حاصل ڪرين.
اوهان فرمايو تہ:
”اي هجرت ڪرڻ وارا! زبان منهنجي ذڪر ڪرڻ لاءِ مخصوص آهي اُن کي غيب سان گندو نہ ڪر ۽ نفس ناري اوهان تي غلبو ڪري تہ اوهان پنهنجي عيبن کي ياد ڪرڻ ۾ مشغول ٿي وڃو. نہ ڪ منهنجي مخلوق جي غيبت ۾. ڇو تہ اوهان مان هر شخص ٻئي انسان جي نسبت پنهنجو پاڻ کان تمام گهڻو واقف و باخبر آهي.“ (18)

- اتحاد فقط اهو ناهي تہ ماڻهن درميان نزاع ۽ فساد نہ هجي ۽ محبت کي صرف الفاظن مان ظاهر نہ ڪرڻ گهرجي. اسان صرف انهيءَ صورت ۾ اهو چئي سگهون ٿا تہ اسان جي درميان ۾ حقيقي اتحاد موجود آهي. جڏهن هڪٻئي جي لاءِ اسان جي الفت و محبت جي ترجماني سماج جي خدمت ۾ هجي ۽ جيڪڏهن اسان جي سرگرمين ۾ تعاون ۽ امداد باهي جو جذبو ڪار فرما نظر ايندو هجي. حضرت عبدالبهاءَ اسان کي سڏين ٿا:

”هڪ پل به آرام نه ڪر ۽ هڪ لمحو به راحت جو طلب گار نه ٿي. بلڪ دل و جان سان ڪوشش ڪريو ته جيئن اوهان مان پلي هڪ کي ئي پر خلوص خدمت پيش ڪري سگهو ۽ ڪنهن هڪڙي نوراني دل کي خوش و مسرت ڪري سگهو. اها حقيقي عنايت آهي ۽ اُن سان حضرت عبدالبهاءَ جي پيشاني نوراني آهي. اُن ۾ منهنجو ساٿي ۽ شريڪ بڻجو.“(19)
۽ اوهان فرمايو ٿا:

”انسانيت جي اعليٰ ترين حاجت تعاون ۽ اهميت وارا آهن. ماڻهن جي درميان رفاقت ۽ يڪ جهتي جا بندڻ جيتري قدر مضبوط هوندا. تمام انسانيت فعاليت جي ميدان ۾ ٿيندڙ تعميرات ۽ ڪاميابين جي قوت اوتري قدر عظيم هوندي.“ (20)

ڪامياب سماجي سرگرمين جي هڪ اهم ترين ڪُنجي سڀني معاملن ۾ بي تڪلفي ۽ پُر محبت مشورت جو عمل آهي. مشورت وسيلي اسان جا مختلف خيال هڪ نڪتي تي گڏ ٿي ويندا آهن. ۽ اسان کي معلوم ٿي ويندو آهي ته گڏيل قوم جي لاءِ اسان کي ڪهڙي راهه تي هلڻو پوندو.
مشورت وسيلي اسان وحدت و فڪر حاصل ڪرڻ جي قابل ٿيندا آهيون. جڏهن اسان جي فڪر ۽ نظرين ۾ وحدت پيدا ٿي ويندي آهي ته اسان پنهنجن سماجن جي پيشرفت جي لاءِ اثردار منصوبه ناهي سگهنداسون. حضرت عبدالبهاءَ مشورت ڪرڻ وارن جي باري ۾ فرمائين ٿا:

اُهي جيڪي گڏجي مشورت ڪندا آهن. انهن جي لاءِ خالص نيت، روح جي تجلي، ماسوا الله جي انقطاع، اُن جي روح القدس جي (لضحات) طرف ڪشش، انهن جي پيارن درميان خضوع و خشوع، مشڪلات ۾ صبر ۽ فجاڪشي ۽ اُن جي مقدس آستان جي عبوديت، اولين شرط آهن. جيڪڏهن اوهان انهن صفتن کي اختيار ڪرڻ ۾ انهن کي فيض سان پريل دستگيري حاصل ٿي وڃي ته انهن کي ملڪوت ابهيٰ مان فتح عطا ڪئي ويندي.“(21)
وحدت فڪر تيستائين نامڪمل رهندي جيستائين اُن کي عمل جي وحدت ۾ ظاهر نه ڪيو وڃي. عمل جي وحدت جو اهو مطلب ناهي ته اسان سڀ هڪڙوئي ڪم سرانجان ڏيون. اُن جي اُبتڙ هڪ متحد عمل ۾ هڪ سماج جي ميمبرن جي سڀني صلاحيتن کي پرپور طور تي استعمال ڪيو ويندو آهي. اسان جي قوتن ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيندو ويندو آهي ۽ ايستائين جو جڏهن اسان تعداد ۾ گهٽ به هونداسون تڏهن به اسان اهڙيون ڪاميابيون حاصل ڪرڻ جي قابل هوندا آهيون. جيڪي دنيا جون وڏيون طاقتور ترين تنظيمون به حاصل ڪرڻ جي قابل نه هونديون حضرت عبدالبهآءَ فرمائين ٿا ته:

”جڏهن بہ ڪڏهن مقدس ماڻهن آسماني قوتن کان مدد وٺي اهڙيون روحاني صفتن سان شروع ڪندا. ۽ قطار بہ قطار گڏجي هلندا تہ انهن نفوس مان هر هڪ هڪ هزار جي برابر هوندو. ۽ هن عظيم سمنڊ جون اُٿندڙ لهرون ملاء اعلي جي لشڪرن مثل هونديون.“ (22)
مٿين بيان ڪيل خيالن جو احتياط سان مطالعو ڪرڻ ۽ پنهنجي گروپ جي شريڪن سان هڪ هڪ ڪري هن مواد جي نڪتن تي گفتگوڪرڻ بعد اوهان گذريل ٽن حصن وانگر هن موضوع کي پيش ڪرڻ جي مشقن کي اوهان پنهنجين ڪوشش ۾ مددگار ڏسندا: هيٺ ڏنل جملن کي مڪمل ڪريو:

(الف) اجوڪي ڏينهن هن امر کي احباب درميان.............................
نزاع و جدال، بي گانگي ۽ سرد مهري کان وڌيڪ ڪابہ چيز نقصان نٿي پهچائي سگهي.

(ب) اجوڪي ڏينهن هن امر کي احباب درميان فساد، ................................. جدال، بيگانگي ۽ سرد مهري کان وڌيڪ ڪاچيز نقصان نٿي پهچائي سگهي.

(ج) اجوڪي ڏينهن هن امر کي احباب درميان فساد، نزاع، جدال، بيگانگي ۽ سرد مهري کان............................... چيز نقصان نٿي پهچائي سگهي.

(د) اجوڪي ڏينهن هر امر کي احباب درميان فساد و نزاع، جدال، بيگانگي ۽............................... کان وڌيڪ ڪابہ چيز نقصان نٿي پهچائي سگهي.

(ه) اجوڪي ڏينهن هن امر کي احباب درميان فساد و نزاع،......................... بيگانگي ۽ سرد مهري کان وڌيڪ ڪابہ چيز نقصان نٿي سگهي.

(و) اجوڪي ڏينهن هن امر کي احباب درميان فساد و نزاع، جدال.................................۽ سرد مهري کان وڌيڪ ڪابہ چيز نقصان نٿي پهچائي سگهي.

(ز) اجوڪي ڏينهن هن........................... کي احباب درميان فساد، نزاع، جدال بيگانگي ۽ سرد مهري کانسواءِ ڪابہ چيز نقصان نٿي پهچائي سگهي.

2- بئي اقتباس ۾ حضرت عبدالبهآء اسان کي ٻڌائين، ٿا:

(الف) اسان کي مڪمل............................. سان هئڻ گهرجي.

(ب) اسان کي هرگز......................... سان............................ نہ هئڻ گهرجي.

(ج) اسان کي هميشہ..................... سيني ماڻهن سان پيار ڪرڻ گهرجي نہ ڪي اُن جي وجہ سان.

(د) جيڪڏهن اسان ماڻهن سان......................... پيار ڪنداسين تہ ڪڏهن............................ يا........................ نہ ٿينداسين.

(ه) نوع بشر.............................. نہ آهي.

(و) جيڪڏهن اسان......................... طرف ڏسنداسين تہ هميشہ............................ رهنداسين.

3- ٽيئن اقتباس ۾ حضرت عبدالبهآء فرمائين ٿا:

(الف) اسان سيني کي گهرجي ته پنهنجي دلين جي تمام خيالن کي............................................
جمائي رکون.
(ب) جڏهن جنگ جو خيال اچي ته اسان کي................................ سان اُن جي مخالفت ڪرڻ گهرجي.
(ج) نفرت جي خيال کي اسان......................... ميٽي سگهون ٿا.
(د)- جنگ جا خيال هر قسم جي................................................ کي برباد ڪري ڇڏين ٿا.
(ه) محبت جا خيال........................................ جو سبب بڻجن ٿا.

4 – جڏهن اوهان هي ڏسو ٿا ته اوهان ۽ جامع جي ٻين ماڻهن درميان اختلافات پيدا ٿي رهيا آهن ته اوهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي...........................................................................................................

...........................................................................................................................................................

...........................................................................................................................................................

...........................................................................................................................................................

5-اُهو روحاني ضابطہ بيان ڪريو جيڪو اوهان جي هن ڳالهہ ۾ مدد ڪري ٿو ته اوهان پنهنجي جامع ۾ اتحاد جي لاءِ ڪم ڪري سگهو:...........................................................................................

...........................................................................................................................................................

...........................................................................................................................................................

...........................................................................................................................................................

6-هيٺ ڏنل ڪمن لاءِ ڪهڙو عمل اتحاد ۾ تعاون ڪندو آهي؟

______ ٻين جي ڪمزورين تي نظر رکڻ

______ ٻين جي خطائن تي چشم پوشي ڪرڻ.

______ ڪنهن ٻي شخص جي ڪنهن غلطي جي باري ۾ ڪنهن دوست اڳيان تبصره ڪرڻ.

______ اُن خيال سان ڪنهن واقع کي گهٽ وڌ ڪري ٿوڙي ٿوڙي پيش ڪرڻ ته ڪو ٻيو شخص بُرونظر اچي.

7-اسان ڇو ڪجهہ ماڻهن جي غلطي ڪرڻ تي نڪتہ چيني ڪندا آهيون، جڏهن ته ٻين ماڻهن جي غلطي ڪرڻ تي نڪتہ چيني نٿا ڪريون؟...........................................................................................

...........................................................................................................................................................

...........................................................................................................................................................

...........................................................................................................................................................

13- جيڪڏهن اسان ماڻهن جي باري ۾ صرف هن قسم جي ڳالهه ڪريون جهڙوڪ هو اُتي موجود هجن ته ڇا ٿيندو؟.......................................................................................................................

........................................................................................................................................

........................................................................................................................................

........................................................................................................................................

........................................................................................................................................

14- جيڪڏهن اسان ٻچن جي سامهون گلا غيبت ڪنداسين ته اُنهن تي اُن جو ڪهڙو اثر پوندو؟..................................................................................................................................

........................................................................................................................................

........................................................................................................................................

........................................................................................................................................

15- گپ بازي ۽ گلاغيبت جو رويہ ڪٿان ايندو آهي؟

........................................................................................................................................

........................................................................................................................................

........................................................................................................................................

16- حضرت بهاءالله اسان کي نصيحت فرمائين ٿا.

” جيڪڏهن نفس ناري اوهان تي غلبہ ڪري تہ.................... نہ ڪي..................... ڇو تہ اوهان مان هر شخص بہ نسبت.............................. جي .......................... تمام زياده واقف آهي“

17- محبت فقط اکرن مان ئي ظاهر نہ هئڻ گهرجي پر عمل ڪرڻ جي بہ ضرورت آهي........................

........................................................................................................................................

18- اتحاد ۽ محبت جي حوالي سان حضرت عبدالبهآء اسان کي ٻڌائي ٿو ” تہ.............................. نہ ڪر ۽ هڪ پل بہ.................................. نہ هجي.................. بلڪ.............................. تہ جيئن اوهان احباء مان پلي هڪ ڪي......................... ۽ ڪنهن هڪ ئي نوراني دل کي.................................

19- ۽ اوهان وڏيڪ فرمايو ٿا: انسانيت جي اعليٰ ترين حاجت.............................. ۽ ............................. آهي.................. ماڻهن درميان................................. ۽........................ جا ٻنڌڻ جيتري مضبوط هوندا.

سڀي انسانيت فعاليت جي ميدان ۾ ٿيندڙ................................. ۽ ............................ جي قوت اُوتري قدر عظيم هوندي.

20- ڪنهن سماجي عمل جي ڪاميابي جي اهم ترين ڪُنجي ڇا آهي؟

........................................................................................................................................

........................................................................................................................................

21- حضرت عبدالبهآء مشورت ڪرڻ وارن کي فرمائين ٿا: تہ اُهي جيڪي ملي جُلي مشورت ڪندا آهن انهن جي لاءِ.....................................................................................................................

.....................................................................................................................................

اُن جي پيارن درميان.............................. مشڪلات ۾............................. ۽ اُن جي آستِان مقدس جي.............................. اولين شرط آهن. جيڪڏهن انهن صفتن اختيار ڪرڻ ۾ انهن کي فيض سان ڀريل دستگيري حاصل ٿي وڃي تہ انهن کي ملڪوت ابهيٰ مان..........................................

22- اتحاد سان ڪم ڪرڻ جي قوت جي باري ۾ حضرت عبدالبهآء فرمائين ٿا: "تہ جڏهن ڪڏهن مقدس نفوس.............................. ڪان مدد وني اهڙي.............................. سان شروع ڪندا ۽ قطار بہ قطار.............................. تي گڏ هلندا تہ انهن نفوس مان هر هڪ.............................. ۽ اُن عظيم سمنڊ جي اُٿندڙ لهرن.............................. جي.............................. وانگر هوندي."

## حصو 9

جناب ۽ بيگم سانچيز سان پنهنجي چوٿين ملاقات دوران اليهاندرا کي بياتريس سان ملڻ جو موقعو مليو ٿو. بيا تريس انهن جي هڪ پوٽي آهي. جيڪا ويجهي هائي اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ انهن سان گڏ رهندي آهي. بياتريس اتحاد جي موضوع جي باري ۾ گهڻو شوق آهي ۽ نهايت جوش و خروش سان گفتگو ۾ حصو وني ٿي. جيئن ئي گفتگو خاتمي تائين ويجهو پهتي تہ بيگم سانچيز سيني لاءِ ڪافي ۽ ڪيڪ ڪٽي آئي. اُن ڪري اليهاندرا کي بياتريس کي وڌيڪ بهتر ڄاڻڻ جو موقعو مليو ٿو ۽ اڳيئن ڏينهن اُن سان ملڻ جو بندوبست ڪيو تہ جيئن محلي ۾ سماج سازي جي ڪوشش جي باري ۾ ڳالهہ ڪري. اليهاندرا سوچي ٿي تہ شايد هو ڪورسن جي بنيادي سلسلي جي مطالعي ۾ دلچسپي وني. آءُ اُن کي باقائده رفتار سان پهريون چند ڪتابن جي پڙهڻ ۾ مدد ڪري سگهان ٿي. وري بہ شايد هو ٻچن جي ڪلاس شروع ڪرڻ چاهي ٿي. يا محلي ۾ شروع ٿيندڙ جونيئر يوٿ گروپ ۾ منهنجي مدد ڪري سگهي. اُن صورت ۾ هو جيئن ڪتاب 5 تائين پهچندي جيڪا اُن کي بطور اپني ميٽر جون خدمتون انجام ڏيڻ جي لاءِ تيار ڪندي. تہ هوءَ بتدريج اُن گروپ جي وڌيڪ ذميواري کڻي سگهندي"اليهاندرا ڪيترن جوانن جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪئي آهي. جيڪا گفتگو جي مخصوص موضوعن تي ڌيان ڏيڻ هوندي آهي ۽ اُن جي ذريعي گهڻن ماڻهن انسٽيٽوٽ جي عمل ۾ شرڪت ممڪن ٿي هئي. هوءَ فيصلو ڪري ٿي تہ ٻئي ڏينهن هو بياتريس سان گفتگو ۾ تصورن جي انهي سلسلي کي اختيار ڪري گفتگو جو آغاز هن ريت ٿئي ٿو:

اسين سڀ چاهيون ٿا تہ هن دنيا کي هڪ بهتر جڳهہ بنجندي ڏسون اسين هڪ اهڙي مستقبل جا منتظر آهيون جڏهن عالمگيرامن قائم ٿئي. انساني خاندان هم آهنگي سان زندگي گذارين. اهڙو مستقبل کو خواب ناهي ۽ جيئن جيئن اسان مان وڌ کان وڌ ماڻهو دنيا جي بهتري لاءِ مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا تہ ان جي تعمير ٿي سگهي. اسان مان هرڪو دل جي گهرائين سان پنهنجي سماج جي خدمت ڪرڻ جي آرزو رکي ٿو. اسان کي جنهن چيز جي ضرورت آهي اُهاهي آهي تہ عام ڀلائي جي لاءِ بي لوث خدمت جا اعمال انجام ڏيڻ جي پنهنجي صلاحيت کي وڌايون.

اسان انسانيت جي لاءِ پنهنجي خدمت جي باري ۾ سوچيندي هڪ اهڙي رستي جو تصور ڪري سگهون ٿا جنهن تي اسان مان هر هڪ اُن ۾ داخل ٿيڻ جو انتخاب ڪندو. ۽ اسان پنهنجي رفتار سان اُن تي اڳيان وڌنداسين. اسان اڪيلا اُن رستي تي ڪونہ هلنداسين. اسان پنهنجن دوستن سان هڪٻئي کان سکندي. هڪٻئي جي همراهي ڪندي جي خدمت ڪندا آهيون، اسان جو هر قدم خوشي ۽ اطمنيان پيدا ڪندو آهي. ۽ اسان جي هر ڪوشش خدا جي تائيد کي ڪشش ڪندي آهي.

بياتريس جيڪو ڪجهہ ٻُڌي رهي آهي اُن کي پسند ڪري ٿي، ۽ هن مختصر پيشڪش کانپوءِ هڪ پُرجوش گفتگو شروع ٿي وڃي ٿي، اڳيان وڃڻ کان پهرين اچو تہ اسان ڪجهہ دير ترسون ۽ هنن ٻن نون دوستن درميان "بين العمل" جي نوعيت تي غور و فڪر ڪريون. اليهاندرا فيصلو ڪيو تہ بياتريس کي انسٽيٽوٽ جي عمل ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت ڏيڻ لاءِ هڪ نوس گفتگو جو آغاز ڪريون. ايتروئي ڪافي ڇو نہ هوندو. تہ هو بياتريس کي فقط اهو ٻڌائي ڇڏي تہ انسٽيٽيوٽ جي طرفان ڪورسن جو سلسلو پيش ڪيو پيو وڃي ۽ اُن ۾ هُن کي شامل ٿيڻ جي دعوت ڏي؟

..........................................................................................................

..........................................................................................................

..........................................................................................................

..........................................................................................................

..........................................................................................................

..........................................................................................................

..........................................................................................................

..........................................................................................................

..........................................................................................................

# حصو 10

اليهاندرا ۽ بيا تريس جي درميان گفتگو تقريبا ﮬ ڪلاڪ جاري رهي. هيٺ ڪيترا ٻيا تصور آهن جيڪي اليهاندرا پنهنجي نيئن دوست سان شيئر ڪري ٿي. يقينا اسان ڄاڻون ٿا ته هو ڪا ڊگهي ۽ لڳاتار تقيرير ڪونﮬ ڪندي. ٻن ڪلاڪن جو زياده ترجمو انهن جملن ۾ بيان ڪيل تصورن تي هڪبئي سان مشورت ڪرڻ ۾ گذري ٿو:

اسان جوان آهيون اسان وٽ توانائي آهي ۽ اسان گهرو جوش و جذبو رکون ٿا، ماڻهون سمجهن ٿا اسان لاپرواهه آهيون، پر حقيقت اُن جي برخلاف آهي: اسان انسانيت جي حالت زار جي لاءِ فڪر مند آهيون ۽ اسان چاهيون ٿا ته سماج ۾ حقيقي تبديلي ايندي ڏسي سگهون، ۽ اسان کي پنهنجين زندگين جي باري ۾ ﮬ سوچڻ گهرجي.

يعنيٰ تعليم، ڪم، دوستن ۽ خاندان جي باري ۾ هر سال جيئن جيئن اسان وڏا ٿيندا وڃون اسان خود کي زياده ذميواريون سنڀاليندي ڏسون ٿا. اسان جا والدين اسان ۾ وڏي توقع رکن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن آءٌ پنهنجون سڀ ذميوارين جي باري ۾ سوچيان ٿي ته آءٌ مغلوب ٿي ويندي آهيان. تڏهن مونکي بهائي ليکتن مان هڪ اقبتاس ياد ايندو آهي. جيڪو مون حفظ ڪيو آهي "انسان جي زندگيءَ جو هڪ موسم بهار هوندو آهي ۽ اُن ۾ حيرت انگيز شان رکيل هوندو آهي جواني جي دور جي خاصيت جو قوت، جوش و خروش ۽ انساني زندگيءَ جو بهترين دور جي طور نمايان هوندو آهي.

آءٌ جيڪا ڳالهه اوهان سان شيئر ڪرڻ چاهيان ٿي. اُها هي آهي ته دنيا سڄيءَ ۾ ڪيترا سارا نوجوان اسان جي سماج وانگر هي سمجهي رهيا آهن، ته انهن جي توانائي هڪ ٻئي مقصد طرف لڳائي سگهجي ٿي: پنهنجي ذهني ۽ روحاني نشو و نما جي ذميواري خود پنهنجي هٿ ۾ ڪڻڻ ۽ سماج جي ڪا ﮬ پلٽ ۾ مدد ڪرڻ، اسان جا مقصد اِهي ﮬ پهلو پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. جڏهن اسان پنهنجي صلاحيتن جي نشو و نما ڪندا آهيون ته اسان جي بهتر طور تي خدمت ڪرڻ جي قابل ٿيندا آهيون. هڪبئي جي مدد ڪندي اسان فرد جي حيثيت سان ترقي ڪندا آهيون ۽ جيڪي صفتون اسان ۾ موجود آهن انهن کي تقويت پهچائيندا آهن.

هتي خدمت جي رستي جو تصور جنهن جو مون اڳ ۾ ذڪر ڪيو هو سامهون اچي ٿو. ان تي هلڻ فقط هڪ چيز ناهي جيڪا اسين پنهنجين زندگين ۾ شامل ڪري وٺون بلڪ اسان جو ڪجهه ﮬ ڪندا آهيون، اِهو اُن کي معنيٰ بخشي ٿو. سماج جي خدمت اسان کي اسان جي تعليم جي مقصد کي بهتر سمجهڻ لاءِ مستقبل جي باري ۾ پنهنجن خيالن کي واضح ڪرڻ ۾، پنهنجن خاندانن جي فلاح و بهبود ۾ شراڪت جي لاءِ ضروري صلاحيتون جي پرورش ڪرڻ لاءِ مدد ڪري ٿي، هي اسان جي دوستن کي مُستحڪم ڪري ٿي. هي اسان کي بي مقصد معاملن تي پنهنجيون صلاحيتون زائل ڪرڻ کان بچائي ٿي.

پنهنجي روحاني ۽ ذهني نشو و نما جي باري ۾ سوچيندي اسان کي انهن ڪيترين قوتن کان آگاهه هئڻ گهرجي. جيڪي اسان تي اثر انداز ٿينديون آهن، انهن مان ڪجهه جهڙوڪ علم، انصاف ۽ محبت جون قوتون اسانکي صحيح ڏِس ڏانهن حرڪت ڏين ٿيون ۽ خود انسان کي انهن سان هم آ هنگ ڪرڻ سکڻ گهرجي.

بي جهڙوڪ عاديت پرستي ۽ خود پسنديءَ جون قوتون اُن جي برعڪس عمل ڪنديون آهن ۽ اسان کي انهن جو مقابلو ڪرڻ گهرجي. اسان کي ڪمال جي حصول جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ کپي. ۽ اهو يقين رکڻ گهرجي ته اسان جن ڪاوشون خدا جي تائيد سان نوازيون وينديون.

اهڙي طرح سماج جي ڪايہ پلٽ يعنيٰ هڪ تشدد، غربت، مصيبتن سان ڀريل دنيا کي هڪ امن، خوشحالي ۽ هم آهنگي جي دنيا ۾ تبديل ڪرڻ ۾ پنهنجي شراڪت جي باري ۾ سوچيندي اسان کي مادي ۽ روحاني پيشرفت ٻنهين تي غور ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن روحاني پيشرفت نہ ڪريون تہ تمام ماڻهن جي لاءِ مادي پيشرفت کي حاصل ڪرڻ ممڪن نہ هوندو. جيڪڏهن اِهي ٻئي گڏوگڏ هلن تہ پوءِ دنيا جي اصلاح تي سگهندي. هڪ ٻيو اقتباس بہ آهي جيڪو مون حفظ ڪيو آهي. مادي تهذيب هڪ چراغ مثل آهي جڏهن تہ روحاني تهذيب اُن چواغ جي روشني آهي. جيڪڏهن مادي ۽ روحاني تهذيبون متحد ٿي وڃن تہ اسان وٽ روشني ۽ چراغ ٻئي هوندا ۽ ڪامل نتيجو نڪرندو.

جيئن جيئن اسان خدمت جي راهه کي هلڻ شروع ڪنداسين. اسان ماڻهن جي گروپن، خاص طور تي ٻچن ۽ نواجوانن سان گڏ ڪم ڪرڻ ۽ انهن کي مسارتن ۽ روحاني خوبين کي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ سڪندا آهيون. اسان پنهنجن سماجن جي اتحاد تي توجہ ڏيڻ بہ سکندا آهيون. افراد، خاندان ۽ تنظيمون جيڪي سماج جي ترقيءَ ۾ حصو وجهڻ چاهيندا آهن انهن کي همڪاري ڪرڻ گهرجي. انهن کي هڪ مشترڪ نظريہ ۽ مقصد قائم ڪرڻ گهرجي، جهيڙن جهڳڙن جي رستن کي ڀري ڇڏي ڏيڻ گهرجي.

بس اهو لازم آهي تہ بطور جوان اسان ٻين سان هم آ هنگ ٻين العمل پيدا ڪرڻ عادت کي وڌ کان وڌ قائم ڪريون. ضروري آهي تہ اسان دوست ٻنجون:

جيڪو ڪم ڪريون اُن ۾ هڪٻئي جي همراهي ڪريون. هڪٻئي جي شاعت کي قبول ڪريون. هڪٻئي جي حوصلہ افزائي ڪريون ۽ حمايت ڪريون هڪٻئي جي قوتن کي ڏسون هڪٻئي کان مفيد مشورا وٺون ۽ ڏيون ۽ هڪٻئي جي ڪاميابين تي خوش ٿيون. خدمت جي راهه تي هلڻ جي لاءِ اسان کي گڏجي عمل ڪرڻ، پنهنجين سرگرمين بابت غور و فڪر ڪرڻ، مشورن ۽ مطالعو ڪرڻ گهرجي.

گذريل چند ڏهاڪن جي دوران بهائي سماج عملي طور تي دنيا جي هر ملڪ ۾ هڪ خاص قسم جا سيکارڻ جا ادارا قائم ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي آهي (اهي ادارا) اهي ادارا جن کي اسان انسٽيٽيوٽس جي نالي سان سڃاڻون ٿا. اهڙا ڪورس پيش ڪندا آهن جيڪي سماج جي خدمت جي لاءِ اسانجي صلاحيتن کي مُستحڪم ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهن. اسان ڪورسن جو مطالعو ڪري اُهي روحاني بصيرتون ۽ عملي مهارتون حاصل ڪندا آهيون جيڪي خدمت جي راهه تي گڏجي اڳيان وڌڻ جي لاءِ ضروري آهن جيئن جيئن اسان انهن جي وسيلي اڳيان وڌندا آهيون، پيچده خدمتون انجام ڏيڻ جي اسان جي صلاحيت تيزي سان وڌندي آهي هن پوري رستي ۾ اسان کان زياده تجربي ڪار دوست اسان جي همراهي ڪندا آهن. ۽ وقت اچڻ تي اسان فطري طور تي گهٽ تجربي ڪارن دوستن جي همراهي ڪرڻ لڳندا آهيون. آغاز کان ئي اسان سڀ انفرادي ۽ اجتماعي ڪا يہ پلٽ کي تيز ڪرڻ جا فعال حامي آهيون ان جو مطلب قدم کڻڻ جو اراده رکڻ حامي آهيون ۽ پنهنجي سڪلائي ۽ سماج جي خدمت ڪرڻ جي ذميواري شوق و جذبي سان کڻندا آهيون.

”فعال حامي“ جو مطلب تہ پنهنجي ڪوشش ۾ مستقبل مزاج هئڻ، هر قدم تي علم حاصل ڪرڻ ۽ اُن تي عمل ڪرڻ، هڪ فعال حامي فقط فائدن جو هڪ غير فعال وصول ڪندڙ نہ هوندو آهي. بلڪ پيشرفت جو هڪ سرگرم شرڪت ڪار هوندو آهي. هڪ فعال حامي بنجڻ جي لاءِ هڪ شخص کي تخليقي ۽ منظم قدم کڻڻ سگهڻو پوندو. انسٽيٽيوٽ جا ڪورس سماج سازي جي عمل جو فعال حامي بنجڻ لاءِ اسان جي صلاحيت کي وڌائڻ ۾ مدد ڪندا آهن.

اسان کي ذڪر ڪيل مٿين جُملن ۾ تصورن تي غور و فڪر ڪرڻ لاءِ ڪجهہ دير ترسڻو پوندو.

جهڙوڪ هن حصي جي آغاز ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ ايماندار صرف هڪ ڪان پوءِ، ٻيو تصور پيش نٿي ڪري. بلڪ اهو يقيني بڻائي ٿي تہ بياتريس کي اُن جي باري ۾ سوچڻ ۽ گفتگو ۾ حصي وٺڻ جو ڪافي موقعو ملي پنهنجي گروپ ۾ هر جُملي تي گفتگو ڪرڻ ۽ تصورن جو خوب چڱي طرح اظهار ڪرڻ سگهڻ ڪانپوءِ اوهان هن ڳالهہ تي غور ڪرڻ چاهيندا تہ ڇا گفتگو اُن نڪتي تائين پهچي چڪي آهي تہ ايماندار روحي اسٽيٽيوٽ جي ڪجهہ ڪورسن جي باري ۾ چند اکر شيئر ڪرڻ ۽ بياتريس کي ڪتاب 1 جي مطالعي جي دعوت ڏيندي پُراعتماد هوندي. هيٺ لکو تہ جيڪڏهن اوهان اُن جي جاءِ تي هجو تہ اوهان ڇا چوندا؟ اوهان ڪتاب 1 ۽ 2 ۽ اُن ۾ گُهربل خدمت جي اعمالن جي باري ۾ ڪهڙي طرح بيان ڪندا؟ اڳيئن ڪتابن ۾ خدمت جي عملن جو هڪ مختصر حوالہ، خاص طور تي ٻچن جي روحاني تعليم و تربيت جا ڪلاس، ۽ ايني ميٽر جي حيثيت بيان جونيئر يوٿ گروپ جي رهنمائي ڪرڻ، بلاشبہ بياتريس کي هڪ نظريہ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏيندو تہ هو مستقبل ۾ ڪهڙي خدمت انجام ڏيئي سگهندي. اوهان جي گروپ جو ٽيوٽر اوهان کي اُن خدمت جا ٻہ عمل جن کي چند اهڙا جملا لکڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿو. جهڙي طرح اليهاندرا بياتريس کي ڪتاب 1 جي مطالعي جي دعوت ڏيندي چوندي

## حصو11

اليهاندرا جي جناب ۽ بيگم سانچيز جي گهر ايندڙ ملاقات کان اڳ ٻہ هفتا گذاري چڪا آهن. هن دروان بياتريس هڪ زوردار مُهم ۾ شرڪت ڪري ڪتاب 1 جي پهرين يونٽ مڪمل ڪرڻ جي قابل ٿي ويئي. هاڻ هو پنهنجن دوستن سان هڪ گروپ سان ٽئي يونٽ مان گذري رهي آهي. جيڪي هفتي ۾ ٻہ ڀيرا محلي ۾ مِلندا آهن. اليهاندرا سوچي ٿي تہ جناب سانچيز جي گهراڻي سان دعا جي موضوع تي گفتگو ڪرڻ جو هي هڪ موقعو آهي ۽ هو بياتريس کان پڇي ٿي تہ ڇا هو اُن جي مدد ڪرڻ چاهي ٿي. اوهان خود ڪتاب 1 جي ٻي يونٽ جو جائزو وٺڻ بعد اوهان انهن مرڪزي نقطن کي بيان ڪرڻ جي قابل ٿي ويندا. جن کي اوهان هن موضوع تي گفتگو ۾ مخاطب ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. هيٺ اوهان جي لاءِ پنهنجن خيالن کي لکڻ جي لاءِ جڳهہ ڏني ويئي آهي.

.....................................................................................................................................................

.....................................................................................................................................................

## حصو 12

اليهاندرا جو جناب سانچيز جي گهراڻي سان ملاقات جو سلسلو ايندڙ چند هفتن تائين جاري رهي ٿو ۽ انهن کي ڪيترن موضوعن تي گفتگو جا موقعا ملندا آهن. جيڪي دعا جي اهميت تي غور و فڪر جي دوران فطري طور تي سامهون ايندا آهن. مثال طور روح جي زندگي روحاني صفتن جي نشو و نما، خدا جا قانون ۽ حڪمن جي اطاعت ۽ ان محبت ۾ ثابت قدمي، هڪ موقع تي هو نظم اداري جي ادارن خاص طور تي محافل روحاني محلي ۽ مِلي جي باري ۾ مختصر گفتگو ڪندا آهيون. اسان کي بعد ۾ ٿيندڙ ملاقات جي مواد اُتي غور ڪرڻ جي ضرورت ناهي. پوءِ بہ بہ اهڙا سوال آهن جيڪي اڪثر هن قسم جي گفتگو جي سلسلي ۾ شريڪن درميان اُٿندا آهن. پهريون سماج جي طرفان ٿيندڙ جلسن جي نوعيت ۽ ٻيو مالي وسيلن بابت هوندا آهن. اسان جلسن جي موضوع کي خاص ڪري اوڻيهہ روزه ضيافت جي اُن حصي ۾ ڪٺندا آهيون ۽ مالي معاملن جي سوال کي ايندڙ حصي ۾ ڏسنداسين.

تنهن ڪري هيٺ ڏنل نقطا اوڻيهہ روزه ضيافت جي مرڪزي خيال جي موضوع تي گفتگو جو بنياد بنجي سگهن ٿا.

- بهائي سماج ۾ ڪيترن مقصدن جي لاءِ گڏجاڻيون ٿينديون آهن. مثال طور تي دعا، مطالعہ خصوصي موقعن کي ملهائڻ، سماجي معاملہ ۽ معاشري جي خدمت تي مشورت، عملي منصوبن تي گفتگو حضرت بهاءَ الله هيٺ وعده ڏين ٿا:

”منهنجي زندگي ۽ منهنجي امر جو قسم! خدا جا حبدار جنهن گهر ۾ بہ داخل ٿيندا ۽ جتان اُنهن جي حمد و ثناءَ جو آواز بلند ٿيندو اُن جي چوڌاري مُخلص ماڻهن جا ارواح ۽ مُقرب فرشتہ اُن جو طواف ڪندا.“ (23)

- ڪلام الاهي جي گڏجاڻين ۾ دوستن درميان ٻُڌڻ، دلين ۾ خوشي آڻي ٿو. ۽ اتحاد جي ٻنڌڻن کي قوي ڪري ٿو. حضرت بهاءَ الله نصيحت فرمائي ٿو تہ: خدا جي ڪلام جي گڏجاڻين ۾ دوستن جي درميان ٻڌڻ دلين ۾ خوشي آڻيندو آهي. ۽ اتحاد جي ٻنڌڻن کي طاقتور ڪري ٿو.

حضرت بهاءَ الله نصيحت فرمائين ٿا تہ:

”احباءِ الاهي پلي کهڙي سرزمين تي رهندا هجن. اُنهن تي فرض آهي تہ هو جلسن ۾ گڏ ٿين ۽ اُن ۾حڪمت ۽ فصاحت سان بيان ڪن، خدائي آيتن کي پڙهن: چو تہ اهو ڪلام الاهي آهي جيڪو محبت جي باهہ پيدا ڪري ٿو ۽ اُن کي روشن رکي ٿو.“ (24)

”حضرت عبدالبهاءَ لکن ٿا ته: جلسه منعقد ڪريو ۽ خدا ئي تعليمات کي پڙهو ۽ انهن جي تلاوت ڪريو، ته جيئن اهو ملڪ نور حقيقت سان روشن ٿي وڃي ۽ اُها زمين روح اقدس جي قوت سان فردوس برين بنجي وڃي ڇو ته هي دور مالڪ جلال جو دور آهي ۽ وحدت عالم انسانيءَ جو نغمه اولهه ۽ ايرندي جي ڪنن تائين پهچي رهيو آهي.“ (25)

سيني بهائي جلسن ۾، اوڻيهه روزه ضيافت جو ذڪر خاص اهميت رکي ٿو. بهائي جنتري سال ۾ اوڻيهه مهينا هر مهيني ۾ اوڻيهه ڏينهن آهي. هر علائقي ۾ بهائي مهيني ۾ هڪ پيرو اُن اجلاس لاءِاحباب گڏ ٿيندا آهن. جڏهن ته حضرت بهاءَ الله حڪم ڏنو آهي:

”يقينن اوهان کي حڪم ڏنو وڃي پيو ته هر مهيني هڪ پيرو ضيافت ڏيندا ڪريو ۽ فقط پاڻي ئي کي پيش ڪريو. ڇو ته الله چاهي ٿو ته دلين ۾ الفت پيدا ڪري، جڏهن ته هو زمين ۽ آسمان ٻنهين جي سبب سان هجي.“ (26)

- اوڻيهه روزه ضيافت جا ٽي حصه هوندا آهن. پهرين حصو دعائيه هوندو آهي جنهن ۾ دعائون پڙهيون وينديون آهن ۽ مقدس آثار مان بيان پڙهيا ويندا آهن. ٻيو حصو اداري هوندو آهي. جنهن جي دوران سماج جي معاملن تي مشورت ڪئي ويندي آهي ۽ ٽيو حصو معاشرتي هوندو آهي.
- اوڻيهه روزه ضيافت جي اهميت جي هڪ جهلڪ اسان کي حضرت عبدالبهاءَ طرفان هيٺ ڏنل بيان مبارڪ مان ملي ٿي:

”اي جمال قِدم جا وفادار خادمو! هر دور ۽ هر دور ۾ ضيافت مقبول ۽ محبوب رهي آهي. ۽ خدا جي عاشقن جي لاءِ دسترخوان لڳائڻ جو هڪ قابل ستائش عمل سمجهيو ويو آهي. خاص ڪري اجوڪي ڏينهن اُن جي مثال دور ۽ فياضن ترين زماني ۾ هن ڳالهه جي گهڻي تعريف ڪئي ويئي آهي. ڇو ته هن کي يقينن انهن گڏجاڻين ۾ شمار ڪيو ويندو آهي جيڪو خدا جي عبادت ۾ اُن جو شان بلند ڪرڻ جي لاءِ منعقد ڪيا ويندا آهن. پنهنجي ذات کان منقطع ٿي ويندا آهن. هتي مقدس آيتون تلاوت ڪيون وينديون آهن آسماني قصيدا ۽ حمد سُر سان پڙهيا ويندا آهن. دليون تازه ڪيون وينديون آهين ۽ بي خود ٿي ويندا آهن.“ (27)

ضيافت جي اداري حصي دوران احباب پري ۽ ويجهي جي بهائي سماجن جون رپورٽون ٻڌندا آهن. خود پنهنجي سماج جي سرگرمين جون رپورٽون ٻڌندا آهن، خود پنهنجي سماج جي امري معاملن ۽ معاشرتي ڀلائي جي لاءِ پنهجي شراڪت تي مشورت ڪندا آهن. بيت العدل اعظم الاهي طرفان حاصل ٿيندڙ رهنمائي کان واقف ٿيندا آهن. پنهنجي منصوبن جي پيشرفعت تي غور و فڪر ڪندا آهن. امر الله جي ادارن کي پنهنجون تجويزون پيش ڪندا

آهن. اوڏيهہ روزه ضيافت ۾ ٿيندڙ مشورت تمام گهڻي اهميت رکي ٿي ڇو تہ اُن مشورت وسيلي هر فرد عالمي سماج جي معاملن ۾ شرکت ڪري سگهي ٿو.

- ضيافت جو معاشرتي حصو الفت، و محبت مهمان نوازي جي لاءِ هوندو آهي. موسيقي وڄائي سگهجي ٿي. روح پرور تقريرون ڪري سگهجن ٿيون. ٻار پنهنجو پروگرام پيش ڪري سگهن ٿا. ضيافت اِن حصي کي سينگارڻ جي لاءِ تهذيب ۽ ثقافت کي احتياط سان منتخب اظهارن جو بيک وقت باوقار ۽ پُرمسرت هجن استعمال ڪري سگهجن ٿا.
- اوڏيهہ روزه ضيافت بهائي اداري جي هڪ اهم خاصيت آهي. هي سماجي زندگي جي پهلوئن يعنيٰ اداري ۽ معاشرتي يڪجا ڪري ٿي. ضيافت جي انهن ٽنهين پهلوئن تي هڪجيتري توجہ ڏيڻ گهرجي ڇو تہ ضيافت جي ڪاميابي جو دارومدار ٽنيهن ترڪيبي پهلوئن درميان درست توازن تي آهي. آگسٽ 1989ع جي هڪ پيام ۾ بيت العدل اعظم الاهي فرمائين ٿا تہ:

”حضرت بهاءُ الله جو عالمي نظام انساني معاشري جي سڀني حصن کي پنهنجي اندر سمائي ڇڏيندو آهي. زندگيءَ جي روحاني، اداري ۽ معاشرتي عملن کي پاڻ ۾ گڏي ڇڏي ٿو. ۽ انساني اظهار جي پهلوئن کي هڪ نئين تهذيب جي تعمير طرف موڙي ٿو. اوڏيهہ روزه ضيافت انهن سڀني پهلوئن کي معاشري جي بلڪل بنيادي سطح تي گهيري ۾ رکي ٿي. هي هڪ اهڙو ادارو آهي جيڪو ڳوٺ قصبي ۾ شهر جي سطح تي ڪم ڪري ٿو ۽ سڀ بهائي اُن جا ميمبر هوندا آهن اُن جو مقدار اتحاد جو واڌارو، ترقي جي ضمانت، ۽ خوشي ۽ مسرت جي نشو و نما آهي.“ (28)

اوڏيهہ روزه ضيافت وانگر هڪ اهم تقريب کي تڪڙ ۾ منظم نٿو ڪري سگهجي. ضروري آهي تہ هر فرد دعا و مناجات ۽ غور و فڪر جي وسيلي ضيافت جي لاءِ خود کي روحاني طور تي تيار ڪري ۽ اُن تقريب دوران سڀني کي اُن ۾ دل و جان ۽ روح و ريحاڻ سان شرکت ڪرڻ گهرجي. ڀلي هو روحاني حصہ ۾ ڪنهن اقتباس جي تلاوت ڪري رهيا هجن، يا فقط مقدس آثار جي تلاوت کي ٻڌي رهيا هجن. ڀلي هو رپورٽون پيش ڪري رهيا هجن. هدايتون وصول ڪري رهيا هجن. يا تجويزون پيش ڪري رهيا هجن. يا صرف ميزبان جي مهمان نوازي مان سرور روح و ريحاڻ مان لطف اندوز ٿي رهيا هجن. اوڏيهہ روزه ضيافت جي باري ۾ مٿي ذکر ڪيل خط ۾ بيت العدل اعظم الاهي فرمائين ٿا:

”ضيافت جي تياري جي اهم پهلوئن ۾ تلاوت ۽ مناسب مناجات ۽ اقتباسات جو انتخاب، خوش الحاني سان تلاوت ڪرڻ وارن جي اڳ ۾ نامزدگي ۽ دعائيہ پروگرام پيش ڪندي ۽ سماعت ڪندي ادب و احترام جو خيال رکڻ شامل آهي. اهڙي طرح جنهن ماحول ۾ ضيافت منعقد ڪئي ويئي وڃي، ڀلي اُها چار ديواري جي اندر هجي يا ڪنهن کُلي جاءِ اُن طرف توجہ ڏيڻ وڏي حد تائين تاثير رکي ٿو.

صفائي، ضيافت جي لاءِ مخصوص جاءِ جو مناسب بندوبست ۽ اُن جي سجاوٽ بہ وڏو اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. وقت جي بہ مناسب تياري ضروري آهي.
”ضيافت جي ڪاميابي وڏي حد تائين انحصار زد جي تياري ۽ شرڪت جي معيار آهي.
سرڪار آقا اُن باري ۾ هي نصيحت فرمائين ٿا تہ: توهان اوڻيهہ روزہ ضيافت جي گڏجاڻين کي انتهائي اهميت ڏيو تہ جيئن انهن موقعن تي احباءَ الاهي ۽ اماءَ الرحمان ملڪوت الاهي طرف متوجہ هجن. مناسب تلاوت ڪن، خدا جي مدد طلب ڪن ۽ هڪٻئي جي محبت ۾ جذب ٿي وڃن، ۽ پاڪيزگي و تقدس، تقويٰ الاهي، نفس ۽ وهم کي روڪڻ ۾ ترقي ڪن، اهڙي طرح هو هن عنصر جي عالم کان خود کي عليحده ڪن، ۽ روحاني احسابن سان سرشار هوندا.“ (29)
هميشہ وانگر ئي اوهان کي گهرجي تہ مٿي بيان ڪيل خيالن کي پنهجي گروپ ۾ بار بار احتياط سان مطالعو ڪن، تہ جيئن انهن کي اوهان آساني سان بيان ڪرڻ سڪو، هيٺ ڏنل مشقون اوڻيهہ روزہ ضيافت جي اهميت ۾ وڌيڪ بصيرت حاصل ڪرڻ ۾ اوهان جي مدد فراهم ڪنديون.“

1- حضرت بهاءَ الله اسان کي ڪهڙي ڳالهہ جي يقين دهاني ڪرائين ٿا تہ جنهن (مڪان) گهر ۾ اسان پروردگار جي حمد و ثناءَ جي لاءِ گڏ ٿيون ٿا ان جي ڪهڙي خصوصيت هوندي؟

.................................................................................................................................

.................................................................................................................................

2- ٻئي اقتباس ۾ حضرت بهاءَ الله اسان کي چون ٿا تہ جڏهن اسان جلسن ۾ گڏ هجون تہ اسان کي گهرجي تہ ..........................................................................................................
۽ ............................ مان بيان ڪن ۽ ............................ کي پڙهن، چو تہ هي ڪلام الاهي ئي آهي جيڪو ............................................................................
۽ ................................................................................
مٿي ڏنل سيئي اقتباس ۾ حضرت عبدالبهاءَ اسان کي نصيحت فرمائين ٿا تہ: جلسہ منعقد ڪريو. ۽ خدائي تعليمات کي پڙهو ۽ تلاوت ڪريو تہ جيئن:
اُهو ملڪ جنهن۾ رهون ٿا............................................ ٿي وڃي.
اُها زمين جنهن تي اسان رهون ٿا ........................................... بني وڃي.

3- بهائي (تقويم) جنتري ۾ ڪيترا مهينا هوندا آهن ..........................................................................
4- هر مهيني ۾ ڪيترا ڏينهن هوندا آهن.................................................................................
5- مهيني ۾ هڪ ڀيرو بهائين جو ڪهڙو خصوصي اجتماع هوندو آهي..........................................
6- اوڻيهہ روزہ ضيافت جا ٽي حصہ ڪهڙا آهن.................................................................

7- ڇا اوٽيھہ روزه ضيافت جي حصن کي ڪنھن خاص ترتيب سان انجام ڏنو ويندو آھي؟
..........................................................................................................................

8- ضيافت جي دعائيہ حصي جو ڇا مقصد ھوندو آھي؟ ............................................................
..........................................................................................................................
..........................................................................................................................

9- ضيافت جي اداري حصي ۾ ڇا مقصد ھوندو آھي؟ ............................................................
..........................................................................................................................
..........................................................................................................................

10- ضيافت جي معاشرتي حصي جو ڇا مقصد آھي؟ ............................................................
..........................................................................................................................
..........................................................................................................................

11- ھيٺ ڏنل موضوعن ۾ ڪھڙن ڪھڙن تي ضيافت جي اداري حصي ۾ مشورت ڪرڻ مناسب ھوندو..................................................

............................... سماجي قدمن جي لاءِ مالي ضرورتون.
............................... قومي فٽ بال ٽيم جو اسڪور.
............................... سماج جي ٻن ميمبرن درميان اختلاف جي حل تي گفتگو
............................... سماج جي بھائي ٻچن جي ڪلاسن جي پيشرفت
............................... مبارڪ آثارن مان ڪنھن اھڙي اقتباس جي مطلب تي گفتگو جنھن کي ھو بھائي گذريل ڏينھن اڳ ۾ پرکي رھيو ھو.
............................... سماج ۾ جونيئر يوٿ پروگرام جو شروع ٿيڻ.
............................... جوانن جي لاءِ مقامي سطح تي کُلڻ واري روزگار جا موقعا.
............................... اُھا امداد جيڪا سماج اھڙن جونيئر يوٿ گروپن کي فراھم ڪري سگھي. جن جا خدماتي منصوبا پيچيده ٿي ويا ھجن.
............................... انسٽيٽيوٽ جي جاري ڪيل تعليمي پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ وارن نوجوانن ۽ ٻچن جي والدين سان ملاقاتون.
............................... سماج جي دعائيہ ڪردار کي مستحڪم ڪرڻ.
............................... ٽيليوزن تي نشر ٿيندڙ پروگرام جو شيڊيول
............................... اسٽڊي سرڪلن ۾ ھڪ خوشگوار ۽ منظم ماحول پيدا ڪرڻ جي باري ۾ حاصل ڪيل بصيرت
............................... ايندڙ ڏينھن ۾ ايام متبرڪ جو جشن
............................... سماج سازي جي پراسس مان اُڀرندڙ سماجي عمل جا اقدامات

.................. پنهنجي گروپ ۾ هن سوال تي گفتگو ڪريو: ضيافت جي ٽينهن حصن درميان توازن هجڻ ڇو ضروري آهي؟

12- هاڻي هيٺ ٻن سوالن تي گفتگو ڪريو:

(الف) جيڪڏهن اوهان ڪي ضيافت جي ميزباني ڪرڻي هجي ته اوهان اُن جي لاءِ ڪهڙي طرح تياري ڪندا؟

..................................................................................

(ب) جيڪڏهن اوهان ڪي فقط ضيافت ۾ شامل ٿيڻو هجي ته اوهان اُن جي لاءِ ڪهڙي طرح تياري ڪندا؟

## حصو 13

ٻيو سوال جيڪو اڪثر امر الله جي باري ۾ گفتگو درميان پيدا ٿيندو آهي ته بهائي سماج ڪهڙي طرح پنهنجي مالي ضرورت کي پورو ڪندو آهي. هتي ڪجهه نڪتا آهن جيڪي اوهان کي اهڙي قسم جي سوالن جا جواب ڏيڻ ۾ مدد ڏيئي سگهن ٿا:

- بهائي سماج پنهنجي مادي ضرورتن جي سار سنڀال جي لاءِ جيڪو آله ڪار استعمال ڪندو آهي اُهو بهائي فنڊ آهي. اُن جو انتظام مختلف سطحن تي امر الله جي ادارن، وسيلي ڪيو ويندو آهي مقامي مِلي، براعظم، بين الاقوامي بهائي يقين رکن ٿا ته انهن کي امر الله جي واڌاري، (فروخ) ڏيڻ جي ڪوششن جا اخراجات خود برداشت ڪرڻ گهرجن ۽ اُن ڪري فنڊ ۾ عطيات فقط بهائي سماج جا رڪن ئي ڏيئي سگهن ٿا.

فنڊ ۾ عطيو ڏيڻ هڪ رضاڪارانه عمل آهي. اها راز جي ڳالهه آهي يعنيٰ هر بهائي جو عطيه اُن جي ۽ بهائي ادارن درميان جو معاملو آهي. عطيه ڏيڻ وارن جا نالا ۽ اُن جي ڏنل مقدار جو اعلان نه ٿو ڪيو وڃي. عطيه ڏيڻ جي لاءِ سماج ڪنهن رڪن تي زور نٿو ڏنو وڃي. اداره عام اپيلون ڪندا آهن فنڊ جي اهميت بابت ياد آوري ڪرائيندا آهن ۽ اُن جي تقاضن جي نشاندهي ڪندا آهن. اڪثر اهو ٿي سگهيو ٿي ته هڪ سماج ۾ عطيه ڏيڻ جي لاءِ خود پنهنجو حدف مقرر ڪري. پر انهن جي لاءِ عطيه جي مقدار مقرر نه ٿو ڪيو وڃي. ۽ عطيه جو مطالبو نه ٿو ڪيو وڃي اها ڳالهه هر فرد تي ڇڏي ويندي آهي ته هو خود فنڊ بابت اصولن جي پنهنجي سمجهه مطابق فيصلو ڪري ته فنڊ ۾ ڪيترو ڏيڻو آهي.

- اسان جنهن تهذيب و تمندن جي تعمير ڪري رهيا آهيون. اُها مادي ۽ روحاني ٻنهين طرح سان خوشحال تهذيب هوندي. دولت، صرف اُن صورت ۾ قابل قبول هوندي جڏهن مخصوص شرطن جي پابندي ڪئي ويندي. اوهان تي لازم آهي ته ايمانداري سان ڪم ڪري ان کي حاصل ڪريون. اسان تي اهو لازم آهي ته دولت کي انسانيت جي فلاح و بهبودي تي خرچ ڪريون ۽ پورو سماج خوشحال هئڻ گهرجي. اهو قابل قبول ناهي ته فقط چند ماڻهن وٽ دولت جا انبار هجن ۽ ٻين

ماڻهن جي اڪثريت پنهنجي بنيادي زندگي جون ضرورتن کان محروم هجن. حضرت بهاءَ الله اسان کي ٻڌائين ٿا:

”سڀني کان بهتر ماڻهو اهي آهن جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن ڌنڌي وسيلي روزي حاصل ڪندا آهن. ۽ محض رب العالمين خدا جي محبت جي لاءِ پنهنجو پاڻ تي پنهنجن رشتہ دارن تي خرچ ڪندا آهن.“ (30)

”...اوهان کي گهرجي تہ نوان نوان ميوه ڏيون تہ جيئن اوهان خود ۽ ٻيا ماڻهو بہ فائده حاصل ڪن. تنهن ڪري سڀني تي واجب آهي تہ دستڪارين ۽ ڌنڌن ۾ مشغول هجن ڇو تہ ثروت جا اسباب اهي آهن اي صاحبان عقل! (31)

۽ حضرت عبدالبهاءَ وضاحت فرمائين ٿا:

”دولت بي حد قابل تحسين آهي جيڪڏهن پوري آبادي دولت مند هجي، البتہ چند ماڻهن وٽ غير محدود دولت جي جڏهن تہ ٻيا سڀ مُفلسي جو شڪار هجن ۽ اها دولت بي ثمر يا بي فائده هجي تہ اها صرف مالڪ جي لاءِ ڪليو نقصان آهي.“ (32)

- ناانصافي ۽ بدبختي کان پاڪ معاشري جي تعمير جي لاءِ ضروري آهي تہ اسان فياض ڏيڻ وارا بڻجون اسان جا مالي وسيلا ڀلي نہ هجڻ برابر هجن. تڏهن بہ اسان تي لازم آهي تہ انساني نسل جي ترقيءَ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ مدد ڪريون. ڇو تہ حقيقي خوشحالي جي هڪ خوبي آهي تہ اُن جو اسان جي مادي حالتن سان ڪوبہ ڏيڻ ونڻ ڪونهي. ڪلمات مڪنونہ ۾ حضرت بهاءِ الله فرمائين ٿا تہ:

”سخاوت ۽ بخشش منهنجون صفتون آهن. مبارڪ آهي اُهو انسان جيڪو منهنجي صفتن جي زيور سان خود کي سينگاري ٿو.“ (33)

- اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ اسان وٽ جو ڪجهہ آهي اسان جي پوري دولت جو حقيقي سرچشمہ خداوند ڪريم آهي هو اسان کي اسان جي زندگيءَ جي لاءِ سڀ وسيلا فراهم ڪري ٿو. هو اسان جي ترقي ممڪن بڻائي ٿو. ۽ جڏهن اسان فنڊ ۾ ڪجهہ امر الله جي لاءِ خرچ ڪري رهيا هوندا آهيون. تنهن ڪري بهائين جي لاءِ عطيہ پيش ڪرڻ نہ صرف هڪ سخاوت جو عمل آهي بلڪہ اها هڪ روحاني سعادت بہ آهي ۽ هڪ تمام وڏي انفرادي ذميواري بہ. حضرت ولي امر الله اسان کي صلاح ڏين ٿا:

”اسان کي قواري يا چشمي وانگر هئڻ گهرجي، جو مسلسل پنهنجي هر چيز مان خود کي خالي ڪري رهيو آهي، غريب جي خوف کان قطع نظر ۽ تمام دولت جي مالڪ ۽ تمام ڀلائي بي لاگ فضل تي انحصار ڪندي پنهنجي ساٿين جي ڀلائي جي لاءِ مستقل ڏيندو رهڻ اهو درست زندگي بسر ڪرڻ جو راز آهي.“ (34)

اوهان کي هن سلسلي جي اينڊڙ ڪورس هڪ ڪورس ۾ جنهن ۾ مادي وسيلن جي موضوع کي مخاطب ڪيو ويو آهي. گهرائي سان چند تصويرن تي غور ڪرڻ جو موقعو ملندو. هن وقت اوهان جي حوصله افزائي ڪئي ويئي وڃي ته هميشه مثل اوهان مٿي ڏنل مواد جي هڪ هڪ نڪتي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪريو ۽ هيٺ ڏنل مشقن کي حل ڪريو ته جيئن اوهان انهن تصورن کي فطري انداز ۾ آساني سان بيان ڪرڻ سکي وٺو.

”اقتباسات جي بنياد تي هيٺ ڏنل خالي جاين کي ڀريو:

(الف) حضرت بهاءُالله فرمائين ٿا ته اسان کي گهرجي ته ڪنهن پيشي وسيلي.............................. حاصل ڪريو ۽ ............................ تي خرچ ڪريو.

(ب) اسان کي گهرجي ته ....................... ۽ ........................... ميوا ڏيون ته جيئن اسان خود ۽ ٻين ......................................

.........................................................................................................

(ج) اسان مان هر هڪ کي ................................ ۽ ..................... ۾ .............................. رهڻ گهرجي چو ته ...................... جا ................................ اهي آهن.

(د) حضرت عبدالبهاءَ وضاحت فرمائين ٿا ته دولت .................. آهي.......................... جيڪڏهن .................... دولتمند هجي.

(ه) جيڪڏهن ............................ وٽ غيرمحدود ............. هجي جڏهن ته ............................... هجن. ۽ اهو .................. هجي ته صرف .................... جي لاءِ هڪ ................... آهي.

(و) حضرت بهاءُالله فرمائين ٿا ..................................... ۽ .......................................... منهنجون صفتون آهن. مبارڪ آهي اُهو انسان جيڪو منهنجي .......................... سان خود کي.................. ڪري ٿو.

(ز) ۽ حضرت ولي عزيز امرالله اسان جي حوصله افزائي فرمائين ٿا ته اسان کي ........................ يا ................. جي مثل هئڻ گهرجي. جيڪو مسلسل پنهنجي هر چيز سان ...................................... ۽ مسلسل ......................................

(ح) ............................. ۽ ........................... تي انحصار ڪندي پنهنجي ساٿين جي ................................ **جي لاءِ مستقل** ............................. اِهوئي درست زندگي بسر ڪرڻ جو راز آهي.

2- متي ڏنل پيشڪش ۾ تسلسل کي تحرير ڪريو:

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

..............................................................................................................................................

## حصو 14

اُهي گفتگو جي قسمن جي باري ۾ بصيرت حاصل ڪرڻ جي لاءِ جيڪا سرگرمي سان سرشار ڪنهن ڳوٺ يا محلي ۾ شروعات ٿيندي آهي اسان هڪ جوان يونيورسٽي جي طالب علم اليهاندرا جي ڪوششن جو جائزه ورتو ڪيترن هفتن جي پروگرام ملاقاتن جي هڪ سلسلي جي دوران اُن جناب ۽ بيگم سانچيز سان ڪيترن موضوعن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آهي. اهڙا موضوع جو هو اميد ڪري ٿي ته امر الله جي باري ۾ ان جي علم کي وڌيڪ گهرو ڪندا. ۽ اُن تعليمات سان انهن جي عهد کي مستحڪم ڪندا جنهن کي انهن قبول ڪيو آهي. آخرڪار جناب سانچيز جي پوٽي بياتريس جو منظر ۾ اچڻ سان اسان هڪ ٻئي طرح جي گفتگو جو جائزه وٺڻ جي قابل ٿياسين جيڪو ٻن جوانن درميان آهي ۽ ٻئي اهو سڪڻ جا خواهش مند آهن. ۽ هو پنهنجن سماجن جي ڪيئن خدمت ڪري سگهن ٿا. هن روداد ۾ اڳيان وڌندي ۽ مشغول حل ڪندي اسان ڏٺو ته انهن موضوعن جي وڌندڙ علم سان گڏو گڏ چند مخصوص روحاني خوبين، روين ۽ مهارتن جي ضرورت آهي ته جيئن جنهن گفتگو تي اسان غور ڪري رهيا آهيون اُهي پائيدار ٿي سگهندا هجن.

هن حصي ۽ اڳئين حصي ۾ اسان موضوعن جي هڪ مخلتف قسم جي باري ۾ سکنداسين. يعنيٰ اُهي موضوع جيڪي عام طور تي انهن خاندانن سان ملاقات جي دوران گفتگو ۾ سامهون ايندا آهن جن جا ٻچا نوجوان انسٽيٽيوٽ طرفان پيش ڪيل تعليمي پروگرامن ۾ شرڪت ڪري رهيا آهن. جهڙوڪ اڳ ۾ ئي ٻڌايو ويو آهي. ٻچن جي لاءِ ڪلاسون پڙهائڻ ۽ بطور ايني ميٽر هڪ جونيئر يوٿ گروپ جي رهنمائي ڪرڻ خدمت جا ڪم آهن جن کي ايندڙ ڪورسن ۾ ڪتاب 3 ۽ 5 ۾ ترتيب وار مخاطب ڪيو ويو آهي. شايد اوهان انهن ٻنهين پروگرامن کان آشنا آهيو، يا نہ آهيو.جيڪو هن ڳالهہ تي منحصر آهي تہ اوهان ننڍي عمر ۾ اُن ۾ حصو ورتو هو.

اچو تہ سڀ کان پهرين اُن مواد تي نظر وجهون جيڪو اڪثر نوجوانن جي گهر وارن سان جاري گفتگو جو بنياد بنائڻ آهي. اسان تصور ڪنداسين تہ اسان جتي ڪهاڻي ڇڏي آهي. تنهن کانپوءِ ڪجهہ وقت گذري چڪو آهي. ۽ هاڻي بياتريس ڪتاب 2 جو مطالعو ڪري رهي آهي. اليهاندرا پنهنجي دوست کان پڇي ٿي. تہ ڇا هو اُن سان انهن ڪافي نوجوانن جي خاندانن سان ملاقات جي لاءِ وڃڻ چاهيندي جيڪو اُن جي مدد سان هڪ گروپ قائم ڪرڻ وڃي رهيا آهن هو شوق سان راضي ٿي وڃي ٿي.

اليهاندرا بياتريس تي واضح ڪيو تہ هو ڇا تصور ڪري رهي آهي. هو اُن کي آگاهہ ڪري ٿي، اسان هر ملاقات جو آغاز والدين کي هن پروگرام کان متعارف ڪرائيندي ڪندا آهيون، جنهن ۾ اُن جو پٽ يا ڌي شامل ٿيڻ ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي آهي ۽ اهو ذڪر ڪنداسين تہ هن محلي ۾ سماج سازي جي عمل کي اڳيان وڌائڻ جو حصو آهي. اُن کانپوءِ اسان انهن سان گڏ پروگرام جي مرڪزي تصورن ۽ خيالن جو جائزو وٺنداسين اِها ملاقاتن جي سلسلي جي پهرين ملاقات هوندي، ۽ اسان کي اُميد آهي تہ وقت سان جيئن جيئن گفتگو اڳيان وڌندي تہ اهو خاندان نہ صرف مختلف طريقن سان هن گروپ جي مدد ڪندو بلڪہ سماج ۾ نوجوانن جي روحاني بااختياري کي واڌارو ڏيڻ وارو بڻجي ويندو."

اليهاندرا ۽ بياتريس ڪجهہ اهڙن نڪتن تي گفتگو ڪنديون آهن جيڪي هو هر خاندان جي اڳيان رکڻ چاهين ٿا، هو انهن خيالن کي لکڻ جو فيصلو ڪنديون آهن جن کي هو اهم سمجهن ٿيون ۽ هو اهو ڄاڻن ٿيون تہ پهرين ملاقات ۾ صرف ڪجهہ نڪتن تي مشورت ڪري سگهن ٿيون، باقي نڪتن کي بعد ۾ ٿيندڙ گفتگو ۾ مخاطب ڪنديون اِهي اُهي نڪتا آهن جيڪي هو نوجوانن جي امڪاني قوتن جي باري ۾ شمار ڪن ٿيون:

- ڪنهن فرد جي زندگي ۾ 12 ۽ 15 سال جي عمر جي درميان ٿي سال هڪ فيصلو ڪُن وقت آهي. يعني ٻچپڻ کان بلوغت تائين هڪ عبوري مرحلہ

- اسان اڪثر هن عمر جي نوجوانن کي جونيئر يوٿ چوندا آهيون. هو هاڻي ٻار نہ رهيا آهن پر هينئر تائين مڪمل جوان نہ ٿيا آهن.
- بدقسمتي سان نوجوانن جي هڪ غلط تصوير موجود آهي جنهن کي وڏي پيماني ڦهلايو ويجي ٿو ۽ اُن کي جذباتي، باغي، پنهنجو پاڻ ۾ مگن ۽ مستقل بحران جو شڪار بيان ڪيو ويجي ٿو، پوءِ بہ اسان انهن کي مختلف نظر سان ڏسندا آهيون، اهو سچ آهي تہ زندگيءَ جي هن مختصر عرصي دوران اسان سڀ تيز رفتار جسماني، جذباتي ۽ ذهني تبديلين مان گذرندا آهن. ۽ اهو بہ سچ آهي تہ اُن جي نتيجي ۾ ڪجھہ سرڪشي ڏيکاري سگهن ٿا، پر درحقيقت ۾ هو عرصو عظيم قوت جو مالڪ ۽ نهايت اُميد افزا آهي.

اسان خود بہ ڪجھہ عرصو اڳ نوجوان هئاسين ۽ اسان کي ياد رکڻ گهرجي تہ اسان انهن تبديلين سان ڪيتري قدر متاثڙ ٿيا هئاسين، ڪڏهن باهمت هوندا هئاسين ۽ ڪڏهن بزدل، ڪڏهن ڪڏهن اسان ملنسار ٿي ويندا هئاسين ۽ ٻئي وقت شرميلا، اسان اڪثر اڪيلو رهڻ جي خواهش جو اظهار ڪندا هئاسين جڏهن دل ۾ توجہ حاصل ڪرڻ جي اُميد ڪندا هئاسين اسان وٽ ڪهڙيون قابليتون ۽ صلاحيتون موجود آهن. اهو اسان جي لاءِ اهميت واري ڳالهہ آهي تہ ٻيا ماڻهو ڪهڙي طرح ڏسڻ ٿا ۽ هو اسان جي خيالن جي باري ۾ ڇا سوچين ٿا. جيڪا چيز سمجهڻ ضروري آهي اُها هي آهي تہ اِن قسم جو رويو عارضي هوندو آهي. انسان جي زندگيءَ ۾ انهن سالن دوران ڪجھہ ذهني قوتون تيزي سان ترقي ڪنديون آهن، اسان وجود بابت بنيادي سوالن جا جواب تلاش ڪرڻ شروع ڪندا آهيون اسان جي آسپاس جيڪو ڪجھہ ٿي رهيو هوندو آهي اسان اُن جو تجزيہ ڪندا آهيون ۽ اڪثر جيڪو ڪجھہ اسان کي سيکاريو ويو آهي. اُن تي سوال ڪندا آهيون، ۽ پرهن وانگر اسان پنهنجن وڏن جي ڳالهہ تي خود بخود عمل ڪرڻ جي لاءِ ايتري قدر مائل نہ هوندا خاص طور تي جڏهن اسان انهن جي قول ۽ فعل ۾ فرق ڏسون ٿا.

جيڪڏهن نوجوانن جي مدد ڪرڻي آهي تہ هو پنهنجي اُڀرندڙ قوتن کي بااثر انداز ۾ ڪم آڻين تہ لازمي آهي تہ انهن سنا ٻچن جهڙو سلوڪ ڪرڻ کان پاسو ڪيو وڃي. حضرت عبدالبهآء هن دور جي وضاحت هن طرح فرمائي آهي.

”ڪجھہ عرصي بعد هو جواني جي دور ۾ داخل ٿيندو آهي. جنهن ۾ اُن جي گذيل حالتن ۽ ضرورتن تي نوان تقاضہ چائنجي ويندا آهن. جيڪي درجي م اُن جي پيشرفت جي لاءِ لازمي هوندا آهن. اُن جي مشاهدي جا شعبہ وسيع ۽ گهرا ٿي ويندا آهن. اُن جون فڪري صلاحيتون تربيت حاصل ڪندي بيدار ڪيون وينديون آهن. ٻالڪپڻ جون حدون، قيد ۽ اُن جو ماحول هاڻي وڌيڪ اُن جي قوتن ۽ ڪاميابين کي روڪي نٿو سگهي ٿو.“ (35)

- بيت العدل اعظم الاهي امربهائي جو اعليٰ انتظامي ادارو هن طريقہ ڪار جنهن ۾ جيڪو نوجوانن سان ڪم ڪرڻ جي لاءِ اسان اختيار ڪيو آهي هن طرح فرمائين ٿا:

"عام طور تي جتي دنياوي رجحانات ۾ هن عمر جي تصوير ڪشي مسئلن ۾ ڦاٿل، جسماني ۽ جذباتي تبديلي جي هيجان جي ڪرت ۾ گُم ٿيل ۽ بي حس، ۽ خود غرض جي طور تي ڪئي وڃي ٿي، اُتي بهائي سماج اُن لاءِ جيڪي ڪلمات استعمال ڪري ٿو. ۽ اُن انداز ۾ اُن منفي سوچ جي برعڪس مخالف ڏِس ۾ اڳيان جو جذبہ ، عدل جو هڪ اعليٰ احساس ڪائنات جي باري ۾ ڄاڻڻ جو شوق ۽ هڪ بهتر دنيا جي تعمير ۾ مدد ڪرڻ جي آرزو ڏي ٿو." (36)

اليهاندرا ۽ بياتريس اُن ڪانپوءِ پنهنجي توجہ روحاني طور تي بااختيار ڪرڻ جي پروگرام طرف موڙيو ۽ اُن جون ڪجھ خاصيتن جي نشاندهي جي ڪوشش ڪئي.

- اُهي جيڪي 12 ڪان 15 سالن جي عمر جي درميان آهن.

دوستن جي هڪ اهڙي گروپ شوق رکن ٿا. جن سان هو پنهنجا خيال ونڊي سگهن منصوبن تي ڪم ڪري سگهن، راند ڪري سگهن ۽ اهڙي قسم جون ٻيون سرگرميون ڪري سگهن. اُن سبب جي ڪري هي پروگرام هڪ "نوجوانن جو گروپ" جي تصور تي ٻڌل آهي. هر گروپ جي رهنمائي هڪ "ايني ميٽر" ڪندو آهي جيڪو اڪثر انهن کان ڪجھ وڏي عمر جو جوان هوندو آهي. ۽ جيڪو هڪ حقيقي دوست جي حيثيت سان گروپ جي ميمبرن جي صلاحيتن کي وڌائڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

- گروپ باقاعدگي سان ملندا آهن. پنهنجي جلسن ۾ نوجوان گهر تصورن جي کوجنا ڪندا آهن ۽ نڪتہ چيني ۽ بي عزتي جي خوف کانسواءِ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندا آهن. انهن جي حوصلہ افزائي ڪئي ويندي آهي تہ هو غور سان ٻُڌن، ڳالهائين، غور و فڪر ڪن، تجزيہ ڪن، فيصلا ڪن ۽ اُن تي عمل ڪن.
- اسان هڪ اهڙي وقت ۾ جي رهيا آهيون، جڏهن تہ تمام گهڻيون منفي قوتون نوجوانن جي سوچڻ ۽ برتاءُ ڪرڻ جي انداز کي متاثڙ ڪن ٿيون. ايني ميٽر انهن قوتن جو مقابلہ ڪرڻ ۾ انهن جي  مدد ڪندا آهن، يعني نہ صرف خود کي سماج جي اخلاقي زوال کان بچائي سگهن بلڪ دنيا جي بهتري لاءِ ڪم ڪن.
- هي پروگرام انساني روح جي باطني قوتن جي نشو و نما ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهڙيون قوتون جيڪي نوجواني ابتدائي دور ۾ وڌندڙ درجن تي ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويندي‌ون آهن. خاص طور تي اهم سوچ ۽ اظهار جون قوتون آهن. نوجوانن کي پنهنجي اندر اهڙي زبان جي پرورش ڪرڻ گهرجي جيڪا دنيا جي باري ۾ عميق خيالن جو اظهار ڪرڻ ۽ واضح طور تي بيان ڪرڻ جي لاءِ تہ هو ادني کي ڪهڙي طرح تبديل ٿيندي ڏسڻ چاهيو ٿا ضروري آهي.
- نوجوان با مقصد زندگي جي بنيادي تصورن جي معنيٰ تي غور ڪرڻ جا مشتاق آهن. خوشي، اُميد ۽ ڪمال چند مثال آهن، افسوس تہ ماڻهو انهن خيالن جي باري ۾ سِطحي طريقن سان ڳالهہ ڪندا آهن. اهڙي طرح جي تصورن جي گهري سمجھ حاصل ڪرڻ، اهو ڄاڻڻ تہ روزمره جي زندگي ۾ اُن جو اظهار ڪيئن ٿيندو آهي. جيڪو انهن جي ذهنن کي هڪ عمده اخلاقي ڍانچہ جي تعمير ۽ سماج جي منفي قوتن جو مقابلہ ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي سگهي ٿو.

- تصويرن جي سمجهه ذهني پيشرفت جي لاءِ ضروري آهي. نوجوانن کي ڪڏهن ڪڏهن اسڪول ۾ مشڪلات کي مُنهن ڏيڻو پوندو آهي. چو تہ بنيادي تصورن کي سمجهڻ جي لاءِ خاطرخواه مدد ڪانسواءِ انهن سان مختلف مضمونن تي تمام گهڻي معلومات سکڻ جي توقع ڪئي ويندي آهي. هي پروگرام انهن کي اخلاقي، رياضياتي، سائنسي ۽ اهڙي قسم جي ٻين موضوعن جي باري ۾ گهرائي سان سوچڻ جي حوصلہ افزائي ڪري ٿو. اُن سان اسڪول ۾ انهن جي ڪارڪردگي ۾ مستقل بهتري ايندي آهي.
- نوجوان شين کي سمجهڻ جي وڏي آ روز رکندا آهن. هو آسپاس ٿيندڙ واقعن جي سببن کي سمجهڻ چاهيندا آهن ڪامياب ٿيڻ جي لاءِ انهن جي لاءِ ضروري آهي نہ صرف پنهنجي جسماني اکين سان ڏسڻ جي قابل هجن، بلڪ روحاني اکين سان بہ ڏسي سگهن. بس هن پروگرام جو هڪ اهم مقصد روحاني بصيرتن کي وڌائڻ آهي، يعنيٰ روحاني قوتن کي سڃاڻڻ ۽ درپيش حالتن ۾ روحاني اصولن جي نشاندهي ڪرڻ جي قابليت.
- هي پروگرام پنهنجن مختلف مقصدن يعني، اخلاقيات، روحاني بصيرت، ۽ اظهار جي قوتن جي نشو و نما کي درسي مواد جي هڪ سلسلي جي مدد سان حاصل ڪندو آهي. اهو درسي مواد دنيا جي مختلف حصن سان نوجوانن جي زندگين جي ساده ڪهاڻين تي مشتمل آهي. هن مواد جو گڏجي مطالعو ڪرڻ، اُن جي متن تي تبادلہ خيال ڪرڻ ۽ مطلوبہ مشقون مڪمل ڪرڻ کان علاوه نوجوان راندين ۾ حصو وٺندا آهن. فن ۽ دستڪاري سِکندا آهن اپني ميٽرن جي مدد سان گروپ خدمت جي پروجيڪٽن جي وسيلي نوجوان سماج ۽ اُن جي ضرورتن جي باري ۾ سوچڻ، مشوره ڪرڻ پاڻ ۾ ۽ سماجي ۾ ٻين سان همڪاري ڪرڻ سيکندا آهن.
- درسي مواد ۾ مختلف موضوعن کي سمايو ويو آهي ۽ هر هڪ اهڙي موضوع تي آهي. جيڪو نوجوانن کي روحاني طور تي با اختيار ڪرڻ جي لاءِ ضروري آهي. مثال جي طور تي پهريون درسي مواد "تائيد" جي موضوع کي پيش ڪري ٿو. يعنيٰ تہ خدا انهن ڪوششن جي تائيد ڪري ٿو. جيڪي اسان عظيم اهداف کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪندا آهيون. هڪ ٻيو مواد "اُميد" جي باري ۾ آهي يعنيٰ مشڪل ترين حالتن باوجود بہ اسان کي مستقبل طرف اُميد سان ڪهڙي طرح ڏسڻ گهرجي. هڪ ٻيو مواد "ڪمال" جي تصور جو تجزيہ ڪري ٿو. هڪ ٻي ڪهاڻي جو عنوان "خوشي" آهي. جڏهن تہ لفظ جي قوت" هڪ ٻئي مواد ۾ غور و فڪر جو موضوع آهي. رياضي جي تصورن کي مخاتب ڪرڻ وارن موادن مان هڪ منظم ذهن جي عادتن کي ڳولڻ جي ڪوشش. سائنس جي ميدان ۾ هڪ اهڙو مواد آهي. جيڪو جسماني، ذهني ۽ روحاني صحت جو خيال رکڻ تي توجہ ڄمائي رکڻ لاءِ آهي ۽ وڌيڪ تقريبا ٻارهن ٻيا مواد موجود آهن. جيڪي ٽن سالن جي دوران نوجوان پڙهندا آهن.

اليهاندرا ۽ بياتريس طئي ڪيو تہ پاڻ سان چند خاص ڪتاب کڻي وڃن تہ جيئن جيڪڏهن والدين چاهين تہ اُنهن تي نظر وجهي سگهن ٿا. جيڪڏهن اوهان درسي مواد کان واقف نہ آهيو تہ اوهان جي لاءِ مدد گار ٿيندو تہ ڪجهه وقت لڳائي جيترو ممڪن هجي ڪهاڻين جو مطالعو ڪري وٺو. اُن سان

اوهان سماج ۾ (تهه ڪشا مثنوع) گفتگو کي بهتر طور تي اڳيان وڌائڻ جي قابل ٿي ويندا. انهيءَ دوران اوهان جي حوصله افزائي ڪئي ٿي وڃي ته پنهنجي اسٽڊي سرڪل جي گروپ جي ٻين شريڪن سان مٿين خيالن کي پوري طرح خيالن جي ڏي وٺ ڪريو. جنهن ڪتاب 5 ۾ زياده گهرائي سان توجه ڏني ويئي آهي. جيڪڏهن اُن ڪتاب جي مطالعي ڪانپوءِ اوهان ڪنهن نوجوانن منظم انداز ۾ گروپ جي شريڪن جي خاندانن سان ملاقات ڪندا. ۽ انهن سان انهن تصورن ۽ انهيءَ قسم جي ٻين تصورن جي ڪوجنا ڪريو. پر هينئر به بياتريس وانگر اوهان چاهي سگهو ٿا ته پنهنجي سماج ۾ نوجوانن جي گهر وارن سان ڪجهه تجربي ڪار دوستن سان گڏ ملاقات ڪريو.

## حصو 15

اڳين ڏينهن اليهاندرا بياتريس ٽن نوجوانن سان سندن گهر ملاقاتون ڪيون. جيڪي محلي ۾ تشيڪل ٿيندڙ نيئن گروپ ۾ شامل ٿيندا. بياتريس هن جوش ۽ جذبي کي ڏسي خوش آهي. جيڪو والدين ۾ روحاني بااختياري جي پروگرام جي باري ۾ گفتگو دوران نظر اچي ٿو. ٻنهيرن بعد هو قائل ٿي ويئي. ته نوجوانن جي گروپ سان اليهاندرا جي مدد ڪندي ۽ اُميد ڪري ٿي ته سال دوران خود هڪ نئين گروپ جي اينمي ميٽر جي حيثيت سان خدمت ڪرڻ سِڪندي. التبه هو اهو سمجهي ٿي ته اُن کي هن دوران انسٽيٽيوٽ جا ڪجهه ڪتاب مڪمل ڪرڻا آهن، پر هو انهيءَ مستحڪم رفتار سان اُن جي مطالعي ۾ اڳيان وڌڻ جي لاءِ پُرعزم آهي. جيڪو اُن کي هيستائين وني ويو آهي. بس اهڙي طرح اليهاندرا جي مسلسل مدد ۽ حوصله افزائي سان بياتريس خدمت جي راهه تي هلڻ شروع ٿي وجي ٿي. چنانچه اچو ته اسان ٻيهر اُن جي ڪهاڻي کي چند مهينن تائين جاري رکون ٿا. جڏهن هوڪتاب 3 مڪمل ڪرڻ واري آهي. اُن جي اسٽڊي سرڪل جي ٽيوٽر ماريبل سان جيڪا ٻچن جي ڪلاس جي مُعلم آهي. کي گذارش ڪئي ته هو بياتريس ۽ اُن جي شريڪ ساٿين کي پاڻ سان گريڊ 1 جي هڪ نئين تشيڪل ٿيل ڪلاس جي ٻچن جي والدين سان ملاقات ۾ واري واري سان همراهي جي دعوت ڏي. بياتريس سمجهي ٿي ته اُن ڪتاب 3 جي مطالعي مان گهڻو ڪجهه سِکيو آهي ۽ هو اليهاندرا جي چند پيرا ذڪر ڪرڻ سان جاڻي ٿي ته هن ڪتاب مان حاصل ٿيل بصيرتون بطور اينمي ميٽر خدمت ڪرڻ جي اُن جي صلاحيت کي وڌائيندي.

جڏهن هو ملندا آهن ته ماريبل بياتريس کي ٻڌائي ٿي ته هوايما جي والده سان ملاقات ڪرڻ ويندا سون. ماريبل ٻڌائي ٿي ته ”هو هڪ خوش مزاج ننڍڙي ڇوڪري آهي جيڪا سکڻ جو شوق رکي ٿي.“ اُن جي والدين سان پهرين به هڪ ڀيرو ملاقات ڪري چڪي آهي. انهن کي ٻهائي ٻچن جي ڪلاس جي نوعيت بابت وضاحت ڪئي. انهن ايما کي شرڪت ڪرڻ جي خوشي سان اجازت ڏيئي ڇڏي. اُن جي والده ڪلاس جي باري ۾ وڌيڪ ٻڌڻ لاءِ دلچسپي جو اظهار ڪيو ته مون وعدو ڪيو ته ٻيهر اچي هن مواد جي بنيادي تعليمي نظرين جي باري ۾ ڪجهه ڳالهه ٻولهه ڪنداسين. جيڪا اسان سيڪاريون ٿا. دراصل مون خود پنهنجي لاءِ ڪجهه لکيا آهن. جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا ته اسان گڏجي انهن کي هڪ

نظر ڏسي سگھون ٿا. ۽ اُن تي گفتگو ڪري سگھون ٿا، ”بياتريس اُن سان اتفاق ڪري ٿي. هي اُهي نڪتا آهن جن تي هو خيالن جي ڏي وٺ ڪري ٿي:

- سڀ کان اڳ ۾ بيگم مارٽينيز کي ٻڌائيندس ته ايما جي ڪلاس ۾ هجڻ سبب آءٌ ڪيتري خوش آهيان ۽ اُن جي چند قابل تعريف خاصيتن جو ذڪر ڪندس.
- اهو مناسب لڳي ٿو ته حضرت بهاءَ الله جي مبارڪ آثارن مان هن اقتباس کي پڙهڻ ۽ ڳالھ ٻولھ جو آغاز ڪريون.

”اوهان انسان کي هڪ کاڻ سمجھو جيڪا هيرن، جواهرن بيش قيمت موتين سان پريل آهي. فقط تعليم و تربيت ئي اُن کي اُن قابل بنائي سگھي ٿي ته هو پنهنجن خزانن کي ظاهري ڪري ۽ نوع بشر کي اُن قابل بڻائيندي ته هو اُن مان فائده وٺي سگھن ٿا.“ (37)

- اُن کان پوءِ هن باري ۾ ڪجھ خيال شيئر ڪري سگھان ٿي ته بطور هڪ مُعلم هن بيان مون کي ڪيترو متاثر ڪيو آهي. آءٌ چونديس ته جڏهن به آءٌ ڪلاس ۾ موجود ٻچن طرف ڏسان ٿي ۽ انهن کي انمول جوهرات سان پريل کاڻين مثال سمجهان ٿي ته منهنجي دل خوشيءَ سان پرجي ويندي آهي. انهن مان هر هڪ ملڪوتي صفتن کي ظاهر ڪرڻ جي اهليت رکي ٿو. انهن مان هر هڪ ۾ اهڙيون قابليتون آهن جن کي ڳولي نشو و نما ڏيئي سگھجي ٿي. انهن مان هر هڪ وڏو ٿي سماج جو هڪ قيمتي رُڪن بنجي سگھي ٿو ۽ دنيا جي بهتري ۾ حصو وجھي سگھي ٿو.
- پوءِ مون کي شايد انهن جواهرن جون ڪجھ مثالون ڏيڻ گھرجن. جن کي تعليم و تربيت وسيلي هر ٻار ۾ ظاهر ڪرڻ جي جدوجهد ڪرڻ گھرجي. آءٌ ذهن جي ڪجھ قوتن جو ذڪر ڪري سگھان ٿي. مثال طور فطرت جي قانونن کي ڳولي لهڻ خوبصورت فن پارن کي تخليق ڪرڻ ۽ نيڪ خيالن جو اظهار ڪرڻ. آءٌ اِها به وضاحت ڪنديس ته اُن وقت انهن تمام قوتن کي خود ۾ نشو و نما ڏيئي سگھن ٿا. جڏهن انهن کي مناسب تعليم و تربيت ملندي هجي. پر اهڙو هئڻ جي لاءِ انهن کي ننڍي عمر ۾ ئي ڪجھ خاص صفتون حاصل ڪرڻيون پونديون. مثال طور تي انهن کي توجہ ڏيڻ، ضرورت پوڻ تي سخت محنت ڪرڻ ۽ جو ڪجھ هو ڪري رهيا آهن ان تي توجہ ڄمائي رکڻ سگھڻو پوندو. انهن کي وڏو ٿي ڪري اهڙا انسان بنجڻ گھرجي جيڪو ٻين جي ڀلائي جي باري ۾ فڪرمند هُجن ۽ جيڪي سماج جي خدمت ڪرڻ چاهين ٿا. اُن ڪري ننڍڙي عمر ۾ ئي انهن جي ڪردار جي نشو و نما تي توجہ ڏيڻ انتهائي اهم آهي.
- تڏهن اهو هڪ سنو موقع هوندو ته بيگم مانٽينيز کان سندس خيالن بابت پڇو ته هو پنهنجي ڌيءَ کي ڪهڙو انسان بنجندي ڏسڻ چاهي ٿي؟ ڪردار جون اُهي ڪهڙيون خاصيتون آهن، جيڪي اُن جي خيال ۾ ”ايما“ ۾ هجڻ ضروري آهن؟
- جن صفتن جو هو ذڪر ڪندي انهن مان چند يقيناً روحاني صفتن جي لسٽ ۾ اينديون. جيڪي هو ايندڙ موضوع هوندو جنهن کي آءٌ متعارف ڪرائيندس. آءٌ چونديس ته چند اهڙيون خصوصيات آهن، جيڪي انسان ۾ هئڻ گھرجن. جيڪي انساني وجود جي لاءِ بنيادي آهن هو انسان جي روح

سان تعلق رکن ٿيون. جڏهن اسان پنهنجي دلين جي آئيني کي چمڪائيندا آهيون ته اهي خدا جي صفتن جي عڪاسي ڪري سگهي. تڏهن اسان انهن خاصيتن جي نشو و نما ڪري رهيا هوندا آهيون. انهن کي اسان روحاني خوبيون چوندا آهيون. ۽ اسان جيڪي سبق گريڊ 1 جي پنهنجي ڪلاسن ۾ پڙهائيندا آهيون. اُهي زياده طور تي انهن خوبين تي مرڪوز آهن.

آءٌ سوچيان ٿي ته آخر ۾ ڪتاب 3 ۾ گريڊ 1 جي سبقن ۾ مخاطب ڪيل چند روحاني خوبين کي ڳڻايون ۽ انهن بابت اقتباسات پيش ڪريان، آءٌ اهو ٻڌائيندس ته ”ايما“ انهن اقتباسات کي حفظ ڪندي ۽ هو پنهنجي ڏيءَ کي چئي سگهي ٿي ته انهن اقتباسن ۽ دعائن کي جيڪي هو زباني ياد ڪندي. تلاوت ڪري ٻڌائي.

**محبت**

”اي دوست! پنهنجي دل جي باغ ۾ محبت جي گلن کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه پوک...“ (38)

**انصاف**

”انصاف جي راهه تي هلو چو ته يقيناً اهو ئي سڌو رستو آهي.“ (39)

**سچائي**

”سچائي تمام انساني خوبين جو بنياد آهي.“ (40)

**خوشي**

”اي فرزند انسان! پنهنجي دلي سرور سان مسرور ٿي. ته جيئن تون منهنجي ملاقات جي قابل ٿي وڃين ۽ منهنجي جمال کي منعڪس ڪري سگهين.“ (41)

ماريبل ۽ بياتريس فيصلو ڪيو ته مٿين ڏنل نظريا فقط هڪ ملاقات جي لاءِ ڪافي آهن. اوهان خود به جلد 3 جي مطالعي طرف وڌندا. ۽ اوهان کي چند اصولن تي غور ڪرڻ جو موقعو ملندي جيڪو ٻچن جي روحاني تعليم و تربيت جي لاءِ روحي انسٽيٽيوٽ جي ڇهه ساله پروگرام کي شڪل ڏيندا آهن، جيڪڏهن هن کان اڳ ۾ اوهان کي ٻچن جي ڪلاس جي مُعلم سان چند والدين سان ملاقات ڪرڻ جو موقعو مليو ٿو ته جيڪي نظريا هتي ڏنا ويا آهن، اُهي اوهان جي لاءِ مددگار ثابت ٿيندا. اوهان کي هاڻي هڪ هڪ ڪري پنهنجي اسٽڊي سرڪل جي گروپ ۾ هنن نڪتن تي تبادله خيال ڪرڻ گهرجي.

## حصو 16

اسان حضرت عبدالبهاءَ جي هنن جملن کي پهرين پڙهيو هو:
ماڻهن درميان رفاقت ۽ يڪجهتي جا ٻنڌڻ جيتري قدر مضبوط هوندا تمام انسان فعاليت جي ميدان ۾ ٿيندڙ تعمير ۽ ڪاميابين جي قوت ايتري قدر عظيم هوندي. بيت العدل اعظم الاهي اسان کي ٻڌائين ٿا ته ٻين جي گهرن تي ملاقاتن جي لاءِ وڃڻ ۽ پنهنجي گهر ۾ ٻين کي دعوت ڏيڻ سان اسان جي روحاني دوستي جي ٻنڌڻن کي مستحڪم ڪري رهيا آهيون. جيڪو سماجي اهم وابستگي جي احساسن کي وڌائي رهيو آهي. بس اسان کي پنهنجي ترقي ڪندي سماج جي ثقافت تي عملي قدم جي اثر کي ڪمتر نه سمجهڻ گهرجي.
گذريل حصن ۾ اسان ڪيترين متفرق ۽ متنوع گفتگو کي ڏٺو جيڪو هڪٻئي جي گهرن تي ملاقاتن جي دوران ڪري سگهجي ٿي. اسان سڀ جيئن جيئن خدمت جي راهه تي هلنداسين ته پنهنجي ڳوٺ، شهر يا محله ۾ پنهنجي انفرادي ۽ اجتماعي زندگين تي حضرت بهاءَ الله جي تعليمات کي لاڳو ڪرڻ جي باري ۾ هڪ توسيع پزير گفتگو ۾ حصو وٺنداسين ڪجهه وقتن ۾ اِها گفتگو رسمي ملاقاتن جي هڪ سلسلي وسيلي ته (تهه ڪشائي) ظاهر ڪامياب ٿينديون. جيڪي وڌندڙ تعداد ۾ نفوس کي اُن قابل بنجڻ جي لاءِ ته هو انهن تعليمات ۾ پنهنجي علم کي گهرو ڪري سگهن. منظم ڪتي ڪيون وينديون. ڪيترن ٻين موقعن تي انسٽيٽيوٽ جي تعليمي پروگرام اُن جا مقصد ۽ مواد ڳالهه ٻولهه جو موضوع رهندا. سماج سازي جي عمل ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت کي وڌ کان وڌ دوستن ۽ پاڙيوارن کي ڏني ويندي. جيئن جيئن اوهان مستقبل طرف ۽ خدمت جي اُن رستي طرف ڏسون ٿا جيڪو اوهان جي طرف ڦهليل آهي ته اوهان کي گهرجي ته هن يونٽ ۾ پيش ٿيندڙ مواد کي سٺي نموني سکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪريو ۽ هر موضوع تي گفتگو ڪرڻ جو تجربه حاصل ڪريو ۽ يقيناً حضرت بهاءَ الله جي تعليمات بابت پنهنجي علم کي وڌيڪ گهرو ڪرڻ جاري رکو اهڙي طرح خدا جي ڪلام کي ٻين جي اڳيان پيش ڪرڻ جي نتيجي ۾ هي ڪڏهن به ختم نه ٿيندڙ خوشي اوهان کي حاصل ٿيندي.